# نکريو آهي نينهن

(شاعري)

## نارايڻ شيام

مرتب

مصطفيٰ نانگراج



روشني

# نڪريو آهي نينهن

## نارايڻ شيام

(شاعري)

مرتب

مصطفيٰ نانگراج

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

1999ع

Roshni Book No.140

# نکريو آهي نينهن

شاعر: نارائڻ شيام
مرتب: مصطفيٰ نانگراج
ٽائيٽل ڊيزائين: عبدالرسول عباسي
ڇاپو پهريون: © روشني، 1999ع
ڪمپوزنگ ۽ پرنٽنگ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ.
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ.

NIKHRIO AAHAY NEENHUN

Poet: NARAYAN SHYAM
Compiled by: Mustafa Nangraj
First Edition: © Roshni, 1999
Composed & Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.

## انتساب

هي ڪتاب "نڪريو آهي نينهن"
نارايڻ شيام جي دوست
شيخ اياز جي نان‏ءُ
جنهن شيام لاءِ لکيو هو:

هي سنگرام
سامهون آ نارائڻ شيام
هن جا منهنجا ٻول ٻه ساڳيا
قول ٻه ساڳيا
هي ڪوتا جو ڪاڪ ڏٺي ءِ
منهنجا رنگ رتول ٻه ساڳيا
هن تي ڪيئن بندوق ڪڻان مان
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان .....

مصطفيٰ نانگراج

## فهرست


| | |
|---|---|
| مهاڳ | 7-16 |
| بيت | 17-18 |
| وايون | 19-33 |
| دوها | 34-55 |
| سورٺا | 56-60 |
| گيت | 61-90 |
| نظم | 91-147 |
| آزاد نظم | 148-158 |
| سانيٽ | 159-188 |
| ترائيل | 189-197 |
| تصويرون | 198-231 |
| قطعا | 232-271 |
| رباعيون | 272-312 |
| ڏسٽي | 313-326 |

# شاعري، شيام ۽ سندس شعري مجموعا

## مصطفيٰ نانگراج

هڪڙن ماڻهن يعني ڏاهن ماڻهن جو خيال آهي تہ سُونهن بدلجندڙ شيءِ آهي، جنهن کي ڪوئي دوام ناهي!، اُها وقت ۽ حالتن سان گڏ گهٽجندي، مُرجهائبي ۽ آخر ۾ ختم ٿي وڃي ٿي، جيئن ڪليءَ مان گلاب، گلاب مان پنکڙيون ۽ آخر ۾ ڇڻي زمين ۾ ملي مدفون ٿي وڃن گلن جو ڪيرو – چوڻ وارا ائين بہ چون ٿا تہ محبت/ عشق بہ خود ڪائي شيءِ ناهي بلڪ محبت جاندارن جي جنسي خواهشن مان ڦٽي نڪتل هڪڙو جذبو آهي، هڪڙو اُڌمو آهي، هڪڙي رڙِ آهي؛ جيڪا جنسي خواهشن سان گڏ اُٿي ٿي - ايستائين جو فطرت ۽ قدرت سان انسان جي محبت وارو جذبو بہ ڇهڻ، ويجهي ٿيڻ، ملڻ ۽ پڪڙڻ ڏانهن ئي اشارو ڪري ٿو- ساڳيءَ طرح هڪڙن فلاسافرن جو وطن پرستيءَ تي بہ اختلاف آهي تہ وطن پرستي محدود ذهني سطح رکندڙ ماڻهن جو فڪر آهي، ڇاڪاڻ تہ هر هنڌ هڪڙا اهڙا ماڳ، مڪان، جايون، جڳهون، رسمون، رواج ۽ ماڻهو وغيره هوندا آهن، جيڪي نہ ڏسڻ ۽ نہ وڻڻ جهڙا هوندا آهن ۽ ٻئي پاسي وري ڪنهن ٻئي وطن ۾ ڪئي دل کي گهائي ۽ ڦٽڪائي وجهڻ جهڙيون شيون هونديون آهن – تہ ان لحاظ کان اصل انساني جذبو تہ "ڇڳ پرستي" ئي اپري ٿو – ائين ئي انسان لاءِ بہ ڪِن جو پنهنجو انوکو ۽ نرالو نظريو آهي تہ انسان جيڪو فطرت جي اوک ڊوک ڪري رهيو آهي، سو خود پاڻ ئي چسو ۽ بنهہ وڏو گنڊ جو ڍير آهي — ۽ پاڻ ئي مڙني مسئلن جي جَڙَ آهي، جنهن خوبصورت ۽ معصوم فطرت کي پنهنجي ڪيل ڪارنامن سان بدصورتيءَ جي باهہ ڏانهن ڌڪليو آهي - انسان جي فطرت جي کوجنا لاءِ ڪوشان رهڻ واري جراحي ئي فطرت جي تباهيءَ جو سبب بڻجي رهي آهي — پر حتمي ماڻهو اهي بہ ناهن ۽ انهن جي راءِ بہ حتمي ناهي، ڏاها پيا بہ گهڻا آهن، جن جا خيال ڪي پيا آهن. جيئن ان لاءِ ئي ڪن جو چوڻ آهي تہ انسان ۽ فطرت بہ الڳ شيون ناهن، انهن جو جزءِ ۽ ڪل وارو رشتو آهي، اُهي ٻئي هڪ آهن، انسان دراصل فطرت جوئي

حصو آهي - ۽ فطرت جا خود متحرڪ آهي ۽ بدلجڻ ۽ بدلائڻ، وڌڻ ۽ گھٽجڻ جهڙيون خاصيتون رکندڙ آهي، سا پنهنجي جُز يعني انسان ذريعي تبديليون آڻي رهي آهي.

سونهن، سچ، عشق، وطن، انسان، فطرت، ڪُلُ ۽ جز وغيره، جي ادب جا بنيادي موضوع آهن، تن تي "بحث" ابد کان وٺي عقل ۽ فهم/ پيار ۽ پنهنجائپ/ چڙ ۽ ساڙ وچان ڳالهائيندو آيو آهي ۽ ازل تائين اهو بحث جو ساڳيو سريلو سفر جاري رهڻو آهي.

موضوع جي بنھ ئي گهرا آهن، تن تان بحث جيئن جيئن اسرارن جا پردا وڃي ٿو هٽائيندو، تيئن سي وڃن ٿا اڃان ئي گهرا ٿيندا - مٿي جن موضوعن جي حوالي سان ڪن فڪري بحثن جا اشارا ڏنا ويا آهن، سي جيتوڻيڪ پنهنجي دليلن ۾ سؤ سيڪڙو صحيح آهن، پر پوءِ بہ اهي حتمي ناهن، ڇو تہ انهن جي رد ۾ بہ ڪيئي وڏا فڪري بحث آهن، جن کي وري پنهنجا سگهارا عقلي دليل آهن – تہ اسرارن تان جيئن پردا کڄن ٿا تہ اهي تهان ئي وڌيڪ ڳوڙهي ڳجهارت ٿيندا ٿا وڃن - اسرارن اندر اسرار لڪل آهن - پر سقراط، جنهن جڏهن بہ بحثن جي پريل بازار ۾ دليلن جي بارش ڪئي، تہ تڏهن ٻڌندڙ سرمستيءَ وچان جهومي اٿيا ۽ هر دليل تي واهہ واهہ ٿي، پر پوءِ بہ سقراط سدائين بحث ائين ڇٽي سميٽيندو رهيو تہ هي سڀ ڪجهہ حتمي ناهي، اسرارن تان پردا اڃان بہ کڄندا - ليڪن ائين ئي کڄندا، جيئن اسان ڳالهايو - سقراط جو ڳالهين جو ڍير هو، تنهن وٽ سليقي سان ڳالهائڻ ئي سندس جيون جي ڪل ميراث هئي - ليڪن سچ اهو آهي تہ سڀ ماڻهو سقراط جيان ڳالهائي نٿا سگهن، سڀ ماڻهو اهو سليقو نٿا ڄاڻن - پر پوءِ بہ ماڻهو اسرارن مٿان پيل انهن ميرين ڳرُ جهڙين چادرن جي ڏيرن کي هٽائڻ ٿا چاهن - هُن کي بہ اظهار گهرجي - ڪو نئون ۽ نرالو اظهار - هُو بہ فطرت جي بحث جو حصو بڻجڻ ٿا چاهن – ۽ پوءِ ادب، موسيقي، مصوري وغيره سندن سهارو ٿين ٿا – پر انهن سڀني وسيلن مان وري شاعري انسان جي اظهار جو بنھ ئي سُريلو، دل ۽ دماغ ۾ پيهي ويندڙ ذريعو آهي، جو سقراط جهڙو داناءُ شخص بہ جڏهن زهر جي پيالي پيئڻ کان پهرين "روح سدا حيات" بابت بحث کي پنهنجي انجام ڏانهن وٺي وڃڻ وارو ٿئي ٿو تہ ڪيس هومر جي نظم جو سهارو وٺڻو ٿو پوي:

" تمام پري،
ڌرتيءَ اندر سڀ کان وڌيڪ اونهي کڏ آهي."

۽ ائين ئي هُن ڪرِيل پوڙهي هندستاني پروفيسر گرُو رجنيش، جنهن ٻين کان علاوه خودپرستن جي ملڪ آمريڪا جي سُڄن ماڻهن کان ويندي

اُمرائن ۽ شرفائن تائين جي دلين کي ب بخشن وسيلي باھ لڳائي ھئي، تنھن شخص کي ب پنھنجي اڪابريءَ جي حشمت جي ھڪڪرائيءَ لاءِ ميران، نانڪ، ڪبير وغيره جي شاعريءَ جو سھارو وٺڻوئي ٿي پيو - رجنيش جي ڳالھين جو سحر پنھنجي جاءِ تي ليڪن پوني اگرو رجنيش جي آشرم واري جاءِ ۽ تنبوچار جي تار ڪبير جي دوھي ذريعي ئي ڳنڍجي ٿي:

ڪبيرا کڙا بجار ۾ ليئي لُڪائي ھاٿ

گھر باري جو آپنا چلي ھماري ساٿ

۽ پوني جي پوڙھي جي پياڪ پيروڪارن تي خماري ب چڙھي ٿي تڏھن ٿي جڏھن ھو سندس واتان تحت اللفظ گيت ٻڌن ٿا:

کيي مندر سي ڀي اُٺني دو اذان کي آواز

کيي مسجد کي گھنٽيون کو ڀي بج جاڻي دو

پنجري کي طوطون کو دُھراڻي دو جھوٽي باتين

اپني مينا کو تو پَرِ کول چھچھاڻي دو

اُن کو کرني دو مُردا رسمون کي بربادي کا غم

ھمين نئين زمين نيا آسمان بناڻي دو

ايک دنِ اُن کو اُنا لين گي اِن سر آنکون پر

آج ذرا خود کي تو پائون کو سنڀل جاڻي دو

گيت کو اُٿني دو اور ساز کو ڇڙِ جاڻي دو

ذرا سنڀلني دو ميران کي ٽڙکتي پايل

ذرا گوتم کي سڌھي پائون بھک جاڻي دو.

— ۽ شيام ان ليکي تمام وڏو خوش نصيب شخص ھو، جو شاعري سندس اندر جي اٿٿڙ جي اظھار جو وسيلو ٿي - شيام سنڌي شاعريءَ جو محبوب ھو - ھُن شاعريءَ سان ڪئي انگل آرا ڪيا ۽ شاعريءَ وري عاشق زھر پياڪن جيان، سندس سڀئي حجتون سٺيون - سندس سڀئي انگل آرا ڪنيا - اھا ڪنھن ڪنھن ماڻھوءَ جي ئي خوشنصيبي ٿيندي آ جو ان کي اظھار جو اھڙو رستو ملي ويندو آھي، جو نہ رڳو ان جي اندر جو اورڻ ھوندو آھي، بلڪ ان جي ئي پيرن جا نشان ھين جا ب سونھان ٿي پوندا آھن — ۽ نارايڻ شيام سان ب اُھوئي ٿيو، جو ھو شاعر ٿي پير - ھاڻ ڪيس زمانا پيا ڳائيندا ۽ سندس اظھار ھين جو ب واھر ۽ وسيلوئي پوندو:

آدمي ٿو جئي بس ڳٽيل ڏينھن کي،

شعر جي زندگي سج سنئين نت نئين!

شيام گھڻ رخو شاعر ھو - ھونئن ب ڪيفيتن جا انبار ئي تہ شاعريءَ جي خوراڪ ٿي ٿئي- ھُن شاعريءَ جي پراڻي گلدان ۾ شعرن جا ايترا تہ نوان گل رکيا جو سنڌي شاعري نہ رڳو رات راڻيءَ جي خوشبوءَ جيان

سٽن واري نظم کي بهرحال سانيٽ نٿو چئي سگهجي – هونئن بہ شيام پاڻ ئي سانيٽن کي چوڏسيون سڏيو آهي، جيڪو چوڏهن سٽن واري پابنديءَ ڏانهن چٽو اشارو آهي.
مون شيام جي شاعريءَ کي ترتيب ڏيڻ وقت گهڻو ڪري پنهنجو رستو ورتو آهي، 'شاعريءَ' سان منهنجي پنهنجي بہ پراڻي نيازمندي آهي، اُن ڪري جتي جتي مون کي شيام جي ٻين پارکن سان اختلاف ٿيو آهي، اُتان مان شاعريءَ جي اصولن ۽ قاعدن تحت گذريو آهيان. جيئن مان جناب سڳن آهوجا صاحب سان ان ڳالهہ تي متفق نہ ٿي سگهيس، جنهن ۾ هُن، شيام جي "روشن ڇانورو" واري مجموعي جي مهاڳ ۾: 'سردار ڪري واپار - سهڻي ٿانوَ نڪر جا وڪڻي!' کي نظم سڏيو آهي، جڏهن تہ اُهو ٻوليءَ، خيال، روانيءَ ۽ اُٺت جي لحاظ کان مڪمل گيت آهي – اُن ڪري مون اُن کي گيتن واري حصي ۾ ئي رکڻ صحيح سمجهيو – اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪو مون سان بہ ڪٿي اختلاف رکي ۽ ان ڳالهہ جو ڪيس بہ اُوترو ئي اختيار هوندو جيترو مان پنهنجو پاڻ کي ڏيان ٿو، بلڪ جيڪڏهن ڪا مدلل راءِ آئي تہ مان اُن کي ڪليءَ دل سان قبوليندس – پر ائين ڪيئن مڪن آهي تہ جن گيتن جي مٿان عنوان ڏنل آهن، اُنهن کي صرف عنوان هُجڻ جي ڪري گيت مڃڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏجي – جيئن ڪن دوستن جو خيال آهي تہ گيتن مٿان عنوان ناهي ٿيندو، حالانڪ گيت کي عنوان ڏئي سگهجي ٿو، جيئن مختلف لوڪ گيت جهڙوڪ : بادليو، مٺيارو، ڪانگلڙو وغيره آهن.
بس پيارو شيام عجيب شخص هو جنهن سان جنهن کي جيئن ٿي وڻيو تنهن تيئن ٿي ڪيو – هُن يا تہ پنهنجي سيني ڪتابن کي پاڻ ترتيب ڏنوئي نہ هو يا وري ڇپائڻ وارن يارن پنهنجي مرضي هلائي ڇڏي ۽ هو يارن جي ياريءَ آڏو ڪجهہ ڪين سگهيو!— نہ تہ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ 'واين' جي وچ ۾ شيام 'گيت' رکي ڇڏي!؟– جيئن "ماڪ پنا رابيل" (ڇپجڻ جو سال 1964ع، پاران اجنتا پبليڪيشن اجمير.) واري مجموعي جو پهريون حصو، جيڪو واين لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي، اُن حصي جي صفحي نمبر 12 تي:

پاڻ لڪائين ليڙا پائين!

۽ صفحي نمبر 19 تي:

ٽانڊاڻي جي لاٽ - رات انڌاري، پنڌ گهڻو!

وارا دراصل گيت آهن، جيڪي واين جي وچ ۾ ڏنا ويا آهن، جن کي مون گيتن واري حصي ۾ رکيو آهي– جڏهن تہ ان ئي ڪتاب جي آخري نظم واري حصي ۾ :

1. ويٺو ڪوئي نهاري. (ص.120)

# بيت

او سنگيت سُڄاڻ، ٻڌ- او سنگيت سُڄاڻ،
ڏيڏر، ڪوئل ساڻ- شرط رکي ڳائي رهيو!

ذرڙو ذرڙو پوڻ ۽ جو- پاڻ چمڪندو هاڻ،
اَپ جي کهڙي ڪاڻ- ڳٽي ڪٽي سڄ ترورا!

گل جي لاءِ گهٽي هٿي- هلڪي هلڪي ماٽ،
چوهي چوهي ڇاٽ- ڪيس نهوڙي ٿي نتيو!

ٻاهي مانارو سندن- ماڪي سندن لُٽين،
پوءِ بہ جي ڏنگين- ڏوهاري سڏجن مکيون!

مندر ۾ ڀڳوان لاءِ- بجلي اوت پروت،
ڇوُواٽي تي جوت- انسانن لاءِ وٽ وڏي!

چوندي پنهنجي منهن بہ تو- هاڻي شرم اڇيم،
جڏهن سو ياد پويم- عرض ڪري ڪنهنجي اڳيان!

ڏسيو هزارن رهبرن- هڪ ئي راهگذار،
رستا هيئن هزار - هڪڙي گمراهيءَ ڪيا!

ايڏي ڦهلي روشني- اُس ٿي ايڏي سخت،
پنهنجي ڇانوَ درخت- ويو سميٽي پاڻ ۾!

ڪڻ ڪڻ جرڪي پوءِ پي- هاءِ آڪين جي اڃ،
هيٺ هرڻ ۽ رڃ- واريءَ جون واتون وڏيون!

ورڪائي واتون هنئر- پانڌين لاءِ لوچين،
سچ ڏسي سوچين- ڇا سڀ پلجي ماڳ ويا؟

سورهه وينئي راتڙي- تارن جي تسبيح،
کهڙي ڪار قبيح- ڌرتيءَ وارن ڪان نه ٿي؟

پٽ تان چاپوڙا لٿل- در جا شيشا چور،
سڄ پڇائي پوُر- خالي هاڻ مڪان ۾!

مستقبل جي راهه تي- هُئو وقت جو پير،
سات ڇني ويو ڪير- اڄ ماضيءَ جي موڙ تي؟

گلي ملي طوفان ۾- ڊوڙي رک رک ساهه،
قبرستان مساڻ- مرڪيا پٽي پاٻوهه مان!

ڏس جهونجهڪڙي جي اُفق - ننڊ نهوڙيا، جاڳ،
آنبر پنءِ جو ياڳ- چميو چمي ڪٿن چوڄ مان!

# وايون

○

نڪري پيو آڪاس-
راڻو آيو ڪاڪ تي!

ڪنول ڪڪوريا ڪاڪ تڙين اڄ-
ڏئي وراڪا واس،
راڻو آيو ڪاڪ تي!

منڙي منڙي مُرڪ فضا جي-
سرهو سرهو سواس،
راڻو آيو ڪاڪ تي!

سڄ جون سونيون باڪون جرڪن-
سون ورن احساس،
راڻو آيو ڪاڪ تي!

لڪ چپ جون ٿيون راتيون پوريون-
برهہ پچائي باس،
راڻو آيو ڪاڪ تي!

سرچي ڪانڌ ڪيو اڄ آهي-
نيڻن منجهہ نواس،
راڻو آيو ڪاڪ تي!

○

کوئل جي ڪُونجار-
مون نہ جوانيءَ ۾ لکي!

هير ينيءَ جي اوٽ ۾
آئي جا هبڪار-
مون نہ جوانيءَ ۾ لکي!

پويت نچندا ٿي رهيا
رنگ رتي جهنڪار-
مون نہ جوانيءَ ۾ لکي!

نيري نڀ جي گهوُر ۾
هيئن اُڪير اپار-
مون نہ جوانيءَ ۾ لکي!

وٿڇ نجوئي نوُر جو
تارن جي بازار-
مون نہ جوانيءَ ۾ لکي!

کهڙيءَ ڏن ۾ ڏوڪبي
ويئي ڪيئن ڄمار-
مون نہ جوانيءَ ۾ لکي!

○

چانڊوڪيءَ جو چاھ-

ڪنهن نہ ڇمي رابيل ڪي!

سهڻي اُجلي روپ ۾
ڪنهن سپني جو ساھ-

ڪنهن نہ ڇمي رابيل ڪي!

ڏسندي ٿي هرڪيو هِنيون
نيڻن جو ويساھ-

ڪنهن نہ ڇمي رابيل ڪي!

هلڪي جنبش سان هوا
واسيندي وٽراھ-

ڪنهن نہ ڇمي رابيل ڪي!

ڪنهنجو ويٺيءَ واسطي
آلبيلو اُتساھ-

ڪنهن نہ ڇمي رابيل ڪي!

گونجي سرهي راڳڻي
مُرڪي شانت آٿاھ-

ڪنهن نہ ڇمي رابيل ڪي!

○

تهنجو ناتو راڻا- مومل لءِ سمجهائي!

ڪير پريا جي هتڙا- اڄ سي هنجن هاڻا،
مومل لءِ سمجهائي!

پؤنر پنيوليا جن تي- سي تہ ڪنوَر ڪوماڻا،
مومل لءِ سمجهائي!

سانگ ڏسي سومل جو- ڳهريا نيڻ نماڻا،
مومل لءِ سمجهائي!

ماڻن جي ماڳن تي- ورهہ وسايا پاڻا،
مومل لءِ سمجهائي!

ڪالهہ پچايو جن تي- اڄ تن لءِ پچاڻا ،
مومل لءِ سمجهائي!.

○

آءُ يُلِيءَ جي ياد- گڏجي گهاريون ڪي گهڙيون!

تنهنجي مُرڪ ڳراٽڙي- تنهنجو قرب رهاڻ،
گڏجي گهاريون ڪي گهڙيون!

گيت سُرن ۾ جئن پرين! - ياتهن ۾ اِئن آءُ،
گڏجي گهاريون ڪي گهڙيون!

چانڊوڪيءَ جي گود ۾- ٻهڪي جئن سرهاڻ،
گڏجي گهاريون ڪي گهڙيون!

ياڪر ۾ سرهاڻ جي- مهڪي جئن چانڊاڻ،
گڏجي گهاريون ڪي گهڙيون!

اُجلي سرهي رات ۾- ڪاڻ وڃهين ڇاڪاڻ؟
گڏجي گهاريون ڪي گهڙيون!

○

لڇندي گهاريم ساري رات-
نيڻين ننڊ نہ جهاتي پاتي!

سهڻي پونم رات سرءُ جي-
جاڳي جيءَ اندر جذبات،
نيڻين ننڊ نہ جهاتي پاتي!

چانڊوڪيءَ کي ڇاتيءَ لائي-
جاڳيس پئي مان ساري رات،
نيڻين ننڊ نہ جهاتي پاتي!

دل ۾ آهہ تہ لائي ويٺي-
اِن ڪوڙين جي سرهي هات،
نيڻين ننڊ نہ جهاتي پاتي!

گهُري پيڙ، آسيم سهائي-
جيءَ ۾ جهوري تن ۾ تات،
نيڻين ننڊ نہ جهاتي پاتي!

پيچ پنيءَ جو ڪُونج اُڏائي-
دک ۾ پاتي روح نجات،
نيڻين ننڊ نہ جهاتي پاتي!

○

منهنجي ٻڌن نہ دانهن-
خواب پڻ تنهنجا ٻوڙا!

ٻڌندي ٻاڪاريان پئي-
پر نہ وڌائن ٻانهن!
خواب پڻ تنهنجا ٻوڙا!

رڙان چيڙ ۾ ڏرتتي-
ڪو جو ڏيئم ڇانهن!
خواب پڻ تنهنجا ٻوڙا!

ڇوان آڇڻ جا ڏينهن ٿيا-
اُسريا سَرَ ۾ ڪانهن!
خواب پڻ تنهنجا ٻوڙا!

مان ليلايان، هو ڏسن-
آنهن ڪن يا نانهن!
خواب پڻ تنهنجا ٻوڙا!

○

رات پنيان پريات-

اي دل، ماندي ٿين متان!

ان تارن جي ڇانو ۾-

گـذري ويندي رات،

اي دل، ماندي ٿين متان!

ڪلنديءَ ٽنڊ ڪليءَ جيان-

سانت ۾ لنوندي لات،

اي دل، ماندي ٿين متان!

سُور ڇڏيندا ماڳ تي-

ڏڪـڙا ٿيـنـدا ڏات،

اي دل، ماندي ٿين متان!

ڪري موت جي هنج مان-

هر هر هات حيات،

اي دل، ماندي ٿين متان!

○

جرڪي پيئي جوءِ-
چيٽ جي سوني اُس ۾!

سنيران ڪونہ تہ اڳ ٽڙيا-
مگرا ھھڙي رُوءِ،
چيٽ جي سوني اُس ۾!

دل کي ڪنيو ڪنيو وجي-
البيلي خوشبُوءِ،
چيٽ جي سوني اُس ۾!

سوپيا جي روپا ھئي-
اکين ڏئي جا روءِ،
چيٽ جي سوني اُس ۾!

گونجي پريان مڙھيءَ منجھان-
صاف سڳيءَ جي ھُوءِ،
چيٽ جي سوني اُس ۾!

○

گهري گهري سانت-
گونج آڳاتي گيت جي!

آڌي رات، ڀني فضا -
تاريلي ايڪانت،
گونج آڳاتي گيت جي!

لهرائي لڻ لڻ آندر-
بادل- بجلي ڀانت،
گونج آڳاتي گيت جي!

ساز ڀڳل، چپ ڳائڻو-
مک تي ڪومل ڪانت،
گونج آڳاتي گيت جي!

○

پنهنجي ير ۾ جاءِ، پرين! ڏي پنهنجي ير ۾ جاءِ!
جنم جنم جي آهيان پياسي- منهنجي پياس بُجهاءِ!
پرين، ڏي پنهنجي ير ۾ جاءِ!
تنهنجو چنڊ ڪٿي مان جاڳان- منهنجو ديپ جلاءِ!
پرين، ڏي پنهنجي ير ۾ جاءِ!
تنهنجي پيڙ ڪٿي مان ڳايان- منهنجو ساز وڄاءِ،
پرين، ڏي پنهنجي ير ۾ جاءِ!
ڏُور ڪريان مان جڳ جي اوندھ- ڪِن ۾ سندم چمڪاءِ،
پرين، ڏي پنهنجي ير ۾ جاءِ!
تنهنجي آهيان، تنهنجي آهيان- پنهنجي مونکي ٻڌاءِ،
پرين، ڏي پنهنجي ير ۾ جاءِ!

o

پيار ڪٽي ڪنهن يي نہ ڏني، وو
در در آيو روح پِني!

نظرون آنڪيون تارن ۾، وو
ترقي يونء ميار ڏِني!

امرت ويلا. وِهه جي وَٽَ، وو
اِڪ جُون ٿلڙيون، پيچ پِني

وڻ تي چانگهيئه، تو سمجهيو، وو
ليڪن ڪنهنجي چانوَرِ چني!

سڏڪن تي جا شيام پَلي، وو
ڪلندي سا دل ڪٿَن نہ بِني!

○

دوُر دوُر هتَن دوُر - آلا،

اک چا تي ڳولي؟

ڪُونجُون ڪري قطار اُڏاڻيون

دوُر اُفق کان دوُر - آلا،

اک چا تي ڳولي؟

وڻڙي ويٺي ڪجلي ڪڪري

مِڙندي هاڻ نہ مُور - آلا،

اک چا تي ڳولي؟

اُباڻکي اُڀ ڏانهن نهاري

پيئي کهڙي پُور - آلا،

اک چا تي ڳولي؟

رات سهائي جمنا جرڪي

لهرُن ۾ وها-ورُ - آلا،

اک چا تي ڳولي؟

تارن پڻ ڪر موڙيا هاٿي

چندڙ ننڍ ۾ چُور - آلا،

اک چا تي ڳولي؟

○

هيءَ ڪنهنجي آڳنڊ-
مهڪيو ڦول گلاب جو؟

هلڪيون هلڪيون پنکڙيون-
هلڪي يني سڳنڌ،
مهڪيو ڦول گلاب جو!

سرهيءَ واٽ چڪي اچي-
پهچايو هن هنڌ،
مهڪيو ڦول گلاب جو!

سمجهي شيام سڳنڌ کي-
پرتان آيو پنڌ،
مهڪيو ڦول گلاب جو!

○

جهرمر جهرمر روشني-
ڪنهن جي ياد اچي رهي
هلڪي هوا لڳي رهي!

پن پن لرزي پپر جو-
اُس ڪي چانڊ ڇهي رهي
هلڪي هوا لڳي رهي!

وڃي سڳنڌ ٻه ٿهلبي-
گل جي شاخ جهڪي رهي
هلڪي هوا لڳي رهي!

اُڏن پکيئڙا پر پٽي-
اُس ٻه ڪين چمي رهي
هلڪي هوا لڳي رهي!

وارن جو چلڪو، آلا-
ڪامڻ جيئن وڃي رهي
هلڪي هوا لڳي رهي!

پاڇولو پاڻيءَ مٿان-
گويا نهر لڇي رهي
هلڪي هوا لڳي رهي!

# دوها

ماڪ مثل رڻندو رهيس- اونداهيءَ ۾ رات،
ڪرڻن سان ڳوڙها اُگهيءِ- پرڇائي پرڀات!

اڇا فضا ۾ پيو تري- مرليءَ جو آواز،
ڪُنج ڪُنج ڳولن سڪيون- برج ڄڄان جڳ راز!

گيتن جي ماڙيءَ منجهان- تڪي تڪي هِتَن ڪير،
لڪيءَ جي ڏاڪڻ تان لهي- رکندو هڪ هڪ پير؟

چانڊوڪيءَ جي آرسي- روپهلي ايڪانت،
پنهنجي سونهن ڏسي ڏسي- ڳائي پيئي سانت!

چانئي چوڏس چانڊني- ڊرتيءَ تي اِن ريت،
هردي تي جِئَن چانئجي- نازڪ نرمل پريت!

ڪرڻن ۾ قابو ڪري- جڪي روح کي چنڊ،
سڏ ٻڌ وڃيم پلجندي- ڪونہ منڊيوڙس منڊ!

پونهن جي هيءَ رات ۽- آڌيءَ جي ايڪانت،
گهري چنڊ جي سانت يا- منهنجي دل جي سانت!

دلڪش لهر خيال جي- راڳ ناچ جو روپ،
جِئَن چانڊوڪي رات ۾- گنگا ڌار آنوپ!

تيو اجالو پريم جو- ڪر موڙيا جذبات،
رات نہ رات سهاڳ جي - جيون جي پريات!

ڏسندي صورت سانوري - وريو اکين ۾ آب،
چڻ روشن آئيندي جو - ڏنڌلو ڏنڌلو خواب!

وک وک ڪٽندي ناز مان- گهر ۾ گهڙي ڪنوار،
ڪلي ڪلي تي باغ ۾ - پيئي منڊ بهار!

اِن پلڪن جي چانڻ ۾ - نرم نظر جي سيج،
ويئي رات سهاڳ جي - ڪري اکين ۾ ڪيج!

مڌر روپ، مڌّم مڌر- پائل جي جهنڪار،
ڦوهہ جواني، چڻ وڃي- آڌيءَ رات ستار!

لڏيس هلڻ سان پئي اٿين - ڏگها چلڪنا وار،
تان تان هر وار تان - واري راڳ ملهار!

وک وک ڪٿي هلي وئي- ٿي جڻ ٿي پريات،
تارو تي، وئي- شيام وهامي رات!

هر هر چو يڪجن اکيون- تو ۾ چاهي نيٺ،
سنيران ڪا هن ڪان اڳي- توسان ڏيٺ نہ ويٺ!

روپ وتي! آئين‌ء اٿين - گويا ٿي پريات،
پانيم چم چم چير جي- مني پکين جي لات!

روشن وارن ۾ سنڌ‌ءِ - صدين جو انڌڪار،
ياد آجنتا جي ڏئي - تنهنجو هي سينگار!

تنهنجي چهري تي نچن - چڳون نزاڪتدار،
ننڊيڙيون راتيون چيٺ جون- دل کي ڏين قرار!

رات اٿين ها سيج تي - وٽڙيل تنهنجا وار،
جڻ شاعر جي ذهن تي - ربط بنان آشعار!

جڏهن جڏهن جڳ ۾ ڏنم - سونهن پريو جنسار،
سونهن انهيء سرسو ڪيو- دل ۾ تنهنجو پيار!

درين جان منهنجون اکيون- پوء بہ نهارين چونہ،
عڪس ڏسي پنهنجو منجهن- وار سنوارين چونہ؟

ڏسندي تارن ڏانهن تون– جڏهن وسارين پاڻ،
اُپ تي هوند ڏسانءِ مان – نوَ لک نيٽڻ ساڻ!

راڄ اکين تي مڏ ڪري– هردي تي سنگيت،
سرس ٻنهي کان سندري– تنهنجو روپ ۽ پريت!

لڄ جي هيءَ لالي ڏسي – نڪريو آهي نينهن،
شيام، لڪائي جڏهن شفق – اُڀريو آهي ڏينهن!

نظر نظر ۾ پريت جا – مرم مڙهيل اِقرار،
آهي چپن تي ٿي فقط – مرڪ پريل ناڪار!

ڳهرين ته ٻڌجي آرسي– شبنم جي هر بوند،
چنڊ به ڪرڻن جي ڦٽي– ٿاهي ڏيئي هوند!

گلشن مان گل، سمنڊ مان– موتي ڪنيم هزار،
جڏهن پيي چاهين دل وٺان– ڪر تون هار سنگار!

بادل مان بجلي لڇي– چمڪو ڪندي ضرور،
هاءِ جواني چلولي – گهونگهٽ ۾ مجبور!

هن هُن پن سان پٺي لڳي– مڪڙي ٻٽي اڏ ير،
هاءِ جوانيءَ جي هوا – ڦڙڪي سڄو سرير!

لاتيون لنونديون ڪوئلون– انب جهلين ته ٻُور،
چاهينِ مَنَ چاهينِ سي – مند ڪندن مجبور!

اُن جي ناز نهار جو - اي دل! ڪج نہ وڏاءُ،
خاص نہ آهي پونر لءِ - گل جو رنگ هڳاءُ!

گذريو سک جو ڏينهن، يا- ڦٽي پرهہ جي ٻاک،
تنهنجي نيڻن ۾ شفق - ڇاجي آهي ساک؟

ڪا سهڻي صورت ڏسي- جهٽ دل ٿئي بيتاب،
ساپيا ٻئجي جڻن نہ ڪو - آيو هجيمہ خواب!

بادل ڏنس نہ اک پٽي- نچيو گهٽو ٿي مور،
اي البيلي گوپڪا - ڪيڏو شيامہ ڪٺور!

ٻارج لڙڪن جا ڏيا- روشن رکجن لاٽ!
اي مومل، راڻو متان - ڀلجي مَٽي نہ واٽ.

جاڳ جاڳ مومل مٺي - جاڳ سهاڳڻ جاڳ،
موٽي وڃي نہ مينڌرو - پٽي نہ ڏيئي ياڳ!

جڳ تي ڇانئي چاندني - جيءَ اندر جذبات،
هاءِ، مٺيءَ جان ننڍڙي - وڃي وهاميو رات!

ترسي رهندي ڪيترو - ويچاري هيءَ رات،
آءُ سڄڻ، هائي سگهو - تارن ڪي نہ ثبات!

رات، صبح ڪيئي ٿيا - راهوتڪي تو ڪاڻ،
ٺاريم، ٻاريم شمع جا - پيري پيري ساڻ!

مون کي جڳ گذري ويا- راهہ تکيندي رات،
ملڻ - گهڙيءَ لئي اُف رهي- آسائتي حيات!

چيٽ وريو يا يُگ وريو- آئي "کنهنجي" سار،
اڄ ڪٿ اوياري هلي- شيام سمي جي ڏار؟

ساوَن جي سرهاڻ سان- آئي سُرهي هير،
لڙڪن جي چانڊاڻ سان - چمڪي فضا سڏير!

ڦري اکين ۾ سا ڇبي- ڪلي ڪري گفتار،
شيام ڪنول تي ڀؤنر جئن- ڀري ڪري گنجار!

سُرهي هير تڏي تڏي - سج جو نرم شعاع،
گل سان شبنم تي ڪَئي- کهڙي وقت وداع!

ويهہ تہ دل او.يون پرين!- باقي آهي رات،
هئَن نہ وجهہ ڊاڪ جلد ڪر- اجان پري پربات!

لهر ڪناري ساڻ جئَن- تون بي ائن مون ساڻ،
گڏ گهاريندي هر گهڙي- پرين، ڇڏائين پاڻ!

وک وک تي پائل لچي- ڪري پڪار؛ نهار،
جوين تہ نہ پابند ٿئي- سونهن بہ ڏينهن بہ چار!

محب! ملون نہ ملون وري- ياد رهي نہ رهيم،
ويهہ ٻڌي وڃ ڳالهڙي - من اُڏکو تہ لهيم!

ساٽ اسان جو جنهن ڏنو- ڪولي نوَ لک نيڻ،
ڏار نه ٿي، نه ته رات سا- ورندي ڏيندي ويڻ!

نيڻ سڪايا ننڊ، من!- تون ته نه ڪر اُڏُ ماند،
سپنن ۾ نه ته ڏيان ۾- "هن" سان ٿئي هيڪاند!

آهه اوهان لاءِ اي اکيون- هنجون هارڻ راند،
پر اُس کهڙيءَ ۾ وڃي- آءُ سڪايان پاند!

هڪ هڪ منڙيءَ مرڪ ۾- شامل سؤ سؤ سوُر،
هنسي خوشي جي جشن جا- جڳ ۾ هي دستور!

ساٿ نه سورن جو ڇڏي- جيسين آهه پساهه،
ڪُڙڪي يا مُرڪي، مگر- ڪرڻو آهه نباهه!

ٻاراڻو ٻُٽتي ڪڏهن- دل ڪان ٿيا نه دور،
رهيو پرينءَ يا پيٽ جي- چنتا ۾ چت چوُر!

آٿت جي آشا رکي- پکڙيم جن جو پاند،
ڳوڙهن سان آلو ڏٺم- انهن سين جو پاند!

ڪير ڏکيءَ کي ڏڍ ڏئي- پکڙيان ڪنهنجو پاند،
ڳوڙهن سان آلو ڏٺم- بس جنهن تنهن جو پاند!

سطحي نظرن سان ڏسي- يانيم گهاءُ به ڦول،
ڏيکاريو گهريءَ نظر - پيڙ مرڪ جو مول!

ڪڪرن وانگي ڪن اکيون- سنهڙي سنهڙي ڇاٽ،
پيڙ ڪنوڻ جان تن منجهان- پل پل ڏئي چمڪاٽ!

بسنت جوڀن پوڻ ۾ جو - اُن جي پيڙ هڳاءُ،
ڦول ڦول جو هي ٽڙڻ- سيني جو جڻ گهاءُ!

هٿا ڇپن تي رات جي- جي مڪڙيون ۽ ماڪ،
ٻڏيا ڪنڌ تي صبح جي- ٽاندا سيئي واڪ!

وقت ڇِتي ڏائڻ، مٿس- بک جو چڙهيو جنون،
چٽي لاش احساس جو- چٽي لاش تان خون!

وڄ لڇندي کهڙي ڪئي- هيءَ روشن تحرير؟
وڏيو اندارو هانوَ جو- نيڻن هاريو نير!

راتيون جن جي ڀاڳ ۾- چمڪن سندن چراغ،
مونکي ڏينهن نصيب ٿيا- چٽڪن دل جا داغ!

ڪيڏان اُسڙي ڇانوڙي- ڪير پيهندو جنڊ،
ڪير ٿڦيندو روڻلا- هي تارا يا چنڊ؟

جوڙي ڪرٽا چنڊ جا- روشن اُئيم لباس،
پوءِ به نه چمڪي زندگي- نه ڪي ڊِڪيو احساس!

مکڻ ڪير چوري ڪري؟-ڪري مزوري شيام،
ڄُڳ - گوپي آسائتي - راه تکي ناڪام!

ڪيڏا دل ۾ پوُر ھا- مائينداسين چيٽ!
گونج ڦرڻ کان ٿي اڳي- اجڙيو سھڻو کيٽ!

آيا، گذري يي ويا - گل، مکڙيون ۽ مينھن،
ساوڻ چيٽ ڦريا، مگر- ڦريا نہ پنھنجا ڏينھن!

صبح ڪٽي جنھن لاءِ تڪيم- راتيون جاڳي واٽ،
سڪن روشنيءَ لاءِ اکيون- ڪيڏي ڪاري ٻاٽ!

رات وئي ليکن رھي- ڪڪرن جي ڪاراڻ،
ھاڻ ڪپي طوفان کو- صبح سھائي ڪاڻ!

ڪسي گلن جي سونھن ٿي- سوُنھن جي ساڃاھہ،
واٽھڙن کي ڪو ڪري- ڪنڊن کان آگاھہ!

باريڪ بلاشڪ ٻٽيو- ڪوريئڙي جو ڄار،
پر نہ سياسي ڄار جي- نظر اچي ھڪ تار!

پيرا ڏسي ڀُلي متان- سمجھين واٽ سُواٽ،
اي پانڌي، خود گُمرھي- آھي ڪنھنجي واٽ!

اوجھڙ ۾ پيرا ڏسي - اڳتي وک نہ وڌاءِ،
ڀٽڪي ڀُلن پوئتان - واٽ سنئين نہ وڃاءِ!

سخت ٻٽيون جئَن حالتون- پڙڪي اٿيا دماغ،
شيام انڌارو جئَن وڌيو- چمڪيا سرس چراغ!

چوڙ پکُهه، گهڙُ سمنڊ ۾ - ٻيڙيءَ کي هاڪار،
تڙ تان لهرن کي تڪي - ڪونه پکُو ڪو پار!

سوچي وٺ طوفان ۾ - مانجهي مرد! اُپاءَ،
ڪٿي ڪنارو، تون ڪٿي - ڪٿَن سو ڪندو بچاءَ؟

روشن آئيندو گهرين - پيچ ماضيءَ جو منڊ،
ونجي ويندو چنڊ، نه ته - ونجي ويندو چنڊ!

لابارا پيا چيٽ جا - ته تي ڪتيءَ جي اون،
ڏينهن بدلجن پيا اِئين - ساري 'ڪلهه' کي ڪونه!

شيام اکين تان ڪنهن طرح - تارن جي دز لاهه،
تنهنجي نظر نظر سندي - گهرج پونءَ کي آهه!

جاڳيا فتنا جابجا - هرجا هاهاڪار،
ڳائي راڳ هنڊول اڄ - تتڪي ڪين سمهار!

چوڏاري ٻارڻ ٻريو - سڙي سڄو سنسار،
سُر ساڏي اي ڳائڻا - منڙو ڳاءِ ملهار!

وقت ته تبديلي ڪندو - تون به ته ڪي ڳڻ ڳوت،
اُس ۾ گهرجي چانورو - اونداهيءَ ۾ جوت!

واڳ ورائي وقت جي - آئيون اهڙي رات،
جنهنجي سهڻي شام ۾ - رنگ رتي پربات!

ڏسي بيوسي رات جي - ڪلڻ لڳي پريات،
سچ جا ستم گھٽا سهي- ڪئي بغاوت رات!

دل ۾ عزم لڪي رهيو - آهه سجاڳ شعور،
پڪ جاڻ تہ ناهي هنئر - شيام بغاوت دور!

سانت ڏسي هٿن سطح تي- آئين متان گمان،
پاسا بدلائي رهيو - تهہ ۾ پڪ طوفان!

تارن جي زنجير ۾- جڪڙيل آهي رات،
آهہ سجاڳ شعور جي- نظر نہ ڪائي مات!

آهہ ايوڌيا جي لڳي - سرحد لنڪا ساڻ،
ڪوڻس ڪري، راوڻ ڪندو- تباه پنهنجو پاڻ!

شيام سٽائڻ لاءِ آئم - ڪنيو پراڻو ساز،
ساز پراڻو، سر نئون - يُگ منجھڻ جو راز!

نيٽن جي ڪڙڪين منجهان- جهاتيون پائن خواب،
سايا جي سنسار ۾ - اڇڻ ڪاڻ بيتاب!

آهہ حوادث بعد بي - قائم دل جي آن،
ٽڪري ساحل سان گھٽا - مانا ٿيا طوفان!

سچ جا سادا ترورا - نکري ٿيا ست رنگ،
بادل جي آڏو پيا - رهجي ويا سي دنگ!

پتجهڙ باغن ۾ ڪيو - ڪيڏو غل غوغاءُ،
اِن هوندي بي گل ٽڙي - ڏيندا رهيا هڳاءُ!

جهڙيءَ ريت غريب جو- هت هُت ٻڪي خيال،
چو ائين پٽڪي جابجا - پاڻ ڪرين بيحال!

سوُر پرائڻ بعد ئي - پنهنجو لکيم وجود،
ان کان اڳ نہ تہ پاڻ کي- سمجهيم هست نہ بود!

جِين جٽَرن جان جيڪڏهن- ساٿي تيندا چونہ؟
جٽَري مردي کي تہ کو- ڪلهو بہ ڏيندو ڪونہ!

شيام مرڻ مان ڪي وري- ناه مرڻ کان عار،
آهہ جئڻ جي واسطي- سارو ڪاروبار!

موت بڻيو سنسار ۾- هئن سنسان مساڻ،
جيون- ڏُن کي زور سان- بس گونجائڻ ڪاڻ!

لهرن ٻجو لهرو وئي - ناوڪ! ونجهہ هلاءِ،
سيٽين سان طوفان جي - تال ملائي ڳاءِ!

جوت، پتنگ بڻي جلن - جلڻ جلڻ جو ڍنگ،
پاڻي جيون جوت ۽ - ماڻي موت پتنگ!

الڳ تقاضا ڪن بڻي - موسم ۽ ماحول،
ڪيئن ڪريان ڪيڏانهن ٿيان- من تيو ڊانوانڊول!

پار وجي ٻيڙي وري - يا تي وچ ۾ غرق،
سنڌوءَ جي وستار ۾ - آيو ڪهڙو فرق؟

چمڪي چمڪي پيا سمهي - تارا آخرڪار،
تنهنجن نظرن کي مگر - آيو ڪونہ قرار!

شيام "سيان" جو جيڪڏهن- ڪيس ٽونڪرو ناهہ،
"اڄ" جي هيڏي لوچ جو- ڪهڙو ڪارڻ آهہ؟

ڪين ٻڏڻ مان ڇا مليو - ٻڏلن کي سا ڄاڻ،
تارُن کي نہ عميق جي - ناهي ڄاڻ سڃاڻ!

ڪنهن لاءِ آندو رات هي- سندر تارڪ هار،
ڪير ڏِسي تہ ونيس يي- آهہ ستل سنسار!

نيڻن کي آيو نظر - چڱي مني ۾ فرق،
اڄ دل جي دريا دلي - تانگهي ۾ ٿي غرق!

هن من اوٽپٽانگ جو - ڊوئي ڊوئي بار،
راتو ڏينهن هجي هجي - بدن ٻٽيو بيڪار!

ساڳي محور تي ڦري- هيءَ جيوت جو جنڊ،
ڦيرو ڦيري ۾ نہ ڪو - آئي سج يا چنڊ!

پٺن گهريم تي گل سندو- جام ڪري ٽمٽار،
اُف، اوتيان ان ڪان اڳي - گذري ويوم بهار!

روح مند جو جي ٻٽيا- هيل نہ آيا ڏينهن،
وسن تہ اڄ پيا مگر- ڪٿي پروڪا مينهن؟

سُر مان نڪتل ساز جي- جيئن گگن ۾ گونج،
ويڙهي پنهنجي ولر کان- ائن ٻنڪي هڪ ڪونج!

ڏسي چمن ۾ گل ٽڙيل - تيمہ چنڻ جو چاهہ،
خالق رنگ هڳاوَ جا! - منهنجو وڏو گناهہ!

ڪيڏو نہ اُپ آٿاهہ، پر- سانڍي سگهيو نہ سور،
آهون ۽ سڏڪا پري - روئي ڪوهي نُور!

هيڏي سڄي جهان ۾- ڪُنڊ نہ ڪا مون لاءِ،
آيس، وسيس، وسي مٽيس- هڪ بادل جي ٺاءِ!

ڳائڻ چاهين راڳ جو - سُر سادي سو ڳاءِ،
شيامہ ملي نہ ملي وري - موقعہ ڳائڻ لاءِ!

پريت ريت جا ڏينهڙا - اي سار، سنياريج،
رنجهہ ڪنجهہ جون ڳالهڙيون- اڙي ٻُل، وساريج!

آهہ اسانجي زندگي - ڏنڏلي ڏنڏلي جوت،
روشن روشن ڇانورو - ليڪن آهي موت!

اوندهہ مان نڪري، وري - وڃي اجالي واٽ،
اوندهہ ڏي نچندو وڃڻ- جڻ ڪنوڻ جا ناٽ!

مٺ پيڙي گهارڻ، ڪلي!- ڪنجوسن جي ڪار،
رنگ مان، سرهاڻ ڏي- گل تي جڳ ۾ گهار!

چنڊ، ستارا، ماڪ، گل - ڏين اهائي ساک،
سهڻي آهي راتڙي - سهڻي آهي باک!

جيان خوشيءَ جي ڪاڻ مان- مران خوشيءَ جي ڪاڻ،
يلجي سندم حيات تي- حرف نہ غم جو آڻ!

لهندڙ سج جا ترورا - ڏئي خواب جا رنگ،
منهنجي روشن ڏينهن کي- ڪن تا رنگارنگ!

مستن جي محفل اندر- ڇاڪون هيءَ ڳڻ-ڳوت،
آءُ، پيالو پاڻ کڻ - پاڻهي ان ۾ اوت!

تڙڻ گهرن جي گل تڙن- ڪين رنگ پڻ ڏار،
مگر سين جي رنگ مان - بکي ضرور بهار!

تنهنجن مستن هي رچيو- آهي کهڙو سانگ،
ذرڙي کي دنيا سڏن - دنيا کي پڙ پانگ!

سپنن جي ٿي تتو مان - آهہ جڙيو جنسار،
آهي شيام، حيات ڇا - ننڍ سندو وستار؟

ڪڏهن تہ سمجهان شيام مان ساپيا هي سنسار،
هيءَ خوش فهمي آهہ يا- وهم پريو ويچار؟

ڪڏهن تہ سمجهان شيام مان- سپنو هي سنسار،
پنهنجي ڪم نهميءَ مٿان- ڪليو بہ تم سوَ وار!

وڄ جهڙو يي عمر ڪي - آهي ڪونہ جٽاءِ،
ڪو سڏ ڏيئي پيو چوي- دير نہ ڪر جهٽ آءِ!

مان ڪٿن سمجهائي سگهان - دنيا آهي گول،
ٻڌو هوم جو ڪنهن وٽان - ورجايم سو ٻول!

سارو ڏينهن ڪندا رهيا - ٻار نديءَ پر راند،
سانجهہ مهل چنڊي اُتيا- واريءَ پريل پلاند!

گل پيمانا رنگ جا- مڌ رنگ جي سڳند،
ڏس ميخانا رنگ جا - باغن ۾ هرهنڌ!

موران ڪين سهي سگهيو- اڄ گل جهڙا ويڻ،
جڳ جي جڻ ڦٽ تي ڪڏهن- جنهن نہ پڄايا نيڻ!

* آهي شعر "اياز" جو - اوجل پونم رات،
* ۽ ڪوتا "دلگير" جي - رنگ رتي پربات!

چٽڪڻ ۽ چمڪڻ سندي- مون ڪان سک تون مام،
تارن جو هم راز مان - شاعر آهيان شيام!

---

* "اياز" . سنڌ جي ناماري شاعر شيخ اياز ڏانهن اشارو.
** "دلگير". هند جي ناماري سنڌي شاعر هري دلگير ڏانهن اشارو.

ڏسندي گل ويا ويڙهجي- گهري اونده ساڻ،
مگر سندن سرهاڻ ڏئي - گلشن جو اهڃاڻ!

ساروٽيون چمڪي اٿيون- ڦهليو نورئون نُور،
وڻندي رات وڌي وئي- تارن ڪان ٿي دُور!

جئن جئن رات ڍني، تئن- اوندهہ چمڪي شيام،
ڪير پروڙي مام هيءَ- ڪير پروڙي مام!

روشن رات اَماس جي- سيتل ۽ گنڀير،
وياڪل هنئڙي کي ڪيو- ڪنهنجيءَ سارَ سُڌير!

تارن ۾ چمڪي پئي- اونداهيءَ جي مُرڪ،
رات اجايل روح کي- سانت پياري سُرڪ!

تارا گهٽبو جليا، ڍني - رات بہ آخرڪار،
ڳائي ديپڪ راڳ ڪنهن - ڇيڙيو نيٺ ملهار!

گونگي آڌيءَ رات جي - پيڙ پري ايڪانت،
گهري گهري دک ڍني- پيڇ ڍنيءَ جي شانت!

پيڇ ڍني، دل دک ڍني- ماڪ ڍنا رابيل،
شيام، اکيون ڳوڙهن ڍنيون- سَرَسُ سکڻ جي ويل!

پيڇ ڍني، دل دک ڍني- ماڪ ڍني سرهاڻ،
پاند پڇايان ڪاند جو - جيڪر لڙڪن ساڻ!

خوشبو سنڌ خيال جي-ٽماڪ پنل چانڊاڻ،
پوئين پهر سُڪوُت جي- روشن روح رهاڻ!

هلڪا جهوُنڪا هير جا- نرم گلن جو واس،
رڳ رڳ ۾ رنگڻيري- شيام، ڪٽان جو سواس!

سهڻي سانتيڪي ڇبي- ياد تڙيل رابيل،
مرڪ پري مورت مٺي- پيچ پنيءَ جي ويل!

مرڪي جئن سرهاڻ، يا- ٻهڪي پهرين ٻاڪ،
جا نہ تازگي روُپ جي- گل جي سرهي ساک!

نيڻ آسرَ جي اُفق جان- مک جي ڪومل ڪانت،
نظر نظر امرت پني - شيام ڏني من شانتِ!

هڪ اڻ ڇاتل قول جي- جهيٽي خوشبو جيئن،
تنهنجي مُرڪ سرل سَهي - اُڻ تُڻ لائي ايئن!

ڪاند ڇڪيس پاپوھ مان- پڪڙيس تند بہ پير،
هلي جهومندي مرڪندي- مومل صبح سوير!

رات ڪتوري هرڻ جئن- ويٺي ڏيندي ڇال،
ويٺي پر ويٺي ڇڏي - خوشبو پريا خيال!

ڳالهائڻ پاپوھ مان- منهن تي مرڪ هميش،
محبوبي موجودگي- ڏِٺي نينهن ڪي نيش!

منهن تي مرڪ هميش ۾- نيڻن ۾ پاٻوهه،
محبوبي مورت ڏسي - من ۾ جاڳي موهه!

شهنائيءَ جا سُر مڌر- چوڙين جي جهنڪار،
ڪئن نہ ڪنواريءَ رات يي- شيام، لساريا وار!

نوڪيلي رابيل جي- اُجلي اُجلي سونهن،
سامهون بيٺل چنڊ سان- ويٺي ڪري وروُنهن!

گونجي بنسي هيرِ جي- چنڊ بہ چوريو چنگ،
سُرت بانوري تي پئي- ساري ڪنهنجو سنگ!

لڙڪ لڪايان ڪيئن مان- لڙڪ لڪايان ڪيئن؟
چنڊ چمڪندو هيئن جي- چنڊ چمڪندو هيئن!

پلٽي چوڏس چيٽ جي- جيءُ بہ پياسي، ميتَ!
سُرهي چاندوڪي پِيوُن- ڏيئي هڪ ٿي ڳيتَ!

هلڪا هلڪا ٿهڪڙا - منڙي منڙي تانَ،
شايد بيا يي چنڊ جا- آهن ڪي مهمان!

وڻ وڻ تي هڪ چنڊ جي- نياري نياري ڇانوَ،
شيام، سڀاجهي ٻار جان- تنهنجا سؤ سؤ نانوَ!

متي نهار چنڊ ڏي- ڏنم سمنڊ ڏي هيٺ،
ڪوڏن واري لهر جئن- تون يي ورندين نيٺ!

ويٺس واريءَ تي پري- مان ڪڏن سان جهول،
ڪوڏن واري لهر جٿن- تون پي ورندين، ڍول!

شيام، ڪنارا سمنڊ جا- برهه ڪيا مجبور،
لڙڪن جي سنگيت ۾- اورن دل جا سور!

ڪهڙو هيءُ سنياس، دل!- ڪهڙو هيءُ سنياس؟
نظر نظر رنگين گل - پراڻ گلن جو واس!

سمجهيو جن سنسار کي- خالي رائو رڃ،
پائيندا ڇا ڪکر مان - لاهيندا ڪٿن اُڃ؟

توڙي ناهه منجهس اهو- جنهن مان مٽجي اُڃ،
آهه چمڪ پي ڪا تہ شيءِ- رڃ نہ آهي سچ!

ان ۾ ناهه گمانُ ڪو - لهندي هتان نہ اُڃ،
دل کي مگر ڇڪيو وڃي- هيءُ چمڪيلي رڃ!

هڪڙي ساعت لاءِ ٽڙي- ڇٽي ڪريو گل هيٺ،
هڪڙي ساعت لاءِ سهي- ٽڙيو تہ هو گل نيٺ!

حُسن سراپا آرزو - عشق سراسر مانُ،
ڪنهنکي ناز نياز مان- ڪهڙو پوندو ڄاڻ؟

جنهن کان وڇڙڻ سان رهيو- هنئڙو سدا اُداس،
ان سان شيام ۽ ملي وڌيو- اڄ غم جو احساس!

ڪُوڙي ڀاسي هر خوشي- سيبائي هر سوُر،
شايد پنهنجي زندگي - آهي نم جو ٻورُ!

اُڀ ۾ نڪتي اِندلٺ- ڪوئل ڳائي گيت،
شايد وري نہ گڏ ملن- راڳ رنگ هڻن ميتَ!

پکي ورِيا، ٻارن ڪيا - گهر ڏي پويان پير،
هوليءَ واري شام پي- واهيري جي وير!

هي ڏڪڙا پيا اوريا - تيندا ڪونہ تمام،
رات گهٽو گذري چڪي- آ تہ ڪريون آرام!

اي دل، هر غمُ غم سهي- غم غم جو پي ناڻءُ،
سوُر سهي سيکو مگر- سهڻ سهڻ جو ڏانءُ!

هاڻ وراڪا وڄ نہ ڏئي- ۽ نہ ڪڪر ڪن شور،
ڪوئل ڪوُڪي ڪانہ ڪا- تڪي نہ اُڀ ڏي مور!

آهيان مرلي ڀاڻ، يا - ڪنهن مرليءَ جي تانَ،
هستي منهنجي آهِ ڪا- يا آهيئي ڪانہ؟

ڀڄندي پويان باز جي- اُڀ ۾ ڀڪان هيٺ،
ڪيسين رهندس ڀڪندو- پيرو ليندو ڪيٺ؟

آهي مرڪ نہ جوت جي- نہ ڪا مرڪ جي جوت،
رات ڏينهن آهي رڳو- اونداهيءَ جي اوت!

انهيءَ عقل جو ٽٽي پلو- حاصل ٿيو نہ نينهن،
ڪامي سگهي نہ رات ڪا- چمڪي سگهيو نہ ڏينهن!

اڱيان پيچري تي رهيو- ڪنڊن جو اٽڪاءُ،
پنيان لتاڙيل قول پيو- ڏيندا رهيا هڱاءُ!

پٽر ڪرندي ڍنڍ ۾- جيئن ٿيو آواز،
پر تي بيٺل وڻ منجهان- پکيءَ ڪيو پرواز!

پيهي ويئي ذهن ۾ - ويڻا جي جهنڪار،
گهرائي سنگيت جي - جڻ ماضيءَ جي سار!

ساٿين سان ڪلندي پئي- ياد اوهان جي بات،
وڏو شفق تي شام تي - پنهنجو پاڇو رات!

هلڪا جهونڪا هير جا - نم جو نرم هڱاءُ،
شيام ٻپهري چيٽ جي- نرم مٽيءَ جو تاءُ!

صورت ڏنم خيال کي - صورت کي آواز،
رنگ پريم آواز ۾ - رنگ ڪيو اعجاز!

لنوي لڪي ڪوئل سگهي- ائين تہ نہ ٿيندو مُور،
لاٽين جو هي سوجهرو- چمڪن وڻ، پن، ٻُور!

سهڻيءَ ساهڙ سان رکيو- سو پيو ڪوئي نينهن،
وينيون جنن ويري وجهي- لهرُون سارو ڏينهن!

جن وٽ دل نہ نسيم جي- شبنم جي بہ نہ ديد،
گل جي رنگ هڱاوَ تي- ڪندا ڪن تنقيد!

# سورٺا

ساجن! تون آڪاس- آءُ ڪيرڌارا ٻڻيس،
منهنجو هر هڪ سواس- تنهنجي سيني ۾ ڪڇي!

ايئن پسايئہ پاڻ- راول! رمز رکي ڪري،
دل جي ساڪن ساڻ- اکيون آويساهيون رهيون!

پربت تي ايڪانت - ويٺي اوچائي تڪي،
سرور اندر سانت - جاچي گهرائي پئي!

چنڊ لڳو تي ايئن- أپ ۾ آڌيءَ رات جو،
جر تي هوريان جئن- تري هنس ننڊاڪڙو!

ڏسندو رهيس جمار - نينہ نہ ڍاوا سونهن سان،
جئن جئن پئي نهار- تئن تئن سڪ وڌندي وئي!

سندر ڪونہ وڌيڪ - ڏسجي جڳ ۾ ڪنوار ڪان،
چنڊ ٻيج جو ليڪ - تہ ٻہ ڪو تارا مٿ پون!

روئي لڙڪن ساڻ- چانڊ پسايم رات جو،
مون پئي سمجهيو هاڻ- وسريون ڳالهڙيون!

مومل! ماڪيءَ ميٺ! مون سان چار اکيون ڪري،
ڪيئہ نگاهون هيٺ- ويئي يت تان آس لهي!

تنهنجيءَ ناز نهار- سينگاريون ڪجهہ ساعتون،
تنجي سار سنيار - شيام سنواري زندگي!

دک سان ڪبو نباهہ- جيسين ساهہ ڪجي رهيو،
جيڏو گهرو ساهہ- ايڏي لمبي آهہ ٿئي!

برسي بادل بوند- دل ۾ جاڳيا ياڻ ڳچ،
وڇوڙءَ جان اٿهوند- ڏنگ هٽي ماندو ڪيو!

آيو گهر محبوب- گهر مان نڪتاسين اسين،
هي بہ زماني خوب- آندو فرق فراق ۾!

سڏجن سائنسدان- ڳاڻ ڳڻيا نادان جي،
سارو جڳ حيران- تنجي نادانيءَ ڪيو!

بيهڪ آهي ڪانہ- آهہ حياتي هل هلان،
لڳن، رُڪن طوفان- دريا وهندو ٿي رهي!

بيهڪ آهي ڪانہ- آهہ حياتي هل هلان،
ڇا بَر، ڇا بُستان- دريا وهندو ٿي رهي!

چتيون لڳل رنگين- ڪيڏيون اُن تي آس جون،
هيءَ دل آهي ڪين- ڪا گودڙي فقير جي!

جڳ سمجهي بيڪار- جا ڌوڙ لتاڙي پئي،
اوندهه ۾ آڌار- ديپ ٻٽي جڳ کي ڏئي!

پوپٽ ماٺي سونهن- ڪيون سجايون ساعتون،
پوري! ويئه ورونهن- واجهائيندي وقت لءِ!

سونهن پريو جنسار- مايا جو سنسار ۾،
پرت پريو ڪنهن نار- ڪوريئڙي جي ڄار تي!

رئندي رئندي رات- ڪيڏو شيام وڏي پئي،
هيڏي وڏي حيات- ڪِلندي ڪِلندي جهٽ ڪٽي!

تنهنجي دل تہ اُدار- نيڻن ۾ هٿن لوپ ڇو؟
هيءَ تڻي خود بہ نثار- هو سڀ چاهن پاڻ لءِ!

هيڏو وڏو تلاءَ -مگر منجهس هڪ ئي ڪنول،
هڪ جو حُسن سهاءَ-جِهرمِر جرڪي جر پيو!

چِمي ننڊ جا نيڻ- آهستہ پاڇوهہ مان،
رات، موت جي ڀيڻ- وئي وهائوءَ کي ڇڏي!

مرڪي ڪيءَ نهار- ڪنهن ڪنهن مهل اکيون ڪٽي،
رکي رکي هبڪار- آئي پئي جٿن هير ۾!

نينهن پريا سي نينھ- ڳالھين ساڻ ڳرانڙيون،
وَر وَر ڏيئي پينھ!- ساريان سهٽيون صحبتون!

ڏنو پوھہ جو چنڊ- ڪنهن سان اکڙيون چار ٿيون،
ڪڙيو موھہ جو چنڊ- ٿيندي پوُنهن پيار جي!

گل خوشبوُ جي ڏور- ٻڌي سهائي رات کي،
تون ٻہ تند ڪا تور- سُرَ ۾ ٻڌ سُرهيون گهڙيون!

لنون پکيئڙا لات- هير ڳُهلي، اک هوُنجي،
مون کي ساري رات- چنڊ نہ ننڊ ڪرڻ ڏني!

تهنجي منهنجي پريت- جشن ٻہ ٽُڪون، هڪ دوهرو،
توبن ڪهڙيءَ ريت- سَرتا، ڪا معنيٰ مونکي؟

جنهن سان سنگ سهاڳ- پوري پنهنجي پاڻ ۾،
پاتو جنهن نہ ڏهاڳ- تنهن نہ پڇاڻيو پريت کي!

دنيا ڪينجهر روءِ - نُوري ماڇين ۾ جتي،
تکي ککيءَ جي بوُءِ- نرم ڪنول جو واسُ پيي!

پڌرو ٿي پڻ پيار - رهيو هميشہ راز ٿي،
ڪنهن تي ڪير نثار- لکا نہ پيئي لوڪ کي!

توکي توکان دوُر- شوق ڇکي ڪيڏانهن ويو،
تهنجو ويسهہ موُر- اڇي نہ تهنجي شڪل تي!

گذري ويئي رات- ڏکن سکن جي اور ۾،
پرهه ڦٽي پريات - جاڳڻ وارا پيا سمهي!

موتي ٻڌجي هونّد- پاڻ نہ کوهي ها اِئين،
شال هجي ها ٻُوند- بحر ڪٿي نہ تہ لهر ڪا!

سورج لعلن ساڻ - پري ڪڪر جو پاند ويو،
چنڊ اچي پهراڻ- پهرايس نج سون جو!

شيام، پکين جي لات - هوُ پيهو ۽ نارُ هي،
نيڻن مان جذبات- نيسر مان پاڻي وهي!

روئي روئي هاءِ - مون جا چانڊوڪي چڏي،
تون ئي چنڊ! ٻڌاءِ - اَڄ ڀي آهي سنڌ ۾؟

پوُرن لاٽا پوُر - پيچ نہ حقيقت حال جي،
سپنن ڪان ئي دوُر- آنءُ سڪان جنهن ڏينهن کي!

ڳائي تنهنجا گيت - نالو پاتم لوڪ ۾،
تنهنجو نالو، ميت!- گونجيو ڪنهن ٻہ نہ گيت ۾!

ڏيئي هلڪي تانَ - ماٺ ڪئي جڻ ڳائڻي،
ڏيري ڏيري پرانَ - پيهي ويا پڙلاوَ ۾!

چوندبيندي رابيل - سارُن سان جهولي پري،
روُح مٿان ڪنهن ويل - هٿن سرُها سايا پيا!

# گيت

✤

آس ۾ جيون راس، پکيئڙا،
آس ۾ جيون راس!

پڃي کيو تو تيليون پڃرو، توکي پرايو ياڳ،
تنهن غلامي کان تون آجو، ڳاءِ ستنتر راڳ،
پاڻ ۾ رک وشواس پکئڙا،
آس ۾ جيون راس!

توٽي گل جون نسوُن ملائي، تنهن مان ٺاهن دام،
ٺاهه چمن بي جوکي،پوڃا؟ سمجهي پکي! اڏام،
ڪڏهن ٿي نه اداس، پکئڙا،
آس ۾ جيون راس!

هي تورو سک ونندو آخر گهرو آنند روپ،
ننڍڙي مکڙي ٻٽجي جڏهن تي آخر ڦول انوپ،
پُلجي ٿي نه نراس پکئڙا،
آس ۾ جيون راس!

✤

سنڌو پياري، پياري سنڌو! ديس جي آس اجاري سنڌو!
گيت جو آيو بکاري، سنڌو!
پريت جو گيت ٻڌاءِ، سنڌو! پريت جو گيت ٻڌاءِ.

تان ڪا ڇيڙي آزاديءَ جي، فضا متائج ناشاديءَ جي
ناشاديءَ جي بربادي‌ءَ جي
وير جي آگ بجهاءِ، سنڌو! پريت جو گيت ٻڌاءِ.
سک، عيسائي، مسلم، هندوُ- ڇا لي نفرت، ڇا لي ڇوڇو؟
ڌرگ دوئي جا ڏوئنج سنڌو!
پريم جو جل ڇلڪاءِ سنڌو،پريت جو گيت ٻڌاءِ.

لات ڪنن تي جن جي پيئي- تو وٽ آيا مڙي مڙيئي
قرب جون ڪانيون تو وٽ ڪيئي
موج جي ساز تي ڳاءِ، سنڌو، پريت جو گيت ٻڌاءِ.

تون ئي آهين، شاهه جي هستي-سامي جي تون لات الستي
تون ئي سچل جي موج ۽ مستي
پريت جي وين وڄاءِ، سنڌو، پريت جو گيت ٻڌاءِ.

نهر نهر ۾ رنگ جون لهرون، لهر لهر ۾ نور جون نهرون
صبح شام جون سهڻيون پهرون
سنڌ سڄي چمڪاءِ، سنڌو، پريت جو گيت ٻڌاءِ.

✤

ڪومل مڪڙيون، چنچل تارا
مهڪن مهڪن، چمڪن چمڪن
منهنجي پريم پري دنيا ۾، نرمل سندرتا جا پيارا
ڪومل مڪڙيون چنچل تارا.

ان مڪڙين جي ڪوملتا ۾- ان تارن جي چنچلتا ۾
چلڪي چلڪي، مرڪي مرڪي
نرمل موجيون، جهرڻي جي- هلڪي ڪومل اوجل ڌارا
ڪومل مڪڙيون چنچل تارا.

جيون برکش جون تاريون ڏوڏي- آشا، پينگهه سنهري لوڏي
آءُ سرلتا، بخش امرتا
تنهنجي راهه نهارن وينا- مدت کان رمٽيڪ نظارا
ڪومل مڪڙيون چنچل تارا.

شرمائجي
مکڙي وئي شيام شرمائجي!

پونوري جا پيرا
پوپٽ جا ڦيرا
ٻ مک جا گهيرا
ڏسندي وئي ڪٿئن نہ گهبرائجي...
شرمائجي...

شبنم جي رِم جهم
هيرن جي ڇِم ڇِم
ڪرڻ جي ڇم ڇِم
پوري وئي هاءِ للچائجي....
شرمائجي....

ڇا ناںءُ اٿ جو؟
ڇا تاںءُ اٿ جو؟
ڇا گاںءُ اٿ جو؟
آئي ڪٿان آهہ پرمائجي...
شرمائجي....

✤

قاڳ آيو بسنتي هير گهُلي،
چوڪين ڪُلي هيءَ دل جي ڪَلي؟

گيت زبان تي، پريت اندر ۾، مُهر چپن تي خاموشيءَ جي
سانديل سوَ سوَ سورن جا اڄ لڙڪ اکين ۾ آيا ٻرجي
سي شال ڇُلي ٻاهر نہ پوَن
سنسار جا ماڻهو جٺَن نہ کلن
دنيا ڪي کلڻ جو وجهہ ڇو ملي؟
تون چاهين کلڻ کل شيام ٻلي.

موتي تنهنجي مک مان ڪِريا جي،پريم سان چونڊي سانديم من ۾
دل ۾ اڀريو درد اچانک، هاءِ وهي وياسي لڙڪن ۾
ڇا پريت جي آهي ريت اها؟
ڇا آهي پاپڻ پريت اها؟
ٻي سمجهہ ڪي سمجهاءِ اچي
جي هُٺَن نہ اچين هِٺَن آءَ هلي!

✤

زندگيءَ جي راهه ۾ ڊوڙي جڏهن ٿڪجي پوان!
ياد توکي تو ڪريان!

هي بہ ماڻيان، هُو بہ ماڻيان، دل گهري ڇا ڇا نہ ٿي
چنڊ تارا لاهي آڻيان، دل گهري ڇا ڇا نہ ٿي
پر چڙهي پهچڻ بجا جڏهين ڪِري ڦٿجي پوان
ياد توکي تو ڪريان!

هِنجي چاهت، هُنجي چاهت، دل جي هيءَ حالت ٿئي
ناهه راحت ۾ بہ راحت، دل جي هيءَ حالت ٿئي
مُرڪندي ئي ڪين جي مرڪي سگهان، روئي پوان
ياد توکي تو ڪريان!

هي ٿئي مان هُو ٿيان، ٿي دل جي خواهش نت نئين
هي ڪٿي مان هو ڪٿان، ٿي دل جي خواهش نت نئين
پائي پڻ ڪجهہ ئي نہ پايان، پاڻ مان ورچي پوان
ياد توکي تو ڪريان!

✤

راڻا! او جادوگر راڻا،
خاڪ طلسمي ڪاڪ محل تنهنجي چاجي تو لاءِ پريڪيا
بنڌن تولاءِ نہ هي تيا

او مومل ڪارڻ ويڳاڻا،
ڪاريون چار شيون کهڙيون ييي نالي پائي هاڻ ٻڌاءِ
تون مومل جو هوءَ تولاءِ!
”بن جي ڪويل ڪاري، ساوڻ ۾ ڪڪرن جي قطار
پر گهرا ڪارا نيڻ اهي ۽ گهاٽا ڪارا اِهي وار!“

راڻا! او جادوگر راڻا،
خاڪ طلسمي ڪاڪ محل تنهنجي چاجي تولاءِ پريڪيا
ٻنڌن تولاءِ نه هي ٽيا

او مومل ڪارڻ ويڳاڻا،
ڳاڙهيون چار شيون ڪهڙيون يي نالي پائي هاڻ ٻڌاءِ
تون مومل جو هوءِ تولاءِ!
"ڳاڙها ڳاڙها لعل يمن جا، اُيري جڻ سج رنگ رتول
ڳاڙهو تلڪ هي پيشانيءَ تي، ۽ هي ڳاڙها چپ انمول!"

راڻا! او جادوگر راڻا،
خاڪ طلسمي ڪاڪ محل تنهنجي چاجي تولاءِ پريڪيا
ٻنڌن تو لاءِ نه هي ٽيا

او مومل ڪارڻ ويڳاڻا،
سُرهيون چار شيون ڪهڙيون يي نالي پائي هاڻ ٻڌاءِ
تون مومل جو هوءِ تولاءِ!
"سرهي چندن جي چايا ۽ سرهي آهه ڪٿوري خاص
ير ۾ هڻي پرينءَ جو سرهو، سرهو سرس پرينءَ جو سواس!"

راڻا! او جادوگر راڻا،
خاڪ طلسمي ڪاڪ محل تنهنجي چاجي تو لاءِ پريڪيا
ٻنڌن تولاءِ نه هي ٽيا

او مومل ڪارڻ ويڳاڻا.
آچتيون چار شيون ڪھڙيون ڀي نالي پائي هاڻ ٻڌاءِ
تون مومل جو هوءَ تولاءِ!
"رات جو پويون پهر ٻ اچتو، اچتي آهہ صبح جي هير
اچتو تنھنجو جوين رائي! آچتي تنھنجي مُرڪ سڌير!"

راڻا! او جادوگر راڻا،
خاڪ طلسمي ڪاڪ محل تئي چاجي تولاءِ پريکيا
ٻنڌن تو لاءِ نہ هي ٿيا

منڙيون چار شيون ڪھڙيون ڀي نالي پائي هاڻ ٻڌاءِ
تون مومل جو هوءَ تولاءِ!
"منڙي چيٽ ۾ ميڙيل ماکي، ساوڻ ۾ ڪويل جي لات
منڙي آهہ هميشه مومل ۽ مومل جي ڪومل بات!"
راڻا! مومل جا ور راڻا!
راڻا! او جادوگر راڻا!

راڻا! او جادوگر راڻا!
خاڪ طلسمي ڪاڪ محل ٿي، چاجي تولاءِ پريکيا
ٻنڌن تولاءِ نہ هي ٿيا
او مومل ڪارڻ ويڳاڻا!
سيتل چار شيون ڪھڙيون ڀي نالي پائي هاڻ ٻڌاءِ
تون مومل جو هُوءَ تولاءِ!
"رات جو پويون پهر ٻ سيتل ، سيتل آهي صبح جي هير
سيتل تنھنجو هردو رائي،! سيتل تنھنجو ساهہ سڌير!"

---

فوٽ نوٽ: هري دلگير ۽ نارايڻ شيام جي گڏيل ڇپرائين مجموعي ۾ سندس هي ساڳيو گيت شامل آهي، پر هن گيت ۾ فقط آخري بند واڌو شامل آهي.

چاڙگا چاڳ نہ ڪر، هل جلدي، ماڻيون منڙو ماڳ
منڙو ماڳ محبت وارو، جو مومل جو ماڳ!

وڻ وڻ تي پکين جو ڏس ميڙو
چِڀِن چِڀِن چڻ چڻ گوڙ بکيڙو
اولهہ ڏِس ڏي ڏِسُ سج آخر
ڍرڪي ڍرڪي ٽيو پٽ پيڙو
سعيي ۾ سنسار سمهڻ جي، پر تون ساٿي جاڳ!

’وڏندا وڏندا گم ٿيا پاڇا
اونده جا هيسايل ها ڇا؟‘
اوسيڙي ۾ اوجاڳي ۾
مومل سوچي ويٺي ڇا ڇا!
واٽ تڪي جا مومل ويٺي، تون ئي تنهنجو ڀاڳ!

ٻانهي وٺي جٺن جوت جڳائي
وٺي طلسمي جار وڇائي
اونده سان هي روشني گڏجي
ينيلائيندڙ شڪليون ٺاهي
پاڇو ڇري جٺن، سمجهي ڀوري، ڀهتو جاڻ سهاڳ!

ڦٽي هٿن ۾ ڪٽي نهاري
ويٺي هر هر وار سنواري
ڏاهي سينڌ، چڏي سا ڪاري
ڪاري ڏاهي، ڏاهي ڪاري
البيلي ڏس اوسيڙي ۾، ڀڪي ڪوئي راڳ!

بس ٻي واڻي وات نه ڪائي
اکڙين ڪي ٻي تات نه ڪائي
ڪاڪ محل جي ڪمل ڪماري
اُن بن ٻائي بات نه ڪائي!
مومل منڪڙي ٽڙيل اڌوري، بدل اڌورو راڳ!

✤

ڪوڙي دنيا ۽ سندس مايا ڇڏي، ساڄن سان گڏ!
سهڻي سپني جي وچي دنيا وسائيندس، سکي!

جنهن سياڳي راهہ تان هوُ پاڻ ايندو منهنجي گهر،
اُن سڄي شهراهہ تي گل ڦل وڇائيندس، سَکي!

چنڊ جي ڪرڻن ۾ پوئي ماڪ جا موتي نفيس،
پيار مان پريتمہ کي سندر هار پائيندس، سَکي!

دل گهُرئي کي سانت مَي آڪاس ساگر تي وني،
چنڊ جي روپي ٻتيلي ۾ گهمائيندس، سَکي!

چوطرف پيدا تي "گندرو لوڪ" جي ويندي فضا،
هوُ وڄائيندو ستار ۽ آنءُ ڳائيندس، سَکي!

ان جي اکڙين ساڻ اکڙيون ۽ سندس دل ساڻ دل،
مان ملائيندس، سَکي! سُڌٻُڌ ڀلائيندس سَکي!

جي مري ويندس، نہ ويندس ان جي سپني مان مگر،
نينهن جو ناتو مرڻ تي ٻي نڀائيندس، سَکي!

❖

تنهنجو سهج سڀاءُ، اٿين ٿي پاڻ لڪائين، ليٽڙا پائين!

پن پن مان جئن ڇٽي چانڊني- وڻ کي لوڏي واءُ.
اٿين ٿي پاڻ لڪائين، دل ترڦائين!

لنءِ لنءِ لرزي چانڊوڪيءَ ۾- ڇا ته نفيس ڇهاءُ.
اٿين ٿي پاڻ لڪائين، ڇاتيءَ لائين!

ول جئن دل کي ويڙهي وٺو- اُجلو نرم هڳاءُ.
اٿين ٿي پاڻ لڪائين، پيچ آڙائين!

اوسيڙو ٿي اوسيڙو هو- انبر جو ڦهلاءُ.
اٿين ٿي پاڻ لڪائين ۽ واجهائين!

رڻ جي واري مٿان چندرما- ڪڻ ڪڻ جوت جڙاءُ.
اٿين ٿي پاڻ لڪائين، پاڻ لڪائين!

❈

ٽانڊائي جي لاٽ– رات انڌاري، پنڌ گھڻو!

هڪ وڪ کٽندي روشني۔
ٻي وڪ کٽندي ٻاٽ،
ٽانڊائي جي لاٽ– رات انڌاري، پنڌ گھڻو!

ڪنهن ڪنهن مهل هِتان هُتان–
رکي رکي چمڪاٽ،
ٽانڊائي جي لاٽ– رات انڌاري، پنڌ گھڻو!

ٻُوند ٻوُند هيءَ روشني–
اونده نجي أساٽ،
ٽانڊائي جي لاٽ– رات انڌاري، پنڌ گھڻو!

ڏسندي ٻري ٽري وڃي–
ويتر ڪاري واٽ،
ٽانڊائي جي لاٽ– رات انڌاري، پنڌ گھڻو!

جيڪس ائين پوري ڪجي–
هيءَ جيون جي جاٽ،
ٽاهنڊائي جي لاٽ– رات انڌاري، پنڌ گھڻو!

✤

وڻو ڪوئي نهاري- منهنجن نيڻن پٺتان!
ڍيرَ سِپُن جا سامهون، وڻو سِپ سِپ کولي،
آهڙا ڪهڙا موتي، سپ سپ کولي ڳولي؟
سار سمنڊ ڪناري- وڻو ڪوئي نهاري
منهنجن نيڻن پٺتان!

ڏسندي ڪنهنجو منهڙو، نيڻن جي گهرائي،
نظرن ۾ ائين نڪري، جنمن جي پنهنجائي،
ساري، ساريو ساري- وڻو ڪوئي نهاري
منهنجن نيڻن پٺتان!

پيڙا پيڙا جيون، جيون جيون پيڙا،
اوسيڙا گڏجائيون، گڏجائيون اوسيڙا،
گونگا ڳوڙها ڳاڙي- وڻو ڪوئي نهاري
منهنجن نيڻن پٺتان!

✤

تهنجن نيڻن ۾ اي راڌا- ڪنهنجي تات ۽ ڪنهنجو نينهن؟

گهرا گهرا سندر سپنا
جهلمل جهلمل ڪومل ڪرڻا
تهنجن نيڻن ۾ اي راڌا- ڪنهنجي رات ۽ ڪنهنجو ڏينهن؟

نظر نظر هڪ وياڪل ريکا
آنسوُ آنسوُ گهري ممتا
تهنجن نيڻن ۾ اي راڌا - ڪنهنجي وڄ ۽ ڪنهنجو مينهن؟

هي اوسيڙا، هي اوجاڳا
باک ڦُٽي هوُ تارا نڪتا
تهنجن نيڻن ۾ اي راڌا - ڪنهنجي تات ۽ ڪنهنجو نينهن؟

✤

پُونهن جو هي چنڊ منوهر
نيري نڀ کي چمڪائي پيو!

نرم ڇهاوَ سان روپن ڪرڻن
سانوري رات جو روپ نکاريو!
واءُ گلن جي خوشبُو مهڪّي
اَنجو انگ انگ هٻڪاريو!
البيلي ۽ سندر ويلا،
ليڪن دل کي آتوريلا!
ننڊ پريل پلڪن پويان کو
جهاتي پائي واجهائي پيو!

دل جو پاند ڇهي جڻ ويئون
واءُ جون سرهيون اَجليون لهريون،
اکڙين جي آڪاس ۾ چانيون
سپنن جون ڪڪريون سونهريون،
ڪلپت سکَ جي لار لڳي مان
جيون جي منزل تي پهچان
ڪير مگر هتّن جڏهين تڏهين
راهه ۾ ڪنڊا اَچلائي پيو؟
پُونهن جو هي چنڊ منوهر
نيري نڀ کي چمڪائي پيو!

✣

کم ۾ رهين غلطان، ڪوري!
ڪر ڪو وقت جو ڏيان!

ڪم تي وينين پيچ پنيءَ ڪان،
مرڪين هر هر ڪهڙي سببان؟
ڪهڙي ڪم ۾ ايندو تنهنجو
باک ڦٽيءَ جان کهنبو ڪپڙو؟

”هن مان ٺهندي سهڻي سڦري
چولي ٻار کي پهرائڻ لاءِ،
وقت جو ڪنهن کي ڏيان؟
ڪم ۾ رهين غلطان، ڪوري!

ڪم جي ڏُن ۾ راڳ جي رؤن رؤن،
سڄ ٻہ لهي ويو ڪم نہ ڇڏين تون،
ڪهڙي ڪم ۾ ايندو تنهنجو
ڪنگو وانگر ڪهنبو ڪپڙو؟

”اورنگيون ان مان ٺاهيندا
گهوٽ ڪنوار کي اوڍائڻ لاءِ،
وقت جو ڪنهن کي ڏيان؟“
ڪم ۾ رهين غلطان، ڪوري!

چنڊ جي ڪَسُ جهڙي چانڊوڪي
رات گِهميل پر توکي ڪم جي،
ڪهڙي ڪم ۾ ايندو تنهنجو
گلال وانگر ڪهنبو ڪپڙو؟

”ڪم ۾ ايندو منهنجو ڪپڙو
ڪنهن جي مئت کي ڪفنائڻ لاءِ،
وقت جو ڪنهن کي ڏيان!“
ڪم ۾ رهين غلطان، ڪوري!

مِني مرڪ ڳالهين ۾ جادو ڀري ٿي
مِنيءَ جي مِني چال جادو ڪري ٿي!

سينڌ سنڌر سان، سرخيءَ سان چپ، مينديءَ سان هٿ پير،
لڄ ڪان ڳل ڀي لال، اڇي ٿي مرمر جي ماري ڪير؟
مِني ڪنهن ڏني ڀي
ڏني ڪنهن مني ڀي
انهيءَ ڪان پري ٿي نہ منهنجي سري ٿي!

ڏسندي ڪتجي قلم ۽ ٻڌندي رڪجي اڌ ۾ راڳ
بيخود ڏسندڙ ٻڌندڙ ٿئي تو تڙڦي ڪٿن نہ سجاڳ
نہ ٿي تات پوري
نہ ٿي رات پوري
الا اٿن پري ٿي نہ منهنجي سري ٿي!

❖

سگھڙ سکر سوداگر ڪيچي!
کهڙا تو وٽ وٿ وکر؟

مشڪ جي خوشبو پکڙي ڪيڏو! اهڙي مشڪ تہ ڏيکارينم،
آهي عمدي پر ڏين ڪٿن تو؟ ”وارن سان ڇهائڻ ڏينم!“
متان ڪا تونِي ٻڌي اکر،
او سگھڙ سکر سوداگر!

جهڙي ڪير، اڇي هيءَ ٻانهين! ”سانئڻ! ڳهرجي؟“ ڏيکارينم،
وٺي آهي پر ڏين ڪٿن تو؟ ”ٻانهن وڌائي پائڻ ڏينم!“
متان ڪا تونِي ٻڌي اکر،
او سگھڙ سکر سوداگر!

پرت جا ڪاوا چمڪن ڪيڏو! ڳاڙهو گج اِيءَ ڏيکارينم،
سهڻو آهي پر ڏين ڪٿن تو؟ ”اڪ ۾ روپ سمائڻ ڏينم!“
متان ڪا ڏونِي ٻڌي اکر،
او سگھڙ سکر سوداگر!

✣

سردار ڪري واپار- سهڻي ٽانڊ نڪر جا وڪڻي!

اڪيون ڪنيارڻ جون اچرج ۾، حسن ڏسي حاڪم جو
لهي چڙهي جو چاتي تڪڙي، دل ۾ ڇاجو ڌڪو؟
سردار پيچي اگهه پار- سهڻي ٽانڊ نڪر جا وڪڻي!

آئي ڪڙي تي سهڻي جهٽ پٽ، ڇڄون هٽائي منهن تان،
سنهڙي چيلهه سنئين ڪٽن ٽٽي؟ جهٽ واپس ويني لڄ کان
ايڏو جوڀن جو بار-سهڻي ٽانڊ نڪر جا وڪڻي!

گج تي جي هيءُ ڪاوا، منجي، هوند ٻٽيا آئينو
روشن عڪس گراهڪ جي کان، چمڪي ها پيو سينو!
اسرار عجب اسرار- سهڻي ٽانڊ نڪر جا وڪڻي!

هُو نہ گهري تو دل جو سودو، دل وٺندو دل ڏيندو
سهڻي ويچاري ويچاري، پوءِ هاٿي ڇا ٽيندو؟
اِنڪار نہ ڪو اقرار- سهڻي ٽانڊ نڪر جا وڪڻي!

✣

ڏين تي خالي ٽانڪو، ڪنيارڻ!
ٽلها ٽڪر جا ٽانڪو؟

اُونهاري جي ٻاڻ ٻپهري، جوين ايڏو تاءُ ڪيو آ
ڪڪرن جان ڪارن وارن جي، ڇاتيءَ تي ڪر ڇانوَ،
ڪنيارڻِ!....

ڪھڙو سودو چاهيان تو ۽ ڪھڙي ڀاءُ ڪرڻ تو چاهيان
ڪانءُ اوهان جي ٻولي ڄاڻان، ڪيئن سڀ سمجهايانوَ،
ڪنيارڻِ!....

سون ورن هن ڇهري تي، لڏي ڇڳون ڪن البيلايون
سورج سامهون ڄڻ ڪي ڪڪريون، ڪجھ اُس ۽ ڪجھ ڇانوَ،
ڪنيارڻِ!....

منجهيل منجهيل سڀ ڳالهيون چپ تي، نيڻن ۾ تن جي سمجهاڻي
نظر جهڪيل ۽ ٽانڪو هٿن ۾، واھ ڏيڻ جا ڏانوَ،
ڪنيارڻِ!....

✣

سهڻي ميهر جي سڄ پڄ سهڻي
سهڻي سهڻي قرب ڪَڙِي وو!

صاف ڪير جئَن جوڻ تنهنجو
نرم مکڻ جئَن تن من تنهنجو
ڪيرُ مکڻُ سڀ سهڻي آهي
چنبڊ ته آهي چاڄ چڙِي وو!
چنبڊ جي کهڙي سونهن ٻڙِي...
نينهن نوازيل اکيون نمائيون
ساهه سيبائيون سندس رهائيون
ڏسڻ ٻڌڻ ڪان ٿي اڳ جنهن سان
ميهر پنهنجي جانِ جڙِي وو!
تنهن ڪان ڪٿَن ٿئَي ڏار گهڙي...

✤

هجين ها شيام! تون راڌا هجان ها مان بہ جيڪر شيام
چڱي توکي ٻڌايان ها!

وڇوڙي ۾ سهن ڏک ڪئن نہ پريمي صبر سان ڏينهن رات
اچان ها پريم– انبر تي وڇوڙي جي ٻٽي پريات
سچيون توکي ڪرايان ها!

منوهر بنسريءَ جا سرسنڌ سڏ ٻڌ پلائن ها
ڪلان ها جٿَن اکيون تنهنجو اِئين ڳوڙها وهائن ها
لڪي توکي ڪجايان ها!

تڪي راهون جڏهن تڪجي ٿين ها بند تنهنجا نيڻ
اُتاري توکي سپني ۾، سمهڻ جي لاءِ ڏيان ها ويڻ
گهڻو توکي ستايان ها!

ٻڌي هٿ پوءِ تون آزيون ڪرين ها اچ ڪٽي گهنشيام
چوين ها چو نہ تو پاڙين ڪيا جيڪي هيٺ انجام؟
اچي ڇاتيءَ لڳايان ها!
هجين ها شيام! تون راڌا هجان ها مان بہ جيڪر شيام!

✤

ذنڌلو روشن منهنجو جوڀن
سنجها ويلا!

سپنيلي رنگن سان رڱيل
هي منهنجو من
سنجها ويلا!

ڪيڏي گهري هيءَ خاموشي
سڪٽو جيون
سنجها ويلا!

پرت پريل منهنجي پوتيءَ جو
جهرمر دامن
سنجها ويلا!

پل پل گهٽجي عمر، ڇٽي جڻ
گل جو پن پن
سنجها ويلا!

✤

سنيران اهڙي ساعت ڪانہ
جنهن ۾ تنهنجي ياد نہ آئي!

جنهن ۾ تولءِ سواس نہ سڏڪيا
تڙڦيا تنهنجي ڪاڻ نہ پران
ڏينهن نہ ٿيو، ٿي رات نہ ڪائي!

هڪ ئي لفظ ورائي تنهنجي
ساري عمر مڃان احسان
هائي اورڻ آهہ اهائي!

هير جي جهوٽڪي وانگر هر هر
نرم چهاءُ سان تنهنجي ڏيان
مهڪائي منهنجي تنهائي!

پري بانورو سانورو ڀؤنر بن ۾!

البيلي هوءَ مڪڙي هر هر ايڏو ڇو گهبرائي؟
جهيٽي خوشبو ڪان پنهنجي ٿي ڪيڏو ٿي شڪ ڪائي!
گلن جو گهُري ڇانورو ڀؤنر بن ۾!

ڪنهنجا ڇپ ته نه آيا آهن روپ ڀؤنر جو ڌاري؟
هڪڙي گل کي چمندي، ٻئي ڏي نرلج ڪئن نه نهاري!
ڦري مطلبي بانورو ڀؤنر بن ۾!

✤

شرمائين اِئين ڇو ٿي؟
توکان مون گهريو ٿي ڇا؟

شرمائجي انڪارين، جڏهن زور پريان ان تي
انڪار تي شرمائين، پڇتائين ائين ڇو ٿي؟
توکان مون گهريو ٿي ڇا؟

شرمائجي ويچارين، ڇا هائو ڪريان ان تي
اقرار تي شرمائين، شڪ ڪائين ائين ڇوٿي؟
توکان مون گهريو ٿي ڇا؟
شرمائين ائين ڇو ٿي، توکان مون گهريو ٿي ڇا؟

✤

ساجن ! تولءِ هار
پوشان مان گيتن جا ڪي هار!

ڪومل مڪڙيون چنچل تارا، نازڪ آس اُمنگ
صبح اُفق جي ڏاڳي ۾ مان پوئندس روشن رنگ،
راڳن جون مالهائون، جن ۾ سپت سُري هڪار
پوشان مان گيتن جا ڪي هار!

راڄ ڪري مَدُ نيڻن تي ۽ هردي تي سنگيت
مد، سنگيت ٻنهي ڪان پر ٻل ساجن! تهنجي پريت،
دل جي تارن ڪي جڻن ڇيڙي تهنجي نيڻ- نهار
پوشان مان گيتن جا ڪي هار!

ناڪر- آرچا پوڄا جي لءِ هي جنهن ول جا ڦول
ڪام- ولاسي سيڄا جي لءِ پڻ تنهن ول جا ڦول،
جايون ڏار مگر نہ گلن جي خوشبو رنگت ڏار
پوشان مان گيتن جا ڪي هار!

# نظم

## * هاريءَ جي هٿ جو ڇهاءُ

جنهن نه ڪا ننڊاکڙي ناري هجي
پرش جو هٿ جنهَن ٿي ڇاتيءَ تي لڳيس
مرڪي، ڪرَ موڙي،اکيون مهٽي، اُٿي،
ننڊ بدلي نازُ نيڻن ۾ ڀَڪيس!
خاڪ جي سيني ۾ ائين جاڳائي ياڻ،
شيام هاريِ جي هٿن جو هر ڇهاءُ!

## * ساگر جي لهر

**لهر:**

گهڙي گهڙي نيري ساگر جي دلاري نينگري
آ؛ آهيان لاڏلي بادل، ڪنوڻ،طوفان جي.
چنڊ پنهنجي سايہ ۾ منهنجي ڪري ٿو پالنا
۽ ڪري مون تي سدائين ٿو نظر احسان جي.
ننڊ سک جي مان چڙهي لڏندڙ هندوري مان اُٿيس
پنهنجي سيني ۾ ڪٿي بيتاب دل سيماب جي
آگ جي جر آهہ گويا منهنجي جيري کي لڳل
منهنجي نس نس ۾ پريل آهي جلڻ تيزاب جي
سج لٿو ڪا مهل، تارن جون اکيون تيون ٻوٽجن
پر ڏٺي هڪڙو ڏسي ٿو، منهنجي سڪ آهي اَجهل
خودبخود ڇڪجي وڃان مان ڪٿي نہ ساحل جي طرف
ڪٿَن رهان ان کان جدا؟ ڪٿَن روڪيان ٿِي؛ من اُجل؟
فرق پياري ۽ اُڪنڊٺي ۾ رهي ڇاجي ڪري؟
بس ملي ساحل سان هاٺي اصل لَي هڪ ٿي وڃان،
دولتون پنهنجي جگر جون گهوري ساحل تان چڙيان
پنهنجي سيني ۾ لڪل موتي بہ واريان ان مٿان.

چهرو چمڪايان مان ساحل جو ۽ چمڪائي چمان
سيني سان انکي لڳائي سر ڪريان ان تان نثار
پلتي موٽي ۽ وري موٽي اچي ان کي ڏسي
لپٽجي ان سان وڃان، پنهنجي ٿيان هستي کان ڌار!

**شاعر:**

ڏس، پريان ڪيڏو اُفق جي ٿي اچين نيراڻ مان
ڦڙگون هٽندي، پاڳلن جئن چاڪ دامن کي ڪندي.
اِئين اچي ساحل ڏي، منزيون ڪيس ڏين ٻئجي اڏير
هيءَ ٿي آهي آخري منشا ڇا تنهنجي سڪ سندي؟
پر جڏهن ساحل ٿي خود توسان ملي هڪ ٿي وڃي
پو ڪٿي ساحل رهيو ۽ ان جي خودداري ڪٿي؟
۽ ملي ساحل سان جڏهين پاڻ تون خوابيده ٿين
پوءِ ڪٿي تنهنجي محبت، ان جي ناچاري ڪٿي؟
خودبخود آغوش ۾ ڏس تنهنجي ڇڪبو تو اچي
تنهنجي منزين جي آسته گرميءَ کان ساحل پگهرجي
آهه ڇا تنهنجي فراقي راڳ ۾ مستي ڀريل
تا جُهڪي آڪاس مان تارا ٻڌن خاموش ٿي!
تنهنجي الفت ۾، رڳو تنهنجي انهي فرقت ڪري
آهه شورش حشر جي ۽ آسماني آهه اوج
دور ساحل کان رهي بجلي تون آهين عشق جي
پر مليںءَ ساحل سان جڏهين آهين هڪ پاڻي جي موج!
تنهجي ناڪامي ٿي آهي ڪامراني قرب جي
تڙڦندي رهه هر گهڙي ۽ داعما مهجور رهه
دور رهه محبوب کان پر ڪيس هردم پيار ڪر
پيار ڪر محبوب کي پر ان کان هردم دور رهه!

## * افلاس

اجھو تي شام، ٿيا رنگينيءَ جا رستي تي جھرمٽ
اُڏامن چوطرف ڇڻ خوبصورت نوجوان پوپٽ
جواني، حسن سوَ سوَ صورتن ۾ ٿيا اچي پرگھٽ
ھوُ جوين ڇا، ھوُ سوڀيا ڇا! مگر مفلس جي لي ڇاھي؟

عجب بازار جو چلتو، ھوُ وھندڙ شھر جو رستو
جلي بجلي بتيءَ ۾ ڪٿَن نہ تو افلاس جو نقشو
ٿيو ھرشَي جي آرائش ۾ شامل خون غريبيءَ جو
گھڻا سامان عشرت جا- مگر مفلس جي لي ڇاھي؟

انڌاري رات ۾ بجلي بتين سان چمڪيا ميخانا
نظارا ميز تي مستي جا ۽ ڪرسيءَ تي مستانا
ٻُڌي مينا جي قلقل جھٽ لڳا ڪڙڪڻ ڪي پيمانا
شراب ۽ ساقي ۽ شيشا! مگر مفلس جي لي ڇاھي؟

غريبي جي پھاڙيءَ تي ڏني ويٺا سُڪي ٻٽجي
ڦُٽي ڦاٽي پوي تي چو نہ ساجوالا مُڪي ٻٽجي
سندس قسمت سندس وس آھ، باقي ھٿن دکي ٻٽجي
چوڻ تنھنجو ٿيو بيجا، مگر مفلس جي لي ڇاھي؟

## * انقلاب زنده آباد

خوش ٿيس ٿي ٻُڌي آزاد ٿيو منهنجو وطن!
زندگي هاڻ نئين دَور ۾ داخل ٿيندي
هاڻ ڏارين جي غلامي جو لٿو هر بندڻ!

جوت جن ۾ نہ هئي، هاڻ اهي منهن ٻڪندا!
هيل تائين جي سڙيا آس ۾ بيابانن جي
هاڻ چٽ گل جو انهن جي ٿي مٽي تي رڪندا!

هرطرف عيش جو سمجهيمڙتي تہ هوندو سامان!
پير محنت جا اچي چوڄ مان چمندي دولت
هٿ ۾ افلاس جي، سرمايہ جو هوندو دامان!

اُف. ڇهڻ ساڻ ٿي پوپٽ جو ويو رنگ لهي!
ڪلپنائن جو سجل رنگ محل ناهيم جو
هلڪو سپرش بہ تہ ساپيا جو سگهيو ڪين سهي!

منهنجي سپنن کي نہ پر مون کي لٽي ڪوئي ويو!
انقلاب آيو مگر آيو نہ آئي جهڙو،
دل ۾ ڇا ڇا نہ مون سمجهيو ٿي مگر ڪجهہ نہ ٿيو!

اڄ بہ غيرت سرِ بازار تي بدنام ٿئي!
حسن تي واڪ ملن ۽ تي وڪامي عصمت،
زندگي اڄ بہ تي بازار ۾ نيلام ٿئي!

ڪوششون، محنتون سيئي ٿيون پنتي هٿندڙ!
ڪجهہ بہ آئي نہ بکارين جي قطارن ۾ ڪمي
مفلسن، فاقہ ڪشن جو ٿيو لشڪر وڌندڙ!

---

هار همت نہ ائين هاري نہ همت دانا
درد ۽ غم بہ حياتي جو جزو آهہ، مگر
آهہ ۽ دانهہ حياتي جي نہ ٿيون هم معنيٰ!

آئيءَ پائيءَ تي اڃي ڳالهه نه ڪر ڏانوان ڏول!
انقلاب آيو مگر دوست نه پورو آيو
باقي هڪ جَست آتي ڪرڻي، ڪمر بند نه ڪول!

اڄ ته هٿ هٿ ۾ ڏئي پير وڌايون، ساٿي!
ڪيسين ائن راهه جي ڪنڊن کان بچائيندين قدم؟
خونَ سان تنڪي به رنگين بڻايون، ساٿي!

ڪجهه تيڻ کان اڳي امڪان ته ڪرڻو پوندو!
جنهن نئين بزم، نئين ساز جي حاجت آهي
پهرين ان بزم جو سامان ته ڪرڻو پوندو!

شمع احساس جي هر دل ۾ جلايون پهرين!
دوُر بيچارگي دنيا جي تي سگهندي ته سهي
آدمي زاد کي انسان بڻايون پهرين!

ڪنڊ پاسيرو تي پوڇڻ ڪ پيڻ ڇا جو حَل؟
ڪوئي ميخانه ته ناهي نه عبادت گهر آهه،
دوست،َ سنگرام ۾ دنيا جي ڪڇي ہَل ۽ عمل!

ڇَو ته دريا ۾ گهڙڻ ڏاران ترڻ ڇا ايندو؟
روئي روئي هوُ رڳو موت گهرڻ وارا ڏس
آيو جنڪي نه جيڻ تنڪي مرڻ ڇا ايندو؟

دل شڪستو تون اجايو نه ائين تي، ساٿي!
مونکي پر نُور ڏسڻ ۾ تو اڃي آئيندو
حال اونداهو گهٽو آهه مگر جي، ساٿي!

## * اٿ، ڪجهہ تہ ڪريون

همنشين! اُٿ تا عمل جو شور اڄ برپا ڪريون
ڇا جي لئي ڪاهل ٿي هٿَن اڄ ۽ سيان وينا ڪريون؟
اُٿ تہ ڳڏجي ڪم ڪريون، محنت سان ڪجهہ جوڙي وٺون
ڪيستائين ويهي هٿ تقدير جا شڪوا ڪريون؟
ڇا، اها يي زندگي جنهنجي پڇاڙي ٿي فنا؟
اچ، ملي ايام جي گردش ڪي بي معني ڪريون!
زنده داري جي اگر آهي طلب همت ٻڌون،
زندگي ۾ زندگي هڪڙي نئين پئدا ڪريون!
ڪم سو کهڙو ٿي نہ جو انسان کان سگهندو ڪڍهن؟
عزم ڪامل يي رکون، برباد انديشا ڪريون.
ڪٿن بہ دريا ڇوهہ مان وهندڙ اُکرٽو آهہ نيٺ،
پوء ڇو لهرن جي لڙ لوڏن جو ٻوَ بيجا ڪريون؟
ڪم ۾ ٿي مشغول، اُٿ، ڪشتي خدا تي تا ڇڏيون
بس ٻٽي بي فڪر ۽ خوف لنگر تان لڏيون!

## * طوفان جي نئين لهر

تنهنجي سپنن جا محل سونهن ۽ سينگار ڀريا،
منهنجي سايا جا کنڊر هيبتي اسرار ڀريا،
تنهنجي خواهش جا چمن حسن ۽ مهڪار ڀريا،
منهنجي احساس جا ٻَٽ خار آزار ڀريا.
اڄ طلسمات لکل کولي ڪريون سڀ ظاهر
دل جو هر پاسو پَلوَ ڳولي ڪريون ظاهر.

پيار ڪنهن واسطي، ڪنهن واسطي نفرت ڇا لئي؟
خبط دولت جو ۽ سوادي حڪومت ڇا لئي؟
موت جو فڪر ۽ قسمت جي شڪايت ڇا لئي؟
زندگي راهِ عمل آهه پو "قسمت!" ڇا لئي؟

زندگي کي نه روايات جي زنجير جڪڙ،
ياڳ کي ياڳ تي ڇڏ، پنهنجي هلي راه پڪڙ!

ويهي تقدير جا شڪوا ڇو ٻڌائيندڙ ٽيون!
بخت جي پوئلڳي ڇو نہ گهٽائيندڙ ٽيون؟
ڇو نہ هڪڙي نئين دنيا جا ٻڌائيندڙ ٽيون؟
انکي آباد ڪري راڄ هلائيندڙ ٽيون!
پير ڪي چوٽ رسي دل نہ ڪري بيخبري
چشم نمناڪ ٿئي، هٿ ڪري چاره گري!

ڏس، لچن بيڪس و مزدور ۽ مسڪين اچا،
اڌ اگهاڙن ۽ بُکين جي نہ ٿي تسڪين اچا،
رت ڪڍائي بہ خرابي تہ وٺي ڪين اچا،
دردِ دنيا ڪان رهائي نہ ڏني دين اچا،
آ تہ دنيا کي ٿي دنيا جو ڪريون هاڻ علاج
پيٽ جو آن علاج ۽ نہ بي چڪتاڻ علاج!

وهم نس نس ۾ اڃي جڻ اچا پيوست آهي،
فڪرِ انسان بہ اچا ڪهڙي ڪٿي جست آهي؟
زندگي عيش ۽ تشويش ۾ ٿي پست آهي!
عيش جي پيڙهہ پٽيون، رنج کي برباد ڪريون
ڪنهن ٻئي ڍول تي دنيا وري آباد ڪريون!

آنڌيون ساڻ ڪٺون، زلزلہ اڳوان ڪريون،
بحر جي دل ۾ بپا گوڙ ۽ گهمسان ڪريون،
ناؤ کي لهر ڪريون، لهر کي طوفان ڪريون،
عين طوفان ۾ نئين زيست جو سامان ڪريون،
جرڪندڙ رنگ محل ڀوڙي ڪريون اونداهي
جهنگ ۾ رنگ رچي پوءِ پٽيون ڪا ساهي!

## * جواني

حسين چهرو، نگهہ مست، اُڀرندڙ ڇاتي،
ڪري نگاهہ جواني جي جستجو تنجي!
سياه وار ڏگها، ٻانهون گول گول سفيد
رکي ٿي ٻانهن جواني جي آرزو تنجي!
نفيس، سرخ ۽ امرت ڀريل هي چپ تازا
رهي چپن تي جواني جي گفتگو تنجي!
رسي جي سونهن، مناڻ جي لئي هلي حيلا
اها ٿي آهہ جواني جي واسطي مشڪل!
شراب، ناچ ۽ گاني جي ڌُن ۾ مست رهي
اهائي آهہ جواني جي دل، اها ٿي دل!
ڀلا بي ڪار جواني جي لاءِ ناهي ڇا؟
اهائي ڪار جواني جي آهہ ڇا قابل؟
ٻڪن ۾ پاهہ رنون زالون ۽ هي بيوائون!
وطن جي قصر جي تعمير ڇا اهي ٿي ڪندا؟
نہ منهن ۾ رنگ نہ طاقت بدن ۾ ٻار تہ ڏس!
وطن جي لاءِ ڪا تدبير ڇا اهي ٿي ڪندا؟
سگهن سنوان نہ ٿي ڪَوڙ ڪَوڙ ڪان جسم هي ٻيڙا
بلند ملڪ جي توقير ڇا اهي ٿي ڪندا؟

## * دعا

درد جنهن دل ۾ هجي ان دل جي شل بڻجان دوا!
جي هجي بيمار ڪوئي ان جي لَي بڻجان شفا!
ڏک ڪنان ڏکندڙ ڇپن تي شل پوان بڻجي دعا!

اُف اکيون سي جن کي بينائي نہ حاصل ٿي سگهي
روشني ڪان نہ جي واقف، سُڌ نہ جن کي نُور جي
شل انهن اکڙين جي لي بڻجي پوان نُور ۽ ضيا!

جيڪڏهن ڪوئي مسافر راھ ۾ ٿڪجي پوي،
دوُر منزل کي ڏسي مايوس تي ويهي رهي،
خضر جو مان ڪم ڪريان، ٿيان ان جو همره رهنما!

## * او زرد پن!

ڪڙ ڪڙ ڪندڙ او زرد پن!
يـاري وٺن جا زرد پـن!

وارو وٺي پنهنجو چڪو-ناهي اوهان جو اڄ سمو
سو رنگ اڄ ساڳيو ڪٿي؟
سو ڍنگ اڄ ساڳيو ڪٿي؟
اڄ ڪي سيٽي پر ڪِرو- ڪهڙو اوهان جو پروسو؟
ڪڙ ڪڙ ڪندڙ او زرد پن!

ٻاڙھين پتين جي تي تکي- اڄ وات ھيءَ دنيا سڄي
ڳڇ گونچ ڪچڙا ۽ ڪَکا
تارين متان ظاھر ٿيا
سواگت ڪندا تن جي وڃو- سونھين نہ ٿي ائن بي رُخي!
ڪڙ ڪڙ ڪندڙ او زرد پن!

دنيا ۾ ايندي ٿي بسنتي ھير جو جئن سڏ سڻن
ٽپڪي ٿو جيون رس منجھن
لالاڻ ٿي ڊوڙي متن
سپن جي تاجي پيئي ٿي- جوڙي حياتيءَ جي اِٿن!
ڪڙ ڪڙ ڪندڙ او زرد پن!

وڏڙن جي سڪٽي آھہ دل- ننڍن جي ياري آھہ دل
ننڍن کي ٽيٽو آ وڏو
وڏڙن کي ڪٽٽو آ لڏو
ننڍن جي رکٽي آھہ دل- توٽي وڏن جي ناھہ دل!
ڪڙ ڪڙ ڪندڙ او زرد پن!

مھمان گھڙين جا اوھين - تو دَور ننڍن جو ھلي
تن کي سري ڪجھہ جاءِ ڏيو
۽ روڪ اُسرڻ ۾ نہ ٿيو
آسيس ننڍن کي وڃو-ڏيندا، لڳائيندا گلي!
ڪڙ ڪڙ ڪندڙ او زرد پن!
ياري وٺن جا زرد پن!

## * فقط پاڻ واسطي نہ

”پنھنجي سڳنڌ سان تو ھوا کي ڪٺي پريان،
ھر ڪ کي خوش تو انڊلٺي روپ سان ڪريان،
ماکي جي مک جو آھہ فقط مون مٿان گذر،

پوپٽ ۽ پونر لاءِ تيس مان وروُنهن- گهر."
ڪولي ٻڌايو سانت ۾ گل دل جي ڳالهه ڪي
"جڳ ۾ جيان نہ آنءَ فقط پاڻ واسطي!"

"گل گل ۽ باغ، جهنگ تي هردم رلان قران،
تي پاڻ ماري ماري هتان هت ڦِران گهِران،
ماکيءَ سان پنهنجي لاءِ نہ مانارو تي پريان،
انسان واسطي ٿي تي امرت ڪٺو ڪريان."
ماکي جي مک بہ تي چيو يُون پُون اٿين ڪري،
"جڳ ۾ جيان نہ آنءَ فقط پاڻ واسطي!"

"ريجهايان پنهنجو پاڻ، جي ڳايان تہ پنهنجي ڪاڻ،
آئي! مون کي اهڙو پاڻ ۾ پورو ڪري نہ چاڻ،
چاڙهي نفيس اڏنڊ ڪنولي تي لات جي،
دل دردمند کي نيان آنند ڏام ڏي."
ڳايو پکي تي گيت صداقت جي ساز تي
"جڳ ۾ جيان نہ آنءَ فقط پاڻ واسطي!"

"صحت ۽ زندگي جا تي هر هنڌ ست ستيان،
باغن ۾ ۽ ٻنين ۾ حياتي جي ڇَٽ ڇٽيان،
مطلب پريل تي گيت سان سنسار کي سڏيان،
جيوت ۽ موت جا کي لڪل راز تي سليان."
روُن روُن جي راڳ ۾ هي چيو شيام نهر تي
"جڳ ۾ جيان نہ آنءَ فقط پاڻ واسطي!"

## * ڇا، تو پڇيو....؟

ڇا، تو پڇيو مان ڪيئن ڪاٽيندس نيرس ڏينهن کي؟
ڪيئن ڪندس، ڇا آئت ڏيندس پيريءَ ۾ من کي؟
جوين وارا ڏينهن سنياري سارينديس وينو
توکي، تنهنجي مکڙي کي ۽ تنهنجن نيڻن کي!

ڇا، تو پڇيو مان ڪيئن ڪاٽيندس هيڪل ڏينهن کي؟
ڪيئن ڪندس، ڇا آئت ڏيندس پيريءَ ۾ من کي؟
ماڪ پنل گل ڏانهن نهاري سارينديس وينو
توکي، تنهنجي مرڪڻ کي ۽ تنهنجن لڙڪن کي!

ڇا، تو پڇيو،مان ڪيئن ڪاٽيندس ڏاهن ڏينهن کي؟
ڪيئن ڪندس، ڇا آئت ڏيندس، پيريءَ ۾ من کي؟
ڏاهپ جا ويچار وساري سارينديس وينو
توکي، تنهنجن گيتن کي ۽ تنهنجن سپنن کي!

## * سڄي زندگي

ڪٿي نہ گلزار جي جوين وانگر
ڪٿي نہ جوين جي امنگن وانگر
۽ امنگن پرٿي سپنن وانگر
هاءِ آئين ۽ وئين پڻ موٽي!

باغ جتي قول جي جوين ڪان پوءِ
جتي من آنند امنگن ڪان پوءِ
رات جتي پيار جي سپنن ڪان پوءِ
زندگي اِئن ئي سڄي ئي منهنجي!

## * ڏماڳ

هر هڪ پکيءَ جي چهنب ۾ چهڪيو بهار تي،
هر ٻوٽي، غنچي، ڦول ۾ مهڪيو بهار تي،

شفاف جل ۾ نهر جي ٻهڪيو ٻهار تي،
هرڻن جي جهُنڊ ۾ ٻڪيو، سهڪيو ٻهار تي،
سپني ۾ ٻڌجي ساوتري، ستيہ وان کي
آندم ورائي ڪال کان، جاڳايو ڪنهن سڏي!

افسوس، اي بهار جا بادل، مون کي نہ ڇيڙ،
مت ماري آهہ دک، نہ اٿم ڪل، مون کي نہ ڇيڙ،
افسوس، هير صبح جي سيتل، مون کي نہ ڇيڙ
دل کي ڪا جر لڳي وئي، هَل هَل، مون کي نہ ڇيڙ،
کهڙو ڪيو مون ڏوهہ وڏاتا رسي وئي؟
اهڙي ڪيم خطا جو نہ ان کي ديا پئي؟

تورو ٿي اڳ ڪڙيو هو ستارو سياڳ جو
ان ساڻ هو وريو سمو سهڻو سهاڳ جو
سهڻو سهاڳ جو سو سمو، سک ۽ چاڳ جو
آلاپ پهريون گونجيو تي راحت جي راڳ جو
افسوس، اي اياڳ، ستارو ٽٽي پيو
آلاپ سک جي راڳ جو ورلاپ تي پيو!

جي گهر ۾ ويٺي ويٺي سندس ڳالهہ ڪنهن ڪڍي
ساوڻ جي ٻجلين ۾ وِيَس هاءِ ويڙهجي
او زندگي! او آگ! اجا ياد تم چِٽي
هن جي مٺين ڪان پوءِ جهلڪ انگ انگ جي،
جٽَن پنکڙين تان ماک، تي سورج ڪِرَن پئي
نکري گهڙي لَي سونهن ڪنول جي اُجڙ تئي!...

## * خزان

تا اڏامن زرد پن، جت گل تي گوناگون ٽڙيا
تي جتي مرڪيو بهار، ات خنده زن آهي خزان
جت پرندا تي اُڏيا ۽ پونر، پوپٽ ٿي مڙيا
جا اُتي آهي؟ زمين خاڪي ۽ نيلو آسمان!

نرت مورن جي نہ آهي، جت ڏرتيءَ نازڪ قدم
اڄ ڪٿي تالاب وٽ آهي اڳوڻي تازگي،
ڪين تنهنجي مرڪ ڏاران تا ٽڙن اڳ جئن پدم
تو بجا اکڙين اڳيان هڪ آهہ ڪلپت مورتي!

ٽهڪڙا تنهنجا جتي گونجيا، اداس آهي فضا
نيڻ اڄ هنجون اُتي هارن جتي هئي شيام دل
ها، هميشه لاءِ خاموشي جو عالم ٿيو بپا
جت هيون سوَ سوَ اميدون، خواهشون ناڪام دل!

## * اي ساجن

مڪڙيءَ جي دل پيچي ھير، خوشبو ڪٿي اڏامي
باغي تي رنگ، گل ڪان پوپٽ بٽي اڏامي
ٽاريءَ مان گل ھوا ۾ ڪڏھين ڇٽي اُڏامي
ہوٽي ڪان خود ڇڏائي ٽاري پلاند پنھنجو
توتي نہ حرف ساجن! جڳ ۾ نہ ڪوئي ڪنھنجو!

پربت تي جڻن پوي تو سورج جو نور نرمل
نڪري ملڻ ندي سان تو آبشار اوجل
ساگر طرف نديءَ جي ڊوڙي تي ڌار بيڪل
ساگر جو جل ڪَڪَرَ تي پربت تي لڙڪ ھاري
مونڪان پري تي ساجن! سگھنديم ڪئن وساري؟

## * ڪڏهن ٿيندو جو...

برق ۽ ابر ٿي گڏ رهنداسين
شيام ڪلنداسين ڪڏهن رئنداسين
پريم ورود انهي دنيا جي مٿان
ڪلي ڪلنداسين وري ڪلنداسين

مُني دنيا جون دڪايل جي دليون
تن جي دک ڪان ٿي دکي رئنداسين
هڪ ٻئي سان ٿي سدا هم آغوش
برق ۽ ابر ٿي گڏ رهنداسين!

## * سپردگي

پل ڇڏايو هُن مَنکان گهر ساهه سيباٽو، جتي
ڪلپنا چندن جي دونهي جڳن مٿي چڙهندي رهي،
ڇا ٿيو جي پيڪو گهر اڄ ناهه منهنجو گهر، جتي
ماءُ جي پاڇي ۾ گهاريم پنهنجي البيلي وَهي.

زندگي منهنجي سندس ٻانهن ۾ سوگهي آ جهليل
ڪهڙي چنتا؟ جي مصيبت سان ڀريل دنيا سڄي
شيام، ڪيرائيندوين وچ دنيا جي هر آفت مٿان
منهنجي وارن جون گهنڊائون ڪاريون هڪ ٻي سان گسي!

ڇيڙ آهي ڪين آهي پوهه؟ مونکي سُڌ نه ڪا
زندگي يا موت جو ناهي مونکي احساس ڪو
هن جي نازڪ دل سان هر آغوش آهي منهنجي دل
ڌار هنجي ساس ڪان منهنجو نه آهي ساس ڪو!

# * اها يي حياتي

اها يي حياتي جو ڳهندي گذاريون
اها ناهہ فرصت جو بيهي نهاريون!
ڪٺي پير جئن نينگري چير چمڪي
اکين ۾ سندس مڌ يري مرڪ چمڪي
چپن تي اها مرڪ آئي نہ سنيران
سگهان ترسي، ڪن واندڪائي نہ سنيران!
اها يي حياتي جا ڳهندي گذاريون
اها ناهہ فرصت جو بيهي نهاريون!

ڏسان ڪن ٻہ ترسي ڏٺي ٽيڪ وڻ کي
جهُڪي گاهہ چرندو هوُ گاين جي ڌڻ کي
وڃن گهنڊيون جئن ڪٺن ڪنڌ گايون
الا دل کي اِئن ڪيستائين سِڪايون!
اها يي حياتي، جو ڳهندي گذاريون
اها ناهہ فرصت،جو ڪنهن ڏي نهاريون!

## * ليلا جي پشيماني

مُرِيس جاني واني ڏسي کيس ايندو
مون سمجهيو تہ ڏسندو اچي اگ جهليندو!
چُنيءَ کي ڪلهن تي ڊِلو ڇڏيو اِئن ڇڏيو مون
مون سمجهيو تہ روڪڻ لي پڪ هُو ڇڪيندو!
وڏائي مون وک پاڻ اهڙي نموني
مون سمجهيو اُبهرو تي مون کي سڏيندو!
اڃا ڇو نہ منهنجو اچي اگ جهليائين؟
چُنيءَ کي ڇِڪيائين نہ مونکي سڏيائين؟
رهيو ٿيو نہ مون کان مُڙي مون نهاريو
وني ير ہ "ڪونرو" ڏنم کيس ويندو...
مون سمجهيو تي ڏسندو اچي اگ جهليندو...

## * محبت

ٽڙڪي، ٽڙڪي، ڪنبي، ٽڙڪي،
ڪُلي، چِلي، چُلي، ڪِري
اِئين ڪري جئن ندي چُلي
وڃي سمنڊ سان ملي جُلي!
اوءِ ٽڙڪي پر انگ نہ ٽڙڪيا!
اوءِ ٽڙڪي پر چپ تہ نہ ٽڙڪيا!
اوءِ تہ چِلي پر دل نہ چُلي!
اوءِ تہ ڪلي پر اک نہ ڪُلي!
هئن ڇهڻ کان، اڳيان اچڻ کان
اکئين ڏسڻ کان، ملي سگهڻ کان
دور گهڻو سوچڻ کان دُور
جٽڪ آ ڊِڪ تاري جو نُور!
دل سان دل جئن "شيام" ملي
هُوءِ کِلي يا ڪنوڻ کلي؟

## * مدن

اوندهہ! اوندهہ!! ڇاجي دنيا؟
چمڪي پهرين نُور جي ريکا
چمڪي دنيا-ڏسندي اونده پير اکوڙيا!
هيرون جاڳيون، جاڳي ڳائين
ڳائي "ماڌو" ڪي جاڳائين
گل ڦل جاڳيا-مون ٻہ انهن سان گڏ ڪَرَ موڙيا!

پربت جي اوجل نهرن تي
نهرن جي چنچل لهرن تي
نرت ڪريان مان- ڏينهن سڄا، راتيون، پرڀاتيون!
پنڇي وانگر ويهي وڻ تي
وَس ٻہ آئڻ چاهيم وِس ڪي
جڳ تي ڇانيون- منڙيون منڙّيون منهنجون لاتيون!

ڪُهسارن تي ٻوڙون پايان
تيز ۽ سنهڙي سيٽ وڄايان
ڪئن نہ منجهايان- ڌرتي ۽ آڪاس ٻنهي کي!
ٻاک ڦٽي جهڳمڳ چوڌاري
بس هائي پريت هٿڪاري
پهچي وڃي، جت- منهنجو سنهري جهنڊو ٽڙکي!

هير کي ڏيري جاڳائيندس
آڏ ٻوٽيل گل وهسائيندس
وڻ ڌوڏيندس- ۽ ماناري کي لوڏيندس
گونجي فضا ۾ اُٿندي يوُن يوُن
اک کوليندي ماکيءَ مکيون
مک مک کي ڏَسُ-انهن جي جهڳٽي جو ڏيندس!

ڍنڍ جي پرتي موج مچايان
خوش ٿي گل گل ڦيريون پايان
پر ۾ "رتي" پي- سوني چُني پريات جي پاڻي،
خوب مٺين جو مينهن وَسايان
سونهن وَسايان، نينهن وَسايان
ڍنڍ جي پرتان- جتَن ٿي اُڏامان پر ڦڙڪائي!

اونهاري جي موسم ۾ مان
هلکي يا گهَري لاليءَ سان
سرخ ٻٽايان-وڻ کي، ڦل کي، گل کي اُپ کي!
روپي ڇيڙي تان بادل جي
گيت ڏيان آئي کوئل کي
خوش ٿي اُڏامان- پوپٽ جي رنگينُ پرن تي!

کومل سرخ کنول جي مکڙي
گل تي مون ليءِ سيجا ٺجي
ليٽي پوندس- سرد جي ڏسندس دنيا آهي
پريت پيالو جتَن ڇلکايان
هنجون هاريان، مرکون وسايان!
مونکي سڃاتو؟- کنهن کي "مدن" جي ڇُو سڌ ناهي؟

## * سپنن مندر

پنهنجي سجي نپٽتا کم آئي ”وشو ڪرما“
تو واسطي رچائي مندر ”مَدن پَوَن“ سم،
سپ ڏن ”ڪبير“ چرخي سينگاري ”شيام“ ان کي
موهت ”رتي“ ڏسي تي هي تنهنجو گهر انوپم؛

ان ۾ رهي سدائين آنند سک جو واسو
هر صبح شام رکيا کن انجي، ديوتائون،
ڪلمک هميشه توکي سنگيت، نرت سان کن
هُو ”اندر لوڪ“ واسي گندرو ۽ اپسرائون.

چاهين جڏهن سمهڻ تون ڏيئي منيون اکين تي
هوءِ ننڊ سون ورني توکي اچي سمهاري!
چاهين جڏهن اٿڻ تون ڏيئي منيون چپن تي
قولن جي مرڪ ڪومل توکي اچي اٿاري!

## * رنگ رتي لهر

اُٿ جاڳ سکي! ڇڏ ننڊ هينئر
ڏس نيڻ پٽي ڇا موج متي
سنسار ڦري تيو سونهن پري
سنگيت پُري، آنند پُري!

ڪٿڻ چوچ وچان گلشن ۾ پکي
هڪ وڻ تان ٽپي ٻئي وڻ تي ٽپن
ڇا راند رمن، ڇا ناچ نچن
لاتين ۾ سندن آنند آتي!

خوشبو جي وهائي لهر هوا
گل بوٽا لڏن جڻ لهرون لڳن
اُٿ وهه ۾ دليون وهنديون ٿي وڃن
جا لهر اُٿي سا رنگ رتي!

ڪالهوڪي گهڙين جي سار ڪٿي
نوراني سپان جا خواب ڪٿي
هي ننڊ پريل پاري ۽ جهڪيل
اکڙيون ته متي ڪنهن روپوتي!

## * جمنا جل پرن

جوين جي بار هيٺ هلي جنَن ڪا سندري
برج بن ۾ هِير صبح جي ڏيري گهلڻ لڳي،
جمنا ڪناري شيام وڄائي ٿي بنسري
هر لهر ۾ امنگ جي گنگا چُلڻ لڳي!

چا ٿار چا خمار سندس هر نِهار ۾
گهنشيام جا هي نيڻ نشيلا ڪِ پوئين رات!
سپڻ جي سونهن سانت چڙهاو ۽ اُتار ۾
آلاپ بنسري جا رسيلا ڪِ پوئين رات!

سنگيت، سونهن، جل جي تربيٽي وهي پئي
گهاگهر پرڻ سڪيون ويون، آيون اڪيون پري!
بي سرت آهه سرت، ڪو سرجيت ڪئَن ٿئي
ورنن عجيب ياوَ جو، چَو، ڪير ڪئَن ڪري؟

## * پوپاڙي

وڻن جي سبز ۽ سرهن پن جي چم چم
رهي نـ تازگي آخر ڇڏي تيا ساٿا،
ترپو تلاو ۾ جوڙو سفيد هنسن جو
اکيون ۽ ڇهنبون ملايائون، پريت پاتائون،
سنجها ٽيڻ تي سميٽيائون جشن جيون جو
رسيلو پويون حياتيءَ جو گيت ڳاتائون،

نهار اُڀ ۾ ستارن لڳائي ڇا رم جهم
ڇٽي زمين تي تيا ڍير گل جي ڪوماٿا،
فضا ۾ گونججي ماني تي هنس جي پڻ لات
پلي وجاءِ هينئڙ شنک موت جو، اي رات!

## * پرڪرتي ۽ پرش

ماتا، پتني ۽ ڌيءَ بڻجي پرڪرتي نت پيار لٽائي،
پٽ، پتي ۽ پيءُ بڻجي نت پرش وٺانئس پيار ڳڻي پائيءَ
پرڪرتي جو هانءُ اڪاسي، نيڻ پرش جا پياسا پياسا،
جنم اڳڻ وٺندي پي سگهندا، پيار لٽائي، پياس بجهائي؟
راڻي جي ٿي مومل پنهنجي، پنهنجو نوريءَ ڪي ڄام ڪيو
پر حسن کي اپنائڻ جي، جا هئي عشق کي آس اجا نہ مٽي!
ڀرپور ڪَلس سيڻ جا ۽ سرشار پيالا نيڻن جا،
پٿندي پٿندي جڳ گذري ويا پر عشق جي پياس اجا نہ مٽي!

## * وقت، او جوڳي!

وقت، او جوڳي، بين وڄائين
بين وڄائين، رمز آلائ !
رکي چپن تي بين فنا جي
وقت او جوڳي، سدا وڄائين!

پري هوا سان مِٺون ۽ چاتي
ڦُوڪي بين وڄائين، سائين!
هيٺ متي سُر لاهين چاڙهين
تال ملائي لهرو لائين!

هي جڳ آهه وسيهر وانگر
پر نه انهيءَ کان ڪو ڪڏ ڪائين،
مُرڳو مَندُ مندين سو سر ۾
مست بڻائي جيءَ جهومائين!

مستيءَ ۾ جڳ سارو جهولي
سُڌ بُڌ پنهنجي تون ڀُلائين
بين فنا جي رکي چپن تي
وقت، او جوڳي، سدا وڄائين!

## * گهڙو ڀڳو ته ڇا ٿيو

گهڙو ته آخر ڀڄندو هرڪو!

سڀئي ڪِي سادا گهڙا گهڻيئي
هڪ هڪ تي بس ڀڳا سيئي
ٻچيو ڀڄڻ کان ڪونه اڳي ڪو
۽ نه ڀڄڻ کان هاڻي ٻچندو،
گهڙو ته آخر هرڪو ڀڄندو!

اُس ۾ جرڪي نيڻُ ٻنديءَ جو
جڏهن گهڙي ۾ نُور پيو ٿو،
تون به آڇي يَرُ، ڀڳو ته ڇا ٿيو
روشن لهرن سان ته لڳندو!
گهڙو ته آخر هرڪو ڀڄندو!

## ٻ سار

مڏ ڪوش ۾ سمائِي سا مستيءَ ڀري مهڪ
جيڪا بهار ۾،
مائڪ ۾ ٿي سمائي سموري چمڪ دمڪ
جا ڪوهسار ۾،
موتيءَ ۾ ٿي سمائي سڄي جوت ۽ جهلڪ
جيڪا منار ۾،

مستيءَ ڀري مهڪ
ساري چمڪ دمڪ
سڀ جوت ۽ جهلڪ

انهيءَ کان ٻه سرس ڪِي
ٻن مرڪندڙ نفيس چپن ۾ وينهُ مِلي!
دنيا کان جو ملي نه ها ساري جمار ۾
اي روپ لڪشمي، تو ڏنو هڪ نهار ۾!

## * مدر هيڪاند

ملائي ڳل اسين بينا هٿاسين آرسيءَ آڏو!
خوشي دل ۾، چپن تي مرڪ، نازڪ نينهن نيڻن ۾،
ڏٺوسين آرسيءَ ۾ پنهنجي پاڻ جو عڪس روشن هو!

مون سوچيو پئي تہ سا ڪيڏي نہ هوندي پريم جي مستي
انوپم روپ ڌاري اردناريشور جو شو شڪتي
مدر هيڪاند جو آنند تن آنيو ڪيو هوندو!

## * سنجوڳ

پريہ ساجن! يا هئين هڪ خواب تون
جو وڃايو هوم ڪاري رات ۾،
يا ڪا ڏنڌلي آرزوءَ بيتاب تون
جي ڪنبي پئي چمڪندڙ پريات ۾.

اڄ سچو سپنو ٿي آئين روبرو
اڄ تہ ڳر لائي ڏيان توکي ملي،
توکي پاتم منهنجي روشن آرزو!
ڪنهن نہ تو جهڙي مٺيا سڄ ۾ ڏٺي.

## * دل جو وشواس

مذ پريل نيڻن سان پنهنجي  تون پيار
مان بہ پنهنجي پياسي نيڻن سان پيان
پنهنجا چپ هيڪر چپن منهنجن تي آڻ
پوءِ ڏس امرت بہ جي پلجي گهران
آهہ دل پياسي نہ ڪر پياسي نراس!

تنهنجي لءِ آندا آئہ هي گل بہ چار
دل جو ڏس وشواس جنهن سان تو ڏيان
پراڻ پائيندا جي ڪٽنديئہ واس ڪاڻ
ڪين اِئن سُرهو ڪنديئہ سچ تو چوان
۽ منجهن رهندو نہ رهندو تنهنجو واس!

## * اُهي اکيون

شيام، منهنجي روبرو
مون ۾ مکڙين جي وچان
شاعريءَ جي آرزو
سونهن، ڪومل ياوَ جان
ٻاهران ڪلهه باغ جي
مُرڪندي ويئي لنگهي!

اوچتو اڄ گهر وٽان
ڪيس ويندو مون ڏٺو
ڪٿ نہ هڪ ئي گهُور سان
دل کي هن گهائي وڌو
ڇا تہ سي سهڻيون اکيون
جن کي ڀُولن ٽيون اکيون!

## * ناز

سونهن تان صدقي وڃان
ان ناز تان صدقي وڃان!

روپ راڻي اڄ اڱڻ مان گل چني آئي ڪٽي
آرسيءَ آڏو بيهي ان گل کي چوٽي ۾ هڻي
جهٽ لڳي مون کان پڇڻ:
”چؤ ڪير گل؟ هيءَ ڪِينَ مان؟“
ان سونهن تان صدقي وڃان!

مون چيو گل آهه گل... ان تي اچي اُن ڪاوڙي
گل ڪڍي چوٽي منجهان ۽ مهٽي هڪ هڪ پنکڙي
جهٽ لڳي مون کي چوڻ:
”هان! مان ٿي وارن ۾ رکان!“
ان ناز تان صدقي وڃان!

## * بي فڪري

پل ڇڏايو هن اُهو گهر ساهہ سيبائو، جتي
ڪلپنا چنڊ جي ڏُونهين جا متي چڙهندي رهي
جا ٽيو جي پيڪو گهر اڄ ناهہ منهنجو گهر، جتي
ماءُ جي پاڇي ۾ گهاريم پنهنجي الٻيلي وهي!

زندگي منهنجي سندس ٻانهُنِ ۾ سوگهي آ جهليل
وقت جون لاٿيون ۽ چاڙهيون جي ٻٽيون اوکيون تہ چا
هٿ جهلي هڪ ٻئي جو قابو ڏيرج ۽ وشواس سان
همقدم ٻئجي پهاڙي پنڌ پنهنجا جهاڳيا!

پوهہ آهي، چيٽ آهي، ڇاهي؟ مون کي سڌ نہ ڪا
سيءُ جو، سرهاڻ جو ناهي مونکي احساس ڪو
هن جي نازڪ دل سان هم آغوش آهي منهنجي دل
ڏار هن جي سواس ڪان آهي نہ منهنجو سواس ڪو!

## * زال اڳي پوءِ زال

پيڪي ويٺي پياري سونهن، سونهن نجوٺي نينهن،
رس چس واري ناهه ورونهن، ڇا ته وڏي پيو ڏينهن!

چهرو سج جان پيو ڀڪيس، مشڪي منهن تي چيٽ،
جسم گلن جان پيو مهڪيس، چيٽ ۾ مهڪي ڪيٽ!

سونهن الولڪ ۽ ٻي لوڏ، نيڻ حيا ڪان هيٺ،
ديوي! ڪيان ڪٿ توسان ڪوڏ، ماڻهو آهيان نيٺ!

شڪجي جيئن وڏائين ٻانهن، لڄ ڪان مڪڙو لال،
چوريءُ ڪٿ نه ڏسين مون ڏانهن... زال اڳي پوءِ زال!

## * ڪمل ۽ ڪماري

ڏس ڪمل ڪي آب ۾
جنهنڪري بڪي هي آب
ڏس شگفته هر ورق
ان جو آهه عطر بيز!

حسن ڏس شباب ۾
جنهنڪري بڪي شباب
هر ادا سندس بحق
شيام آهه نغمه ريز!

## * سامهون جو ٽڙيو گل هو

ياڪر ۾ مون کي گهيري
وچ ۾ نہ رکي ويچو
مشڪيائين، ڏنائين پٺَي،
ڳالهيون بہ ڪيائين پٺَي،
دلداري ڏنائين پٺَي،
سامهون جو ٽڙيو گل هو!

## * توکي سمجهي نہ سگهيس

ڪڏهن بہ ڪين پُوري ريت مان سمجهي سگهيس توکي!

ڏسي ڏوران ئي مقناطيس وانگر بس ڇڪين مونکي
وٺي جنّ مان اچان ويجهو ڇهڻ ئي ڪين ڏين مونکي!

چوين ڪڏهين تہ مان آهيان فقط تنهنجي فقط تنهنجي
چوين ڪڏهين تہ آهي ڇا، ڇڏيندين ٻي پڇر منهنجي؟

خوشيءَ ۾ جي ڏسين مونکي تہ چيڙائي رئارين تون
ڏکارو جي ڏسين مونکي کلائين دل ڏُکارين تون!

ٻٽي ٻاريان اکيون پُوري چوين:مون کي نہ تي گهرجي
وسايان سا تہ جهٽڪين: ڪٿّن تي اُونداهي وٺي توکي!

اڳيان وڌندو وڃان تڪڙو چوين: منزل اڃي ويئي
اچا ٻيهان چوين: تورو ئي باقي پنڌ آهيئي!

ڪڏهن بہ ڪين پوريءَ ريت مان سمجهي سگهيس توکي!

## * سو رئڻ

شيام، ايندڙ چيٽ جي درين منجهان
ڦهڪندو تو کيت جيوت جو ڏسان
ڇا نہ هن موسم جو آهي رنگ رُوپ
پوهہ جا پارا وساري تو وهان!

ڪرشڻ پک ۾ چيٽ جي شب راتڙي
ڏائي پاسي ۾ سمهيل مدرا ڪشي
پريم ڀج ۾ جا ڪلي ننڍاڪڙي
ڏيري جاڳائي رهي ان کي مٺي!

پوهہ جي هڪ سرد ڪاري رات جو
وقت هوندو منهنجي لءِ فڪرات جو
بس ٻڌڻ ۾ ايندو چنتائن ڪندي
اوچتو ڪنهنجو رئڻ پريات جو!

سو رئڻ، جو رنج ۾ راحت ڏئي
ڊرڪندڙ هن جيءَ کي جيوت ڏئي
پنهنجي هستي ساڻ هن سنسار ۾
منهنجي هستيءَ کي سچي عظمت ڏئي!

## * اوسيڙو

شام جي وعدي ڪرڻ وارا آءُ
تا بڏن هڪ ٻئي پنيان تارا آءُ
چاتي ڏڙڪي ٿي الاءِ چاڪان
ٿو هينيون هاڻ ٻڌي پيارا آءُ!

چا لهي دل تان وئي ڳالهه آتس؟
ڪنهن تہ اهڙي نہ چئي ڳالهه آتس؟
مان نہ جاڻان تہ نہ آيو چا ڪان،
ياد شايد نہ پئي ڳالهه آتس!

بس اجهو چاڻ اجهو باڪ ڦٽي
هن جي وعدي تي ڏٺي سچ نہ ڪلي،
پهر پوئين جا تون ٿي چنڊ! چوينس
رات باقي رهي آهي ڪا گهڙي!

هن بنا رات اِئين خام وئي
آس پڻ هاءِ، ٿي ناڪام وئي،
باڪ ڦٽندي ٿي لڙي لڙڪ پيا
آس پوئين بہ ٻڌي شيام وئي!

## * ڇا وري ڪڏهن ٻه نه؟

اِئين ٿي ديوار تي رکئي، هاءِ
چنگ کي هاڻ زنگ لڳندِي،
ءِ منهنجي گهر ۾ اها لڳاتار ماٺ رهندي؟
ءِ هڪ وهاڻي تي ليٽندي، نيٺ
وار منهنجا سفيد ٿيندا؟
ءِ شمع هڪڙيءَ جي ٿي اُجالي ۾
سونهن منهنجي ٿي ويندي ڌنڌلي؟
ڪڏهن ٻه هن بعد، ڪانڌ! منهنجي
اڱڻ ۾ ڪرهو اچي نه ٻَڌنديِن؟

# * در ڪليو پيو هوندو

عمرا مون لاءِ ور جو گهر تيو ماڪيءَ جو مانارو
ڪڙا ڪل عيش ڪوڻن جا، منو مون لاءِ گهر منهنجوا

وڇائي ريشمي چادر پٽاري پنڪڙيون گل جون،
سمهان ڪٿَن سيج تي، جڏهين سمهي واريءَ تي ور منهنجوا

وسيل ڪڪرن جيان، ڇيليون ۽ ٻڪريون ڊوڙنديون هونديون
سويرو جهنڊ ساهيڙين جو هوندو منتظر منهنجوا

ترائيءَ جي ڪنڌيءَ ٿوهر، ڪجاوا ايئَن ڏاچين تي،
ڪڏهن ٿيندو مٿن ڏهرن مان ور سان گڏ سفر منهنجو؟

پريم پٽَي پرت پنهنجي ڪنجريءَ تي سٽ ۽ ڪاوَن سان،
سڏيندو پوتلو هوندو، سٽَي، ڏاگو ۽ ڏر منهنجوا

سهيلين جي سڏن تي تر تڪڙ ۾ ٿي اُٿي نڪتس،
ڪڙو پڻ مون ڪٽي پاتو، ڪليل هوندو سو در منهنجوا

ڪنديون ڪرڙيون ڇا ڇونديون من ٿي من هونديون،لڄي هونديون
اُهي راهون، جتان هر روز هوندو هو گذر منهنجوا

## * سڪيون آيون اکيون پري

جوين جي بار هيٺ هلي جنَ ڪا سندري
مڏين ۾ هير صبح جو ڏيري گهلڻ لڳي،
جمنا ڪناري شيام وڄائي ٿي بنسري
هر لهر ۾ امنگ جي گنگا ڇُلڻ لڳي!

ڇا نار ڇا خمار، سندس هر نهار ۾
گهنشيام جا هي نيڻ نشيلا ڪ پوئين رات!
سپنن جي سونهن، سانت، چڙهاءُ ۽ اُتار ۾
آلاپ بنسري جا رسيلا ڪ پوئين رات!

سنگيت، سونهن، جل جي، ترويٽي پٽي وهي
گهاگهر پرڻ سڪيون ويون، آيون اکيون پري،
جيَ ۽ ڪنهنکي نہ جهان جي سڌ بڌ ذرا رهي
ورنن انوپ ياءُ جو، ڇڙ ڪير ڪٿَن ڪري؟

## * شرد پونم

سهائي شرد پونمر آهر ۽ جمنا ڪنار آهي!
هوا متوالي ڪٿَن هلندي ٿي ڪڪ پن تان بہ تاڙجي
پلا مدّبن ۾ ڪو آيو نہ جنهنڪي تيو خمار آهي؟

گگن مان چندَ اُجلي روپي لُڪڙي ڪيس آ پاتي
بکي ڀهہ ڀهہ پٽي جمنا جي ڪومل نيلمي ڇاتي،
سباجهي سانوريءَ سان چندَ جو ڪيڏو نہ پيار آهي!

هوا جي جهوٽي جهوٽي تي چڙهيو سرهاڻ جو جادو
گلن ھوٽن جي رنگن ڪي لڳو چانداڻ جو جادو
اکين تي ڪٿَن نہ ڇانيو ننڊ ۽ نيراڻ جو جادو
نظارو اڄ تہ چاندوڪيءَ جو ڪيڏو دل ڏتار آهي!

اچانڪ ڪنج بن مان ڪن پوي آلاپ بنسيءَ جو
فضا ۾ رات جي سو پيار جو آلاپ گونجي ٿو
انهيءَ آلاپ ۾ آهي اچڻ جي لاءِ سنديشو
سٽي ساجن جو سڏ آهي ڪا، جنهن ڪي گهر منو لڳندو؟
هتي ڪهڙو قـرار ايندو، هُتي دل جو قرار آهي!

## * ائين ڇو؟

مون کان ٻه لڪائين ٿي؟
دل ۾ ڪي آوس آتشي
ڇو ڪين ٻڌائين ٿي؟

ڪِٿ مرڪ مٺي تنهنجي؟
اڳِ هئَن تہ نہ ويڳاڻي
مون شڪل ڏٺي تنهنجي!

لڄ ۾ ڇو لڪين پيئَي؟
هنجُون ڇو ائين هارين
ڪنهن لِءِ تہ سڪين پيئي؟

پڻ پڻ هي سنهي تنهنجي
ڳَنَ ڪِينَ ڪٿي ٻِڌندا
پر دل تہ ٻڌي ونندي!

## * اچرج

جهرمر تارن جي ڇايا ۾
هڪ مڪڙي جيون پائي تي
وڻ جي بي ترتيب پن جي
ڪڙ ڪڙ ان کي هيسائي تي
سنهڙا ڪنڊا اُيري چينس
جي لڄ کان سر نئڙائي تي
چپ چپ تارن ڏانهن تڪيندي
سُور سيڻي سهسائي تي
تنهن هوندي ٻي اچرج آهي
صبح تيڻ تي مسڪائي تي!

## * آرسيءَ سامهون

ملائي ڳل اسين بيناهئاسين آرسيءَ سامهون...
هئي پاڇن لڙي جي مهل، اُپ ۾ سج بہ چمڪيو پئي،
خوشي دل ۾، چپن تي مُرڪ، گهرو نينهن نيڻن ۾
ڏٺوسين آرسيءَ ۾ پئي، اسانجو عڪس ڀڪيو پئي!

ملائي ڳل اسين بينا هئاسين آرسيءَ سامهون...
اکين ۾ پيار جي پهرين ڏهاڙن جي چمڪ آئي،
لٿو هو يا چڙهيو هو سج سمڪ ڪائي نہ تي پيئي
هئي نظر ۾ جوڀن جي اجاڻائي ۽ اوڻائي!

ملائي ڳل اسين بينا هئاسين آرسيءَ سامهون...
نظر عڪسن تان اُڏندي وقت جي اُن ماڳ تي ويئي
جتي ايندڙ سيان جي صبح جو پرڪاش سونهري
ائين ڦهليو، اسانجي شام سوني شام تي پيئي!

## * رات جي انڌيري ۾

رات جي انڌيري ۾ ڪير پيو تڪي مون کي؟
چمڪندڙ نگاهن سان
ڪو تہ تو تڪي مون کي!

رات جي انڌيري ۾ ڪير پيو سڏي مون کي؟
بار بار ڏوريءَ تان
ڪوتہ تو سڏي مون کي!

رات جي انڌيري ۾ ڪير پيو ڇڪي مون کي؟
پاڻ ڏانهن حجت مان
ڪو تہ تو ڇڪي مون کي!

رات جي انڌيري ۾ ڪير پيو ڇڪي مون کي؟
ڪنهن پرائي واقف جان
ڪو تہ تو پڇي مون کي!
رات جي انڌيري ۾ ڪير پيو ڇڪي مون کي؟
ڪير پيو ڇڏي مون کي؟
ڪير پيو سڏي مون کي؟
ڪير پيو تڪي مون کي؟

# آزاد نظم

## ■ ساڳي لات

ها، ڪيترو
جنهنجي ٻُڌي عرصو ٿيو
آهي عجب، آئي نہ تر جو فرق ڪو
هڪڙو پکي اڄ هُوبهُو ساڳي تنواري لات تو!

هن ٿي ٻنيءَ تي ايندي مون ڪي سال ڏهہ ٻارنهن ٿيا
هاري اُهو، ساڳي ٻني، سونهين بہ سا
ساڳيو سِرنهن، نہ پيي اها
مٽ سٽ نہ ڪا!

ليڪن پکي
هيءَ لات ٿي جنهنجي مٺي
آهي اهو ساڳيو اڳوڻو ڪينڪي؛
ها، هُو تہ ويو ڪنهن ڇيڻ گذريل سال گڏ معدوم ٿي!

## پهرين ۽ پوءِ

پهرين پوپٽ جي مٽي....
سمجهہ توکي ڪا ذري سُڌ ناهي
منهنجو منهن، غنچو سندءِ
پنکڙين ساڻ ستيل ڪٿَن آهي؛
هِت مِٽي هُت مِٽي جٿَن چاڻ پويم
ڪوئي آهي جو مونکي ٿو چاهي،
۽ پوان لال! تڙي....

پوُنر جي پوءِ مٽي....
سمجهہ ڪنهن ڏينهن بپهريءَ جي وقت
آئين گنجار ڪندو
واري وينم اچي دل جو تخت،
آنءَ گل ڪٿَن ڪري اِنڪار سگهان
رس پيڻ وينين ٿيو سورج اسٽ،
مان بہ ڪومائل گل......

## ■ ڪهڙي آئيني ۾؟

منهنجي صورت هيءَ نہ هُئي،
خاموش
ڏکاري هھڙي
هھڙي سنهڙي!

منهنجا نيڻ تہ هي نہ هئا،
ويران

نہ جن ۾ چمڪو
يا ڪو سپنو!

هي ڇَپ پنهنجا ڪين هُئا.
هئَن تلخ
شڪايت وارا
نفرت وارا!

هي هٿ پڻ منهنجا نہ هُئا.
ڪمزور
ٽُسُن نيرين سان
خالي رت کان!
هيءَ پنهنجي دل ڪٿَ سمجهان؟
يَتَہ پيتِ
ذرا سوچڻ کان
شڪل ڏسڻ کان....

مونکي لڳَ پہ نہ پيئي
سچ پچ،
ماٺ ميٺ ۾ تيندي تيندي
هيڏي تبديلي ٿي ويئي،
ڪهڙي آئيني ۾
منهنجي اصلي صورت
گم ٿي ويئي؟

# جنتن کان نہ چنو

موکل. کنات پلیس وجڻ جو هنّم خيال....
آزاد مارکيٽ. بس اسٽاپ. انتظار.
ان وقت کنهنجي ارٿي اڳيان پٺي کجي وٺيءَ
کوٺي ٻڌو مٿو هو جو گڏ ٻٽند پڻ هٿي.
بيٺو هو منهنجي پر ۾ اسٽاپ تي جو ٻار
جهٽ ان جا پير ٻٽند جي ڏن تي نچڻ لڳا.
بيٺا هٿا جي شخص اُتي
پاٺمرادو مشين جان
پرٿام لاءِ کن ۾ سندن هٿ جوڙجي کجيا.....
(بس جي اچڻ جو آيو آواز ايتري ۾)
بس وٽ چڙهڻ لاءِ سپ ڏکي ڳاهٽ اچي تيا.
هيءَ پچ پچان جي زندگي
هيءَ زندگيءَ جي پچ پچان،
ڏيٺو پوي تو اُن ڏي ٿي هر وقت سارو ڏيانُ!
بي سُود بي نکائي کشاکش حيات آهه
جاکوڙ هيتري
۽ ڊک ڊوڙ هيتري
هَڻ پَٽ کري کري تہ بدن ٿي هجيو پوي
کنهنکي تو سُک ملي؟ يلا کهڙو تو سُک ملي؟...
هيکر وري بہ ارٿي نظر آئي بس منجهان
کنهن سرد آهه هک پري پُڻ پُڻ کندي چيو؛
"پَل سرگ ڏي وجي نہ وجي
جنڻ کان نہ هي چِنُو!"

## سمند ڪناري

هيءَ منهنجو جيوُن!
سمنڊ ڪناري چمڪي ريت
طرحين طرحين چِٽ چِٽجن
لهر لهر سان مِٽجن!

هيءَ منهنجو آواز!
سمنڊ ڪناري پورو شنڪ
واءُ لڳڻ سان گُونجي ڌُن
لرزي سوز ڀري سُن!

هيءَ ٿي منهنجو ڀاڳ!
هيڏو سارو سمنڊ اَجهاڳ
نيڻ نهارن نِت هُن ڀَر
هِن ڀَر وِسر وِسر!

# موملَ موملَ

هڪ موملَ
ڪنهن بہ ڪاڪ جي ماڙيءَ تي ڏسبي
ڪوئي بہ راڻو جنهنکي
پائي، مائي، چڏي سگهي تو.

بي موملَ
موملَ ٿي آهي
جنهنکي پائڻ محض خيال
جنهنکي مائڻ خالي خواب
جنهنجو تياڳ نہ ممڪن
هوءَ تہ آهي
موملَ موملَ!

# پر مان پڇي نڪتس اتان

منهنجو دشمن ٿي نہ هو
هي ڪتان آيو جو منهنجي پر ۾ هٿَن بينو اچي؟
ڏند ڪرٽي، چپ پڪوڙي، شوخ نظرن سان
سندس مُنهن ۾ نهاريم منٿ لاءِ،
بس، پوءِ منهن ڦيري چڏيم.
پر تڏهن پي هُو نجس بٽجي اُتي بيهي رهيو
۽ هٿن لڳو مونکي چوڻ؛
"ڪنهن ڏهاڙي
بس جڏهن هي دؤر ويندو ختم ٿي
۽ اسان وٽ ڪا بچيل بارود جي گولي نہ هوندي
جيڪڏهن هوندي بہ ڪا
تہ بہ هي ڦٽيل هٿ
انکي چهڻ جي لاءِ بہ ڇُرندا ڪينڪي- پوءِ
پاڻ کان شايد پڇون آخر لڙياسين چو پٽي؟
۽ نہ ڪوئي اُن سمي ڪارڻ ڏسي اُن جو سگهون!
هڪ ٻئي کي ٿي ڏڪاريوسين
اها پڻ هڪ پرولي ٿي پوي!"
اِئن چئي هُو
منهنجي واتان ڪجهہ ٻڌڻ جي آس ۾ بيهي رهيو
پر مان پڇي نڪتس اُتان
چو تہ ترسان ها جي ڪجهہ
پڪ گلي لايان ها کيس.

## واريءَ پريو پلاند

رڻ جي هيءَ خاموش فِضا
واري واري چوڌاري
واري سڪٽي واري
نِرجَن ريگستان
هتي وڻ ٽڻ جو بس نانءُ نہ ڪوئي
ڪونہ پکي پي ڏسجي اُڏندو
ليڪن
منجهند جي تتهہ اُس ۾
ڪٿئن لهرائيندي هڪ نهر هلي ٿي
روشن نهر
بَکي ٿي جنهنجي هڪ هڪ لهر
اچانڪ واريءَ ۾ چڻ پراڻ پيو ٿو....
هڪ البيلو ريگستاني
ہُڪَ پري واريءَ جا
ويٺو
پنهنجو ڪٿئن نہ پلاند پري
گويا روشن لهرن جو منظر ميڙي ان ۾ ڪٽندو!
ٽيندي ٽيندي سج بہ لڙيو
تابش بہ گهٽي
رڻ جي خاموش فضا
چوڌاري واري واري
سڪٽي واري ٿي واري!

# منڙي!

منهنجي ڪوتا جو
ڇا روپ ڏسي پرمائين ٿي؟
ڪيئي سندر چهرا
تن مان جهاتيون پائن پيا،
پر پوءِ به تون شرمائين ٿي ڇو؟
هر چهري تي نڪريل
تنهنجي دل جا ڀاءُ ته هئا،
نيڻن ۾ هئي
تنهنجي ممتا
تنهنجي پريت جي گهرائي،
چند چند ۾
تنهنجن نُورن
تنهنجين ڇُوڙين جي جهنڪار هئي!
صبح جو سنيري گهر مان نڪران
آفس ڏانهن وڃان مان
آفس مان تي پيڙ ۾ پٺڪي
سانجهيءَ جو گهر موٽان
توٽي ڏلم سؤ صورتون سهٽيون
واٽ تي ايندي ويندي
ليڪن هي هئو صرف تماشو
منهنجي موهه مَئي! جٺَن
منهنجن ٻانهن ۾
تٺن منهنجن گيتن ۾
تون ٿِي، تون ٿي، تون ٿِي!

# ▪ پر پوءِ بہ

ديوار،

وڻ جي ڇانوَ

بس اسٽاپ،

شاهراهہ،

هر چيز اڄ بہ اڳي جان لڳي پئي،

پر پوءِ بہ

ڪجهہ آهہ

جو

اڄڪلهہ هتي نہ آهہ!

# سانيٽ

## ▲ ڏاتار

عطا ڪرينم نظر سا ڏسي سگهان جنهن سان
- سٽا جي تجلي سدائين دنيا ۾،
جڳهہ نہ اهڙي ڪا تنهنجو نہ نورُ جنهن جا ۾،
هٽاءِ جهل جو پردو هيُ منهنجي اکڙين تان؛
سرن جي ڪاج جڳت جا تہ سڀ سرن تومان
چڙهي ٿي تنهنجي ڪرم جي ٿي وِير دريا ۾
وسي ٿي تنهنجي ڪرم جي ٿي بوند صحرا ۾
ڪکر جيان تون جدا باغ کان ۽ برپٽ کان؛

نہ چيز ڪابہ ننڍي، تُنهنجي سڀ وڏائي ٿي
وڏائي تنهنجي عيان آهہ ڪوهسارن ۾
هزار رنگ مٽي تي چِٽي سٽا تنهنجي
جڳي ٿي تنهنجي ڏيا جي جوت تارن ۾
جي آهہ ڪوبہ نيارو مقال کان، تون ئي!
جي آهہ ڪوبہ مٿاهون خيال کان، تون ئي!

## ▲ سوال

پلاءِ، پونءِ کي ڏيئي ملهار جي نعمت
تہ ڪوئلن جي سڙيل دل سندي اُسات لهي
سُواتي بونُد بنان سِپ نہ ڪا نراس رهي
۽ پائي پاند ۾ ٽوبو منار جي دولت!
اکين کي گهوٽ جي سندر ڪنوار جي صورت
سدا ڪنوار کي ور جوئي پيار بخشي ڏي
نصيب شل ٽئي سپڻ ۾ محو جوڙي کي
سنيهہ، سونهن ۽ جوين جي خواب جي راحت!

هجي ڪو انگ اگهاڙو نہ ڪوئي پيٽ بکيو
رهي نہ نا! هتي منگتي ۽ داتا جو
رُلي ٽئي نہ متي چانوَ لاءِ ڪوئي ڏکيو
رهي وطن تي سدا سايو تنهنجي ڪرپا جو!
سين جو مرڪي پيو منهن نہ ڪو اُداس هجي
اکين ۾ آس، دلين ۾ سدا هلاس هجي!

## ▲ ڪلي تي پاڻ ئي گل

چمن ۾ ٻوٽي جي هڪ لام تي پن هيٺان
پرھ جي هير کان وانجهيل هئي ڪلي هڪڙي
اِنهيءَ ڪري سا ڪلي اڻ ٽڙيل رهي، نہ ٽڙي
اجان گل جي هئي سهڻي رنگ، خوشبو ڪان؛
انهي ئي ٻوٽي ۾ ٻي شاخ تي اڳئين جي مٿان
عجيب حسن نزاڪت سان ٻينو ڦول ڪِڙي
مڏو مکيون، ڪجهہ پوپٽ، ڪي ڀونر آيا مڙي
ڏنو تي ڪٽن نہ ڪليءَ بار بار حيرت مان!

چڏيو ڪليءَ کي ڪري مست، رنگ بُو گل جي
رڙهي رڙهي، وڌي پيرن ۾ گل جي ٻوءِ جهڪي
ڪيائين عرض تمنا، تہ مرڪي ڦول چيس؛
"ڪيو ڪليءَ کي وياڪل چو آرزو گل جي؟
"پرھ جي هير جو جهوٽو بہ ڪاٿي ڏس تہ سهي!
"ڪلي تي پاڻ ئي گل، بيقرار گل چو ڪَيُس؟"

## ▲ سنڌو ساگر

هماليہ جي مسرت جا مجسّم ٽهڪڙا، سنڌو!
ٻهاريءَ جا سدا من ڀاوندا انمول آئينا!
تون ٿي وادين جي عظمت ۽ پرندن جي مڌر وينا
جڳت جي آد جنهن سان روح تنهنجو سا اُشا، سنڌو!

تنهنجي لهرن سنڌي لس ليٽ آهي چانہ لاثاني
مٿل دل کي جياري کن ۾، تنهنجي امرتي ورڪا،
نظارو سرڳ جو تصوير تنهنجيءَ مان ٿئي پيدا
تنهنجي هر لهر تي ڪنهن اپسرا جي جٽڪ پيشاني!

تنهنجون لهرون، ڪنوريون يا، پريل وحدت جي مڌرا سان؟
”سچل“ ۽ ”شاهہ“ جي محفل جا اَي روح روان ساقي،
رهي شل تنهنجي رحمت ۽ محبت جي نظر باقي
خوشي رهواسين جي، ملڪ جو نالو ٻئي توڪان،

مجسم فيض تي آئين، ڪرم ڪيڏو ڪرين سنڌو!
اپار آنند سان نت سنڌ جو هردو ڀرين سنڌو!

## ▲ فرصت غنيمت

گلن جو هارو، صراحي ۾ وچ ۾ آهه رکي
اڪيلي سر ٿي پيان جي نه آهه هم صحبت
پيو جي ڪيئن، ڏيان چند کي ٿي تو دعوت
اُهو ۽ مان ۽ سندم پاڇو، ٿن جي محفل ٿي...

وجود پاڇي جو ڪهڙو، وٺي نه چند ڇُڪي
مگر وڃائجي ڪهڙي طرح هتان فرصت؟
پيو پيو هلي هلندي بهار ڳچ مدت؟
ڏنائون جهڙي ۾ صحبت اها قبول ڪبي.

فلڪ تان نَڙي هڏي چند جتَن ڪلان ڳايان
نچان ته پاڻهي مون ساڻ گڏ نچي پاڇو،
ائين انهن سان پيئڻ وقت پاڻ وندرايان
پيئڻ ڪانپوءِ سين جو جدا جدا رستو.

۽ سين- لوڪ ۾ گڏجون وڃي وري جيسين
اننت شانت ۾ بس ٿيئي گم رهون تيسين!

## ▲ سندري

ڳڙجندي ٿي جا اُڪنڊين جي ڇپن تي ٽي نچي
سون ورني نار! تون آهين مِني ان مرڪ جان،
موڪلائيندي اُڪنڊين جي اکين ۾ جو اڇي
تون نفيس آهين سراپا اي مني ان لڙڪ جان!

تنڊ جان نيڻن کي وس تي تنهنجي سندرتا ڪري
ڇا نه ان آڏو پڪيڙيو رس ٻڏل سپنن جو ڇار،
سرس چنچل دل ۾ هڪ احساس آلس جو پري
چانئجي هر انگ تي راحت جو البيلو غبار!

ڪٿَن نه اِن انيو ڪندي دل ۾ جاڳن ولولا
تنهنجي ان جادو پريل نيڻن ڏي شل هرهر ڏسان
ها، انهن جادو پريل، متوالي نيڻن ڏي سدا
شل ڏسان، هرهر ڏسان، ڏسندو رهان، ڏسندو رهان!

خواب سونهري ٻڻي نيڻن ۾ آئين سندري!
چاهه ٻڻجي دل جي ڌڙڪن ۾ سمائين سندري!

## ▲ بسنتي هير

بسنتي هير جا جُهوٽا سرير کي ٽا لڳن
ڪ وشو موهنيءَ جي اُن چنيءَ جي آهه ڪنار
ڇهاءُ جنهنجي مهاديو کي بہ لائي لڳن،
ڪجي ڇو ساهہ تڪو، نيڻ ڇو ٿيا رتنار؟
هر انگ انگ ۾ شرنايون دل ڏتار وڄن،
ڪُلن اکين اڳيان ٽا سنهري سپن ڏُٺار
رسيلي سپن ۾ لڙلين پرش لائون لهن
ڪري سِنگار تي هر نار ڪلپنا ۾ ڪنوار!

وليون وٽن تي وريون ۽ ٽڙيون ولين تي ڪليون
هوا پريندي سندن رنگ ۽ هُڳاءُ جي ساک،
ورائي ٻانهون ولين جڻَ ڪيون ڪي رنگ رليون
پري ڪو قول اسان جي بہ رنگ ياءُ جي ساک!
ائين وڃاءِ نہ وَجُهہ ۽ ائين نہ بيهي نهار
سنگار ڪهڙو پيو سونهن آهہ تنهنجو سنگار!

## ▲ ڪير؟

نيل جل جمنا ڪناري ڪير مونکي ٿو سڏي
دل کي ڪَنِ بيچئَن سيتل چندرما جا ترورا
۽ مٽان تارا اشارن ۾ ٻڌائن ڳالهه ڪا
ڪنهن جي چڪ هئَن رات جي وڳڙي پٽي دل کي چڪي؟

ڦاڳ ۾ پڻ ڪير ٿي بيچئَن پيو ڳولي مونکي
ساري مڌبن ۾ جتي گائين کي چارن گوالا تا،
۽ مڌر بنسيءَ جي تانن ۾ سنيها پيار جا
ٿو هوا جي ريشمي جهونڪن وسيلي موڪلي؟

ڳائي ڳائي اوچتو جئَن سانت ڪويل ٿي ڪري
ڪنهن جي دل ۾ هاري هارڻ تي ڇڏي سا دل جلي
بنسري چپ سان لڳائي هُو ڪٽي، ڏس بيڪلي
دردوَندي دل جي دانهن سان فضا کي ٿو ڀري،

ٿي صدا پهچائي دل جي دل کي، محرم راز جي
بنسري صورت سراپا سوز جي ۽ ساز جي!

## ▲ روپ مايا

ها، تپوبن ۾، وڻن جي هڪڙي جهڳٽي ۾ ڪٽي
ٽاريون ٽارين سان مليل، ڪنيا جي چت ياسيون پئي،
ٽڙ ۽ ٽارن تي وليون جڻ ڪنهن ورايون هيون رٽي
جن مٿان لٽڪي، هوائن سان ڪيون هاسيون پئي!

ڪنهن سمي ۾ تياڳ وشوامتر راجائي ڪري
قدرتي ڪٽيا ۾ اُن بن جي، رهيو تي شانت چت،
گود ۾ پرڪرت جي، مانو جڳت ڪاڻ ڳجهه پري
پنهنجي جپ تپ ساڌنا ۾ تي رهيو اُو لين نت!

ڏيري ڏيري اُنکي حاصل تي تپسيا جي سڌي
مهرشيءَ جي پد تي آخر ساڌنا ساڌي رسيو
اُنجي وس ۾ تي رهي هرڪا سڌي هرڪا رڌي
پر جهلڪ "جوتي يوُن" جي ڪينڪي مائي سگهيو!

جي اکيون ڪيئي لڳا هرڪيون ڏسي ٻاهر جي سونهن
اڄ ڏسڻ چاهي ٿي تن ٻاهر چڏي اندر جي سونهن!

---

نوٽ: 'روپ ـ مايا' جي عنوان هيٺ آيل هي ڪل سورنهن سانيٽ آهن، جن کي عام طور تي طويل نظم سمجهيو ويو آهي، پر اصل ۾ هن عنوان هيٺ هر هڪ جدا سانيٽ آهي. انڪري ئي سانيٽن سان گڏ رکيا ويا آهن. (مرتب)

هاڻ بس ويٺي سندس جيءَ کي اِها جهوري لڳي
انڪري ٿي هو نٿين سر ساڌنا ساڌڻ لڳو،
ساڌنا ڪيڏي بہ هي پر ڪيس سا توري لڳي
جسم جي سک سهنج جو اُن کي رهيو اونو نہ ڪو!

مهرشيءِ جي گهور تپ کان اِندر آسڻ ويو لڏي
هي ڏسي ساري سڀا هڪدم وئي گهبرائجي
هٿ ڏئي سر کي، ويو سُرپت بہ چنتا ۾ ٻڏي
روپ، رس ۽ راڳ جي دنيا وئي ڪومائجي!

هي ڏسڻ سان ٿي مدن پنهنجو سنياليو جهٽ ڌنش
مينڪا، ماڌو ٻئي شامل وئي هڪدم اُٿيو،
۽ چيائين: سُرپتيءِ! آخر منش آهي منش
۽ منش جي من جي ورتيءَ کي مٽڻ ناهي ڏکيو!

واسنا من جي اِها جا اِندرين جي واسنا
اِندريون ڪنهن ورلي جيتي تن جي مٽيءِ واسنا!

بن ڪلاونتن جي بن آندر سڀ آديت لڳي
هلڪيون هيرون ٿي لڳيون ۽ سنهڙيون شاخون ٿي لڏيون
وڻ کان وڻ ڏي، شاخ کان ٿي شاخ ڏي اُڏريا پکي
گنڌرون جون جڻ مڌر پرتڪش تانون ٿي اُڏيون!

گل ٽڙڻ، مکڙين ڦٽڻ، ڪوئل جي لاتين جي مٺي
آئي رت دل ۾ اُتارڻ ڪلپنا ۽ ڪامنا
نڪري ڪنّيا مان رشي پرڪرت جي ليلا ڏٺي
هير جي جهونڪڻ اُڀاري دل ۾ مبهم چاهنا!

ڪٿن نہ ڪومل ننڊ جان ۽ خواب وانگر ڌنڌلو
بن ۾ گونجيو ٿي مڌر پڙلاءُ هڪڙي گيت جو
ڌيري ڌيري جڻ ٽڙي مکڙيءَ مان بڻجي ڦول ٿو
اُڀريو اُن جي ذهن ۾ ائن ياءُ هڪڙي گيت جو!

مست ٿي بنواسي اُن ليءَ ۽ تال ٿي ڳائڻ لڳو
ماڌوي مايا سان چنچل دل کي بهلائڻ لڳو!

جهومندو، ڳائيندو، گل چنندو ۽ اُڇليندو هليو
ڏس تہ اُڇلايائين ڪٿان تي ڦول گهوري ڦول تان
اڄ سندس جهل جو نہ هو من ۾ نہ هن اُنڪي جهليو
هڪ تپسويءَ جي اندر ۾ آئي چنچلتا ڪٿان؟

پنهنجي ڏن ۾ ڪيترو ڪنيا پنيان آيو چڙدي
هڪ ولين جي ويڙهہ ڏسندي هٽڪي اوُ بيهي رهيو
ڪيس اٿن ياسڻ لڳو جڻ اڳ بہ آيو هو هتي
پر ڪڏهن ۽ ڪيئن آيو هو، نہ سو سوچي سگهيو!

پوپٽن جو ناچ، گل، گنجار يونرن جي مٺي
۽ ولين جي ويڙهہ، سيني تي ڏياريس ياد ڪا!
جاءِ هيءَ هن عمر جي سانير ۾ ناهي مون ڏٺي
پر سڃاتل تي لڳي، هي آهہ ڪهڙي ماجرا!

اٿن رشي سوچيندي سوچيندي ويو حيران تي
ڪين ليڪن ڪنهن طرح اُن ڪان سگهيو هي ڳجهہ کُلي!

تي اڳيان شفاف پاڻي جي ندي وهندي وئي
جل هڻو يا چنڊ جي جل روپ اوجل چاندني؟
مهرشي ڇرڪي ڪناري ڏي نظر ڀيهر ڪئي
ڇا،منش جي روپ ۾ سپني تي ڏيکاري ڏني؟

سونهن ڦلواڙي جي آئي ڪير هن بن ۾ ڪٿي؟
مرڪندي، شرمائيي هوءَ روپ جي ديوي اچي
ڏس ٽڙيل گل جي جواني ڪٿڻ نه ڪنڊن ۾ ڪٿي
ماڪ مڪڙين تي وسي جٿن پير اٿن ڪٿندي اچي!

ڇا نه اپريل انگ هي، هڪ هڪ مان سوپيا تي ڇٽي
ڇيٽ جي الهڙ هوا جو عرش تي آهي دماغ
رس ۾ خوشبو ڦهلجي، جٿن پير هوءَ اڳتي ڪٿي
ڦوهجوين جڻ ڪوئي آنبن جو ٻوڪيل آهه باغ!

ناز مان وک وک کٿي اٿن سونهن واري تي اچي
مڪڙي مڪڙي تي چمن ۾ جڻ بهاري تي اچي!

وار چوٽيءَ ۾ ٻڌل ياسيا تي سندر سپن جان
جنَن ٿي چوڙيائين، ويا سي رات وانگر ڦهلجي
جنَن گهڙي وچ نهر ۾ وارن پکڙجي جل متان
روُپ مايا چور نظرن کان ڍڪي هينان رکِي!

ڪٿَن نه ترنڊڙ اپسرا جي نرم آنگن کي لڳي
نهر جون لهرون هٽي پئنتي، چڙهي ڪجهه مٿيرو
تورڙو وَرُ ڪاٽي وسِهر وانگي، پاسيرو مڙي
جسم کي ٻيهر ڇهي، نڪري ويون تي اڳيرو!

نهر مان ٻاهر اچي جٿن لڳ سڪايائين پٺي
پنهنجو جوبن پاڻ ڏسندي شڪجي شرمائڻ لڳي
روپ جي هڪ چال ڏس، ڪٿن ٻيءَ کي اُپما تي ڏٺي
مُرڪ لڄ چمڪائي تي، لڄ مرڪ ڀڪائڻ لڳي!

گل چني هٿ ۾ جهلي، پاڻي ۾ پاڇي تي ڏسي
ناز مان وارن ۾ پائي، پاڇو ٿي ڏسندي رهي!

من جي ورتيِ کي لڪائي، مهرشي گنيير تي
اڳيرو ٿي ڪَامني کي هٿن چيو پاڻ ۾ مان
”سونهن جا سپنا مٺا! اي سونهن سپنن جي مٺي
روپ پنهنجي جو چٽين ٿي چتر جا پاڻي مٺا؟“

نرگسي خودبيني مان ڇرڪي اُٿي سا سندريٰ
سپنن آنيؤ* ۾ پريل اکڙيون ڪليون اهڙي طرح
اوچتو ٿي اوچتو بس هير جو جهونڪو لڳي
بيخبر پوپٽ جي پرڙن کي ڇٽي جهڙي طرح!

مهرشي کي سامهون ڏسندي ٿي وٺي هڪدم وسي
۽ چيائين، آبدار اکڙيون ڪٽي، ”ڪميا** ڪريو!
يوگ جي شانتي نڪيتن*** ۾ اچي رخنو وجهي
مون ڪيو اپراڌ****، اپراڌي مٿان ڪرپا ڪريو!“

هٿ ٻڌي بيهي رهي اٿن عجز اکڙين ۾ پري
۾روپ جي نٽرٽ ڇڏيو هٿ يوگ کي نهنو ڪري!

---

* آنيؤ: تجربو، آزمودو.
** ڪميا: تپسيا (پوڄي عبادت)
*** شانتي نڪيتن: مها ڪوي ٽئگور جو جوڙايل آشرم/ يونيورسٽي.
**** اپراڌ: پاپ. اپراڌي: پاپي.

گهريون گهريون، ڪاريون ڪاريون سي اکيون نظرون سرل
ساڏنائون يوگ جون بس پر ڪري سيئي ويون،
باک ڦٽندي ٿي اُٿي ڪر موڙي جٿن دنيا ستل
هڪ نظر سان دل ۾ اٿن جاڳي تمانـون پيون!

دل جليل کي ٿي ڏسي ڏس روپ جي پرڀاءُ کي
ڪوئي سمجهائي سگهي ڪٿن؟ ڪٿن سگهي ڪوئي ڏِسي؟
جٿن ڪنوڻ جي چال جو چِڙ عڪس ڪٿن ڪوئي ڇڪي
ڪن ۾ سائو ڪيـتِ سڙندڙ آهه اُن جي آرسي!

جهٽ رشي مُرڪي چيو، ”ڇا واسطي هيڏو هراس؟
سچ تہ شانتي ههڙي بن ۾، سو بہ هن رت ۾ ڪٿي؟
نهر جي ڪلڪل، پکيئن جي لات، گل جو رنگ واس
ڪافي ناهن من جي، ڇا، شانتي لڻائڻ واسطي؟“

اٿن چٿي ڪا ڪن پلڪ سُن ۾ رهيو بس مهرشي
ڪيس پنهنجي زندگي ۾ ڪا ڪمي محسوس ٿي!

”ڇا، مان واقف ٿي سگھان ٿو هن آلوڪڪ روپ جو؟“
نيڻ نيڻن سان ملائي، اٿن ڪٿي يوگيءَ پڇيا.
سر جھڪائي لڄ وچان آهستي هڻن رمڻيءَ چيو،
”هي ديامي ديو، داسِي ڪي سڏن تا مينڪا!“

هلڪي وارن جي ينل خوشبو سان دل بي خود ٿيس
هٿ مٿي تي نار جي، آسيس لئي يوگيءَ ڏريو،
بس ڇهڻ سان ٿي بدن ۾ جهٽڪ وچ ڏوڙي ويس
ڪٿن نہ رمڻيءَ جي مڌر واٽي ڪيس ويتر چريو!

”مونکي ڪرپا جو ڪيوَ پاتر ڪري پنهنجي ديا
ورنہ آهيان نرتڪي مان، منهنجو ڪيتر واسنا!“
مهرشي بيخود پري هڪ آهہ ورجايو تہ، ”ها،
تنهنجو ڪيتر واسنا ۽ منهنجو ڪيتر ساڌنا!

موت ۽ اُن بعد ڇا ٿيندو، ڳٽي ڳٽتيون اهي
دل ۾ پيدا ٿي حقارت هن حياتيءَ واسطي!

يوگي: ٻوڏي عبادت گذار.

قول سان ڪندا ڏنا مون چنڊ ۾ ڪارنهن ڏٺي
هاءِ اڪڙيون! وهم جو ڪيڏو نه هو تن تي اثر
رنگ بوُ ماڻيم نه پاتم ڏار امرت جي مٺي
هاءِ منهنجي سمجهه ! دنيا کي مون سمجهيو دک جو گهر!

ڪٿن نه سک جي ڪلپنا ۾، مون رلايو پاڻ کي
ڪلپنا جي سک ينيان سايا جو سک تياڳي ڇڏيم
زندگي جو سار شانتي سمجهي مان آيس هتي
بن وسايم، ڪرم کان ڪاٽئڙ تي دنيا کي ڇڏيم!

شاخ کان تي ڏار ڪنهن مڪڙي نه ماڻيو رنگ بوُ
قول ٻڌڻ تيو پري مورڳو گنوائي پاڻ کي
ڏار دنيا کان تيس مان دل ۾ پائي آرزو
پاڻ پاڻڻ ليء اچي وينس وڃائي پاڻ کي!

هيء اڪيلائي ٿي جٺري موت جو ڪارڻ ٻڻي
تو گهمان پنهنجي ڪلهن تي لاش پنهنجو ٿي ڪٽي!

تنهنجي آئي، آئي بن ۾ ماڌري جيون اُشا
هر آئي کي ڪٿن نہ چمڪائي سنڌءِ موجودگي
جٿن وسيل بادل کي سينگارين سج جا ترورا
تنهنجون نظرون ائن پرن رنگينين سان زندگي!

گڏجندي ٿي جا اُڪنڍين جي چپن تي تي نچي
سون ورني نار! تون آهين مٺي اَن مرڪ جان
موڪلائيندي اُڪنڍين جي اکين ۾ جو اچي
تون نفيس آهين سراپا اي مٺي، اَن لڙڪ جان!

تند جانِ نيڻن کي وس، ٿي تنهنجي سندرتا ڪري
ڇا نہ ان آڌو پکيڙيو رس ٻڌل سپنن جو ڄار
سرس چنچل دل ۾ هڪ احساس آلس جو پري
ڇانئجي ۾هر انگ تي راحت جو البيلو غبار!

خواب سونهري ٻٽي نيڻن ۾ آئينءَ سندري!
چاهہ ٻٽجي دل جي ڌڙڪن ۾ سمائينءَ سندري!

ويڙهي ڏسٽيءَ جي متان ڪومل گلابي پنکڙي
ڊيري ڊيري چپ تي نرمي سان گهمايائين پٺي
خالي نظرن سان البيلي ڏسڻ گل کي لڳي،
تي لڏي لمڪي، وراڪا جڻ گلن جي بُو ڏئي!

”يونر آئي ڏس تہ گل جا انگ ڪئن مهڪڻ لڳا
بانورو تي ڪئن نہ اوُ اُن جا چمي مڌ سار چپ!“
ڏسندي هلڪي مسڪراهٽ سان چپ ٻهڪڻ لڳا
پنکڙين جان نرم، سنهڙا سي مڌر رتنار چپ!

”تنهنجي ڪومل مڌ ڀري ايءَ مسڪراهٽ جا چوان
آهڃڻ سا پريم ميءَ ۽ شانت ميءَ سنجها رتول،
ڪي اچن پاريهلن جون جوڙيون جنهن ۾ چاهه مان
چهنبون چهنبن ۾ وجهي ڪن پريت جا ويهي ڪلول!

سمجهہ سمجهائي نيڻن دل کي گهري تي تياڳ ڏي
سونهن تنهنجي اُن کي هرڪائي نٿين انراڳ ڏي!

ڦول ڪان سندر ڪماري هي ڪڏهن سوچيو آئي
سونهن هيءَ ڇاجي ڪري توکي ملي سنسار ۾؟
پونر ۽ پوپٽ گلن تي ڇو، پرن ڇاڪان اچي؟
آهه مطلب ڪهڙو گل جي رنگ ۽ مهڪار ۾؟

ڪو اچي تورن سيارن بعد جي توکان پڇي
چيٽ جان تنهنجي اگوٽي ٻهڪندڙ صورت ڪٿي؟
مرڪ منهن ۾ اڄ نه ساڳي جوت نيڻن ۾ ٻکي
ڇا ٻڌائيندينءَ انهي ڪي ماڏري مورت ڪٿي؟

آه! ڏس هُو ڦول پن پن تي ويو ڪومائجي
تنهنجي سواسن جان مدرهائي ڪٿي اُن جو هڳاءُ؟
ڪو ورائي ڪيس اڄ ڏيئي نه سگهندو تازگي
ماڪ ڄِي ڪڻ، صبح جون هيرون،نڪي سج جو اُهاءُ!

هاءِ، هيءَ سوپيا ڏسي سگهبي نه جيوت ۾ وري
مائبي ٻيهر نه گذري جا گهڙي راحت ڀري!

پر اياڻي ناه پر ڪرتي تي اُن کي جڻئن ڏسين
ڪڻن نہ سانڍي تي رکي ڦل ۾ ڪنول جو رنگ روپ
مرڪندي تون پي اُنهيءَ جان شال ورجائي سگهين
منهنجي هن جيوت جي جيوت آه هي ٻالڪ آنوپ!"

سونهن جي معصوم دل ۾ ڪشمڪش ڪيڏي پئي
ياوَ ساگر ۾ تي ڇلڪيون سهسين لهرون آڻ لکيون
هڪ نئين احساس سان بس دل سندس ڀرجي وئي
بي ارادي پرش ڏي پاڻهي ڪڇيون اُن جو اکيون!

هٻڪي هٻڪي ڪجهہ چپاءِ تي تہ دل ڌڙڪيس اٿين
ايندي ايندي لفظ چپ تي ٿي اچي رهجي ويس!
تيز ساهن کي دٻايائين، ڪڇيس ڇاتي تئين
لڄ کان نِوڙيس ڪنڌ، لڙڪي وار ڇاتيءَ تي پيس!

پاڻ ڪوئي شرم کان ول وانگي وَرُ ڪائڻ لڳي
ڏاڻو هٽ ساجي ڪرائيءَ تي سا ڦيرائڻ لڳي!

”لڄ جو گهونگهٽ لاهه، ڪيڏو چاهونئين ۾ ڇلي
سج لٿو، هوءَ رات آئي، ائين نه ٻيهي پير مَل
نرم جهونڪن سان هوا جي، تي گلن جي اِڪ ڪُلي
ورنه ٻيئل نير ۾ ٻوٽيل رهن، ٻوٽيل ڪنول!

ڪٿن نه ان آنيو ڪندي ٿي دل ۾ جاڳن ولولا
تنهنجي اِن جادو ڀريل نيڻن ڏي شل هر هر ڏسان
ها انهن جادو ڀريل متوالي نيڻن ڏي سدا
شل ڏسان، هر هر ڏسان، ڏسندو رهان، ڏسندو رهان!

منهنجي نظرن سان تون ڏس، مان تنهنجي نظرن سان ڏسان
ڏڙڪي ٻن جسمن ۾ هڪ دل، جاڳي هڪ ٿي ڀاونا
پنهنجو جيون تنهنجي جيون سان ملائڻ ائين گهران
پاڻ ۾ هڪ ٿي وڃون جئن جسم دل ۽ آتما!

شانت ۽ واڻي ۾ تنهنجي منهنجي جيون جو سنٻنڌ
جئن نه ٻن ٻيڻن جون لاتيون، ٻن گلن جي جئن سڳنڌ!“

خودبخود مانئي هوا بڻجي تي چنچل هير، پر
هير جون منڙيون وٺي مس مس ٽِڙي مکڙي گل ٻٽي
گل ٻٽي ٻي هير سان نه نه ڪري هر هر، مگر
اُن جي اِن نه نه منجهان ٿي هير تي خوشبو ڪٽي!

چيلهه تي جنھن ٿي رکيس هن هٿ، وٺي هيسائجي
ائين ڏڪيس ڄاتي تي، جنھن ڇيڙي ڪوئي هندول راڳ
پريم جي ياڪر ۾ ڪنبڻ جسم ويو بس سانت ٿي
ڏيري ڏيري جڻ ويو خاموش ٿي هندول راڳ!

تي گهُلِي سيتل پون، گل گل جو مهڪيو انگ انگ
پرتوي ڀاسي پئي پرڪرت جي مسڪان جان!
بادلن جي گود ۾ نکريو گگن تي رنگ رنگ
خوش خوشيءَ ۾ تي تيو آڪاس ٻي اِنسان سان!

ڪٿَن نہ آئينده جي گهاٽي جهڙ مان وچ جتَن وَر ڪندي
ياڳ ريڪا، شيام، ڪاليداس جي چمڪڻ لڳي!

## ▲ ڪلپنا ساڪار ٿي آئي

وسي ٿي دل ۾ هڪ مورت سپنيءَ ۾ جئن وسي موتي
مگر سا جنهنجو سندر روپ خود مون ئي ٺاهيو هو،
رهي هر وقت ٿي سامهون انهيءَ ئي روپ جي جوتي
منش جي ڪلپنا ۾ جو ڪڏهن اڳ ۾ نہ آيو هو؛

هٽايو سونهن جئن پردو نظر آئين يڪايڪ تون
منهنجن سپنن جي سوپيا ڪِن ۾ ڪنهن سايا ۾ بدلائي؟
جهلڪ ڏسندي ئي سچ جي راهہ تي آيون پُلل نظرون،
تون آئين ڪين منهنجي ڪلپنا ساڪار ٿي آئي؟

تنهنجي ان روپ درشن سان وئي مَنجي منهنجي دنيا
سمايل ياوَ ها منهنجا تنهنجن دلڪش ادائن ۾،
ڏٺم ساڪيات پنهنجي شاعريءَ جي شيام سندرتا
اڳئن ڪوتائون جهلڪيون پئي تنهنجن روشن نگاهن ۾!

نگاهن ۾ هئم جا سونهن آخر ڪنهنجي صورت ٿي،
هئم جا دل ۾ ڏنڏلي آرزو، نکري محبت ٿي!

## ▲ خواب

تنهنجي مستاني انوکي رفتار
جڻڪ بادل جي رواني آهي!
ڪارا ڪارا هي ڇُڙيل تنهنجا وار
صدقي ساوڻ جي جواني آهي!

آڌ کليل نيڻ نشيلا تنهنجا
ياءِ سپنن ۾ سمايل سپنا!
هي مڌر ٻول رسيلا تنهنجا
ياءِ گيتن ۾ سجايل سپنا!

جند سان توکي جڙڻ لءِ بيتاب
تنهنجي دُوريءَ کان تيس درماندو
سونهن خود خواب، اداڻون پي خواب
خواب ياڪر ۾ ڪڏهن ڪنهن آندو؟

اڄ ٻه خالي تہ سندُم ياڪر آهہ
خال سيني ۾ جُڳن لاڪر آهہ!

## ▲ ڄاڻ اڻڄاڻ

سنڌو ٻنڌن کان ڇٽڻ کان ڪنارا ٽياڳيا
سمنڊ ۾ پاڻ کي آزاد ڪرڻ لاءِ پيئي،
سمنڊ ۾ پيئي رهيا پوءِ ٻه ڪنارا ساڳيا
ٻنڌنن کان نه سگهي پاڻ کي مڪتي ڏيئي!

ٻنڌنن کان مون ڇٽڻ لاءِ پتوڙيو ڪيڏو
جي لٿا پيد پراڻا ته نوان پيد پيا،
راهه آسان، سفر سهل ٿيو بس جيڏو
پير ڇڪبا ئي هليا، ڪين ڪٿي تاڻ ٿيا!

پاپ ۽ پن جي معنيٰ نه سگهيس مان سمجهي
هر زماني ۾ نه ساڳيو رهيو مطلب تن جو،
ڪالهه جو سچ ٿي سڏيو اڄ نه حقيقت اُنجي
سچ اَجوڪو ڇو نه پوءِ ڪوڙ سيائي سڏبو؟

زندگيءَ جي نه ڪڏهن نيڪ حقيقت ڄاتم،
ڄاڻ جا پيئي انهي ۾ نه سچائي پاتم!

## ▲ سو ڪهڙو جهان آهي؟

توکي ڏسي ٽڙي جڳ رڻندو رهين مگر تون
ڇاڪون وٺي نہ توکي تي ڪل خوشي هتان جي؟
ڏسندي بہ ڪينڪي تو ڪنهن ڏي ڪرين نظر تون
دل تي تري اچئي تي ڇا ياد ڪا ڪتان جي؟

پنهنجا نہ پر پراوا چئني طرف ڏسين تو
حيرت وچان سين جي منهن ڏانهن پيو نهارين،
ٻولي هتان جي ٻي ۽ تون ڪجهہ چوڻ گهرين تو
ڳالهائين ڪڻن ۽ ڪنهن سان، ان لاءِ لڙڪ هارين؟

تنهنجي نظر ۾ جنهن جا سپنا مٺا وسن ٿا
ڪهڙو جهان آهي سو صلح سانت وارو؟
روشن اُتي جي آهن سي سج ۽ چنڊ ڪهڙا
ڇهري ۾ تنهنجي جن جو ٻهڪي ٿو نُور نيارو؟

تنهنجن اکين ۾ ڪهڙن تارن جي جڳمڳاهٽ
تنهنجن چپن تي ڪهڙين مکڙين جي مسڪراهٽ؟

## ▲ گھڙين ٻن لءِ سهي

رات ڪيڏي شانت ميہ آنند ميہ ٿي، راڏڪا، ننڊ ڇڏ، اُٿ ڏس تہ ڪئن جهرمر ڪري ٻينا مٿان ٽمڪندڙ ديپڪ ستارن جا وشال آڪاش مان پرٿويءَ روشن ڪيا ڳڇ ڪڙڪبيتن جا ڏئا: موتئي جا ڦول جيتوٽيڪ ڏسجن ڪين ٿا پر فضا مهڪي رهي تن جي تکي سرهاڻ سان رات جي هيءَ شانت پڻ ياسي ٿي منڙي گيت جان اڄ، منين سُرهين گهڙين ٻہ اڄ، رچايون راس ڪا!

جا ٻہ حاصل ٿي سگهي آهي خوشيءَ جي سا گهڙي ڏينهن جو فرصت جي ناهي، رات جا چورايون پل پير ڪڻ ڇمڪاءِ پايل،مان وڄايان بنسري! بنسريءَ جي ڌن، جهڻ پايل جي ۽ من جي اُڇل، هيءَ گهڙين ٻن جي سهي، پر پوءِ ٻي آهي خوشي آهہ هر اهڙي خوشي، ابدي خوشيءَ جي ٿي اُٽل!

## ▲ مان وساريل ئي چڱي

ساھ جا سينگار! توکان موڪلائي تي وڃان
بس وڃان اوڏانهن ٿي ورنديس جتان مشڪل وري
سڪ پريون ٿينديون رهائيون ڪينڪي حاصل وري
هڪ ڀڳي ڪي ٿيو ڏسڻ اوکو، نہ دل تان لاهجان!
انسنا آئندي جا ناهي نہ سگهنداسين وري
تهنجي نيڻن ۾ سندم سپنن مڙهيل راتيون رهيون
منهنجي نيڻن ۾ سندءِ رنگين پرڀاتيون رهيون،
ڪين سي نظرون ملائي خواب لهنداسين وري!

جيڪڏهن ڪجھ وقت لءِ مونکي وساري تون ڇڏين
۽ وري جي خواب ۾ پڻ ياد مان مونتي پوانءِ
پنهنجي ان ويسر تي پلجي پي نہ هرگز غم ڪجانءِ
پاڻ ڪي ان لءِ متان ڪنهن ريت گونڌر ۾ گڏين؛
ڪٿن تسنو ويندو مون کان، ساري مونکي تون ڏک سهين
مان وساريل ئي چڱي، شل تون سدا سرهو رهين!

# ترائيل

سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ هتي، سنڌ هُتي!
ملڪ ٻڌجي ٿو منيءَ سان نہ مگر ماڻهن سان
سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان!

چاڙ ماڻهن جي پوي صاف سندن ٻوليءَ مان
شيام، ڳالهائجي سنڌي ٿي جتي سنڌ اُتي!
سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان
سنڌ سنڌين ۾ وسي سنڌ هتي، سنڌ هُتي!

◉

پنهنجي ڪوشش ۾ وسان ڪين گهٽائيندس مان
چاهي تقدير مونکي ساٿ ڏئي يا نہ ڏئي!
مشڪلاتن ۾ اِرادو نہ مٽائيندس مان
پنهنجي ڪوشش ۾ وسان ڪين گهٽائيندس مان!

سج لهڻ بعد بہ وک اڳتي وڌائيندس مان
راهہ روشن ڀلي تارن کان ٿئي يا نہ ٿئي!
پنهنجي ڪوشش ۾ وسان ڪين گهٽائيندس مان
چاهي تقدير مونکي ساٿ ڏئي يا نہ ڏئي!

تنهنجي قسمت جو ستارو نہ هو اُن ۾ روشن
آيو آڪاس نظر ميروئي ميرو توڪي!
ڇا نجوميءَ هو ڏنو جاچي جتن ساڻ گگن
تنهنجي قسمت جو ستارو نہ هو اُن ۾ روشن!

روشنيءَ ساڻ ڀريو سج تہ اُفق جو دامن
نظر آيو رڱو رنگين انڌيرو توڪي!
تنهنجي قسمت جو ستارو نہ هو اُن ۾ روشن!
آيو آڪاس نظر ميروئي ميرو توڪي!

◉

سائين! جئريءَ جندڙيءَ جي سُور جون سڀ صورتون
زندگيءَ ۾ چين جي ڪا ڪِن ملي، ممڪن نہ آهہ!
اُون ايندڙ جي، وڻي جا پُور، ڳڻتيون حال جُون
سائين! جئريءَ جندڙيءَ جي سُور جون سڀ صورتون!

يا ڇريو ڪوئي ڪلي، يا جنهن کي ڏين توفيق تون
ورنہ دنيا ۾ رهي ڪوئي ڪلي، ممڪن نہ آهہ!
سائين! جئريءَ جندڙيءَ جي سُور جون سڀ صورتون
زندگيءَ ۾ چين جي ڪا ڪِن ملي، ممڪن نہ آهہ!

ڦاڳ آيو، ڳاءِ هوليون، رنگ سان هولي رچاءِ
آهه هر موسم کي پنهنجو راڳ ۽ پنهنجي ورونهن!
جنن، جڏهن، جيڪو ملي سو تنن، تڏهن موقع مناءِ
ڦاڳ آيو، ڳاءِ هوليون، رنگ سان هولي رچاءِ!

چو گلابي رنگ تون چاهين سدا رابيل لاءِ
پنهنجي پنهنجي جاءِ هر گل جي چڱي سرهاڻ سونهن!
ڦاڳ آيو، ڳاءِ هوليون، رنگ سان هولي رچاءِ
آهه هر موسم کي پنهنجو راڳ ۽ پنهنجي ورونهن!

◉

دک پرئي گيت ۾ پڻ آهه پريل ڪوئي مناس
چوڄ جا گيت ٿي آهن نه فقط گيت منا!
آس جان آهه نراشا ۾ به منڙو احساس
دک پرئي گيت ۾ پڻ آهه پريل ڪوئي مناس!

مَر ڦري دوُر زماني جو مگر ٿيءُ نه اُداس
شيام، هي ڏينهن به ڏس هُو به نه تو ڏينهن ڏنا!
دک پرئي گيت ۾ پڻ آهه پريل ڪوئي مناس
چوڄ جا گيت ٿي آهن نه فقط گيت منا!

مان اجا تائين اهو ڪين سگهيس ويچاري
آهه ان چنڊ جي ڪاراڻ جو کهڙو ڪارڻ!
چنڊ کي داغ ڏئي، سونهن ڇڏيس ڪنهن ڪاري
مان اجا تائين اهو ڪين سگهيس ويچاري!

جنهنکي گنگا جي وهل تار سدا وهنجاري
جنهنکي مستڪ تي مهاديو ڪري نت ڌارڻ
مان اجا تائين اهو ڪين سگهيس ويچاري
آهه ان چنڊ جي ڪاراڻ جو کهڙو ڪارڻ!

◉

اجا روشني ڏي، اجا روشني ڏي
اجا تائين دنيا اسانجي انڌاري!
سُجهي ڪونہ چارو اجا روح ٻنڪي
اجا روشني ڏي، اجا روشني ڏي!

انهيءَ سچ، انهن چنڊ تارن جي هوندي
اجا ٻاٽ ڪاري، اجا ٻاٽ ڪاري!
اجا روشني ڏي، اجا روشني ڏي
اجا تائين دنيا اسانجي انڌاري!

ڪنهن تصور ۾ مسڪرايو پئي
دل سمائي نہ ٿي خوشيءَ ۾ شيام!
ڪنهن تخيل ۾ گنگنايو پئي؟
ڪنهن تصور ۾ مسڪرايو پئي؟

ڏيري ڏيري ڪوئي تہ آيو پئي
شرد پونم جي خامشيءَ ۾ شيام!
ڪنهن تصور ۾ مسڪرايو پئي
دل سمائي نہ ٿي خوشيءَ ۾ شيام!

◉

زندگي تو بنان اُداس اُداس
جيئن سنسان شام هوليءَ جي!
آس مان آس پاڻ آهہ نراس
زندگي تو بنان اُداس اُداس!

رنگ ۾ رنگ جو نہ ڪو احساس
ايئن ويران شام هوليءَ جي!
زندگي تو بنان اُداس اُداس
جيئن سنسان شام هوليءَ جي!

جهلمل ڪندڙ حسين ستارن جي ميڙ ڏي
ڏسندي مٿي تان ڪنهنجي رئو ٻي ڪِري پيو!
نالو نڪتُ نڪتُ جو ٻڌي شوق مان تڪي
جهلمل ڪندڙ حسين ستارن جي ميڙ ڏي!

اُپ ڏانهن هيءَ ڏسي ۽ ڪو ڏانهنس پيو ڏسي
نظرن ڪي سڪ ۽ سونهن جو، مرڪز ملي ويو!
جهلمل ڪندڙ حسين ستارن جي ميڙ ڏي
ڏسندي مٿي تان ڪنهنجي رئو ٻي ڪِري پيو!

◉

ليءَ هجان ها جيڪڏهن تنهنجي مڌر آواز جي
منهنجي دل جو گيت ٿئي ها هوند تنهنجي دل جو گيت!
رُوپ جي هر تان ۾ وسعت هجي ها راز جي
ليءَ هجان ها جيڪڏهن تنهنجي مڌر آواز جي!

شيام جيڪر ٿي پوان ها تار تنهنجي ساز جي
تنهنجون نازڪ آڱريون ڇيڙن ها منهنجي دل جو گيت!
ليءَ هجان ها جيڪڏهن تنهنجي مڌر آواز جي
منهنجي دل جو گيت ٿئي ها هوند تنهنجي دل جو گيت!

پر منجهان لنگهي وڃين جيڪڏهن هڳاءِ جان
زندگي گلاب جان هوند جهڙ ٽڙي پوي!
پراڻ واسجي وڃن هڪ مٺي ڇهاءُ سان
پر منجهان لنگهي وڃين جيڪڏهن هڳاءِ جان!

پنکڙيون پٽي اگر سڏ ڪرينم پيار مان
سُرت ڪنهن ستار جي سُر جيان ڇڙي پوي!
پر منجهان لنگهي وڃين جيڪڏهن هڳاءِ جان
زندگي گلاب جان هوند جهڙ ٽڙي پوي!

◉

وقت ايندو جو ملڻ کان ٿي پري هوندس مان
منهنجو پلجي بہ ڪڏهن ڪونہ تو ويچار ڪيو!
منهنجي گيتن جا پنا ٿي پيا هوندءِ پرسان
وقت ايندو جو ملڻ کان ٿي پري هوندس مان!

گيت ڪجهہ پاڻ پڙهي بعضي ٻڌي ڪنهن واتان
روئي چوندينءَ؛ مونکي ڪيڏو نہ تي هن پيار ڪيو!
وقت ايندو جو ملڻ کان ٿي پري هوندس مان
منهنجو پلجي بہ ڪڏهن ڪونہ تو ويچار ڪيو!

تارا نہ ٽُرن ٽا نہ وري رات ڪٽي ٿي
جاڳڻ تہ نہ چاهيان ٿو مگر ننڊ اچي پئي!
ڇا بيهي ويو وقت نہ جو باک ڦُٽي ٿي
تارا نہ ٽُرن ٽا نہ وري رات ڪٽي ٿي!

ڌڪو بہ نہ ٿئي بند ٿو، دل پئي نہ ٽُٽي ٿي
اُف عمر ڪان ڇٽڻ واسطي ڪا راهہ هجي پئي
تارا نہ ٽُرن ٽا نہ وري رات ڪُٽي ٿي
جاڳڻ تہ نہ چاهيان ٿو مگر ننڊ اچي پئي!

◉

هاءِ سنسار، هتي سک نہ مليو سک پائي
نانءُ ٽيو اصل جو، هٿ آيو مگر عڪس رڳو!
ڪٿّن نہ دل درد پري، شيام! آڇا واجهائي
هاءِ سنسار، هتي سک نہ مليو سک پائي!

چنڊ لءِ بارُ رڙي ٻانهون مٿي ڦهلائي
آرسي ڏيکّي چون ڪيس تہ وٺ چنڊ اِجهو!
هاءِ سنسار، هِتي سک نہ مليو سک پائي
نانءُ ٽيو اصل جو، هٿ آيو مگر عڪس رڳو!

هُو تہ خود تند ڪانہ سورندو
پر ہِ وينا اِئين رکي هوندي!
اڄ چُري واءُ اُن کي چوريندو
هُو تہ خود تند ڪانہ سوريندو!

سانت ہِ ٿي سرن سان اوريندو
جنهنجي لنءُ لنءُ ہِ ليءِ پري هوندي،
هُو تہ خود تند ڪانہ سوريندو
پر ہِ وينا اِئين رکي هوندي!

◉

سونهن تنهنجي جو سهي تاءُ سگهن نيڻ نہ تا
هُوند وارن جي ٽڏي ڇانو اُنهن تي نہ ڪرين؟
دل ڏسڻ توکي گهٽو ٿي تي گهري پوءِ بہ ڇا،
سونهن تنهنجي جو سهي تاءُ سگهن نيڻ نہ تا!

ڳائي ڳائي ٿي پيا خشڪ نبل چپ منهنجا
هڪ مُني ڏيئي وري تازو انهن کي نہ ڪرين؟
سونهن تنهنجي جو سهي تاءُ سگهن نيڻ نہ تا
هُوند وارن جي ٽڏي ڇانوُ اُنهن تي نہ ڪرين؟

# تصويرون

•

ڌرتي ۽ آڪاس،
ويچاري درويش جو
هيءَ ئي آهہ لباس!

△

رات وڏي ۽ سيءُ،
اُڀ ٽڪيل، ڌرتي ٽڏي،
سائين، پردو تيءُ!

△

وڃن نہ سنگ نہ ڳهنڊ،
هن بستي جي خلق جي
چؤ، ڪٿَن ڦٽنديون ڏنڊ؟

△

ڪيئَن چنان هي ڦول،
ٽڙيل اِئين ئي شاخ تي،
سائين، پوي قبول!

△

تاريلي اِڪانت،
لنگهندي ٻُڌ وِهار ڪان
سرهي سرهي سانت!

△

دريا ۾ مهتاب،
لهرن سان لائون لڏيون
شايد منهنجي خواب!

△

آهه جهليو نه ٻور،
چنڊ متانئس مان ۾
نانئي نرمل نور!

△

ڏنم ڏٺي کي ڦوڪ،
در جي ٻيڪڙ مان ڪٿي
هوا سهانيءَ ڏوڪ!

△

هلڪي هلڪي هير،
ڦول چنبيليءَ جا چٽن
چنڊ ڪڙو گنيير!

△

تاج ٽڏو جڻ برف!
چنڊ ٽڪيو سج ڏانهن، پر
ڪنهن ٻه ڪُڇيا ٻه حرف!

△

تارن سندي برات،
سٻنڌيون خواه سهاڳڻيون
ماڻن ساڳي رات!

△

تارا سهس هزار،
هوُ ماناري تي مکيون
ٽپڪي روشن لار!

△

نوُر يري نيراڻ،
چنڊ چڏي ڪنهن ٻئي تکيو
تارن کي چاڪاڻ؟

△

ڏيئي ڪنڌ کي ٻانهن،
ڪٽ تي ليٽي پئي تکيءَ
رات ستارن ڏانهن!

△

ڏينهن پنتان ڏينهن،
گذري ويا، ڳچ ڏينهن پيا
ٿيا پرائا نينهن!

△

ٻجليءَ جا چمڪاٽ،
ڪوئل جي ڪوُ ڪوُ وٺي
چيري ڪاري ٻاٽ!

△

ساوڻ سارو مينهن،
ڪڪرن مان اڄ اوچتو
چنڊ نچوڙيو نينهن!

△

موڪل واري ڏينهن، ·
چانئٺ تي بيٺس اچي
آءُ ٻه آچي پيو مينهن!

△

موڪل واري ڏينهن،
سنبريس نڪرڻ واسطي
آچي ننيو جو مينهن!

△

ڪنوٺين جي چمڪار،
هئي اڳهٽو الهندي
هائي اوير پار !

△

ڏينهن جو پهريون خواب،
آهه ٽڙيو اوير طرف
سونو لعل گلاب!

△

آڻ ڄاڻي جي ڄاڻ،
هيرونُ منهنجي هانوَ ۾
چڏي ويون سرهاڻ!

△

ٻيج ٻنيءَ جي ويل،
سنهڙو سنهڙو چندرما
ماڪ ٻنل رابيل!

△

ڪر موڙي تالاب،
ڪومل ٻاڪن ۾ ٻڪي
ڪمل ڪليءَ جو خواب!

△

نظر پئي ناگاهه،
مهڪيو پئي رابيل ۾
ڪنهن سپني جو ساهه!

△

ڇٽي نمن جو ٻورُ،
نيڻ جهڪائي سندري
پئي پڇائي پورُ!

△

هوند هجان ها ڳوٺ،
ساٿين کي، اڏندي هتان
منڙي ڪونج، نه ڪوٺ!

△

خالي منهنجو جهول،
گذري رات، پره ڦٽي
سپنا ڏانوا ڏول!

△

گهرج ڏنا جي ڏنپ،
اڏري پر آجا ڪريان
ڪٽان اڇن پر ڪنپ؟

△

راڌي راڌي شيام!
بنسي ڪانهه وڪامجي
آنو آنو دام!

△

ساگر ۾ اٿھونُد،
پاڻي پاڻي ھرطرف
پر نہ پٽڻ لاءِ بونُد!

△

ڪھڙي ڳالھہ ڏسيان،
ٻوٽا صرف نہ، قول يي
ڪاٺي ويٺي گانءِ!

△

ھر ھر رڪجي پير،
قدم قدم تي گل ٽڙيا
چؤ تہ نہ ڏسندو ڪير؟

△

لام لام تي ليڙ،
منساديويءَ جي ڪنڌي *
آسائن جي ييڙ!

△

پوپٽ جو خوش خواب،
ور وري ڏيٺي پيو پڇان
ڪو جو ڏئيم جواب!

△

---

* ھر دوار ۾ ھڪ پھاڙيءَ جي چوٽيءَ تي نھيل مندر

تيز چتا جو داھ،
هانيون ٿي ميڙي ڪبيون
گنگا ۾ پرواھ؟

△

هي گنگا جا گهاٽ،
هانيون، گل ـ پيڙيون، ڏيا،
لهر لهر تي لاٽ!

△

جيجل! منڙي لوءِ!
سنڌي لوليون ننڊ ۾
ٻڌيون هن ڪان پوءِ!

△

گل ته رهيا ڪن ڪاڻ،
آھ سمايل ساھ ۾
اچا سنڌن سرهاڻ!

△

پنکڙيون هر هنڌ،
مون پئي سمجهيو هير کي
بوجهل ساڻ سڳنڌ!

△

چا ته پپر جي چانوَ!
ويهي هڪڙي ٽار تي
ڇهنب اگهي پئي ڪانوَ!

△

ڏس تہ پکين جا ڏانوَ!
اڏندي هڪ جي ٻئي مٿان
ڪٿن نہ پوي تي ڇانوَ!

△

پل ڪن لهرون لوڏ،
ڇڏيو ڪناري تي وڃن
ههڙا ههڙا ڪوڏ!

△

پوپٽڙا رنگين،
ٻار تہ گڏجي ماءُ سان
هائي هلندا ڪين!

△

چٽيل گلن جو ڍير،
نشڙي پٽ تان پنکڙيون
ڇُوندي وينو ڪير؟

△

ساز رکيل پت سان،
بند اکيون، چپ ڳاٽو
راڳن ساه رهان!

△

ساز بنا پي آس،
بند اکيون، چپ ڳاٽو
راڳ رسيا آڪاس!

△

سن ۾ سرت سماءِ،
دونهون چندن ڌوپ جو
هلڪو سرد هڳاءِ!

△

جوڳي سُن سماڌ،
نين نميل ننڊاکڙا
سپنا اگم اڳاڌ!

△

دورُ اُفق کان دورُ،
منهنجي منزل آهه جنهن
کو شاعر جو پورُ!

△

مانو آهي واءِ،
روکي ساهه ٻڌم، مگر
سڌ نہ کو پڙلاءِ!

△

هڪڙي آس، ٻي لوءِ،
رڻ راهي جوڳيئڙا
ڳولن ڪهڙي جوءِ؟

△

دونهيُون دکن پرار،
چڻکن مينهن جا چڙا
پهر نہ ڪا هن پار!

△

واجهائي اُپ ڏانهن؛
سنڌي ڳولي شاھ پٺي
بيهي يٽ متانهن!

△

شنڪ ڏُنيءَ جي گونج؛
نماشام مندر متان
هيءَ اڪيلي ڪونج!

△

ٺاڪر شانت سرُوپ؛
ڪامي رڪ ٻٽجي ڪري
ڪن ڪن چندن ڌوُپ!

△

شو مندر چپ چاپ؛
جهرڪيون آٽڪيوُن اوچتو
سانت سهي سنتاپ!

△

سينور چڙهيل تلاءَ؛
ڏيڏر ٽپ ڏنو مگر
لهرين جو نہ لڳاءُ!

△

پري هيترو شهر؛
هن بنواسي نانگ ۾
هيڏو سارو زهر!

△

اڪڙيو هيئن درخت،
ڦان تي باز ڪريو مٿان
آنڌي آئي سخت!

△

هِن لاءِ ڪهڙي ووءِ،
ڪهڙو پن، پُڇ واءُ ڪان
ڇڻندو هن ڪان پوءِ؟

△

پن پپر ۾ هيئن،
هن جو نالو هيِر ڪي
ڇڏ تہ بڌايان ڪيئن؟

△

جهونجهڪڙي جي وير،
منهنجا سنهڙا چندڙ، اڄ
ڪيڏي لاتئہ دير!

△

گل وٽ يونر نہ قيد،
ليڪن سُرخ سُڳنڌ جو
چني تہ سنهڙو پيد!

△

هي ڪنهنجي جهونگار؟
ڏينم تہ ماڪيءَ لار سان
مان بہ ملايان تار!

△

هي چر، ٽتڙ ۽ ڪانهن؛
ڪٿ چڪجي آيس هتي؟
ويس پٽي ڪيڏانهن؟

△

جملن جو ٿهلاءُ؛
هر هر ورق ڪتاب جو
اُتلايو تي واءُ!

△

تارا ڪيڏو دوُر؛
پهرٿين پهرٿين پيار جا
پيارا پيارا پوُر!

△

رات آنڌاري سرد؛
وٿي تڏي ٿي جوت ٻيي،
گهرو گهرو درد!

△

آڌيءَ اُيريو چنڊ؛
هڪ جوڙي جي سيج ڏي
گهوُري ڪٿن نہ اهنڊ!

△

صاف ڪليل آڪاس؛
رنگ، واس ۽ راڳ جو
رليل مليل آحساس!

△

سرهو سرهو سواس،
ڪومل رنگ هڳاءَ جو
دل ۾ ٿئي احساس!

△

رنگ - رتي سرهاڻ،
روح ٻه قالب ڪي جڏي
اُڏريو پوپٽ ساڻ!

△

ڦوليو ڦڳڻ ماس،
لڻ لڻ تي ڪاندارجي
اچي سِرِنهن جو واس!

△

ينڙي ينڙي مرڪ،
تازن تازن گلن مان
يونر ٻه پيتي سُرڪ!

△

ڇو تي ڇوڙين ڇير؟
سهٽيءَ واريءَ چال تي
پنهنجا پير نہ هير!

△

پايل جي جهنڪار،
پراڻ پون ڇڻ پونءِ ۾
پير ڪٽي جڻ نار!

△

نار، ڪچي ڪچنار:
گھر جي ڇت اُس ۾ رڱيل
ڇانوَ ڇپيل ديوار!

△

سس ٿُنهن پوڄا ڪاڻ،
ڏيئڙا ٻاريا پپر تي
پنن ڪڍي ساواڻ!

△

هڻ پٽ، پيچ پچار،
ڪير رهي سنسار ۾
پر هي منڙا ٻار!

△

ڏوپ، اُهاءُ، هڳاءُ،
چڙ ۾ گهٽ وڌ ٻار کي
ڳالهايو پئي ماءُ!

△

ماءُ ڏنس پئي مار،
پوءِ ٻه چنبڙي ماءُ کي
سڏڪيو پئي جو ٻار!

△

ڊنڊ ڪناري ڪنگ،
ڪاغذ تي اونڌا سنوان
ٻار لکيا پئي انگ!

△

آءُ نہ ڪيڏون ڪيل،
ماءُ بنا موڳي چڙي
مون وٽ ناهہ گليل!

△

گليءَ گليءَ ۾ شور،
اونهاري جون موڪلون
بار، لغڙ ۽ ڏور!

△

صبح، شفق جو رنگ،
ڪڏ تي هڪڙو ڇوڪرو
أي ۾ سندس پتنگ!

△

هي ويچارو جهرڪ،
بارن ۾ ڦاٿو اچي
يري اچانڪ چرڪ!

△

وسيو آسر ڪان مينهن،
ڪڏ تي ڪينهون ٻار جو
پُسيو سڄو ئي ڏينهن!

△

جمنا ۾ اشنان،
ٻُڪ ۾ چمڪيو سڄ پٺي
بالڪ جو آيمان!

△

ماءِ بنان حيران؛
پوپٽ پڪڙيا پار پٽي
رڻندي يي نادان!

△

ڪڙڪي، آفس روم،
مرليءَ جي آواز تي
جهوم، وسيهر، جهوم!

△

نيڻن منجهہ سوال،
خالي هٿ ٿهليل اڳيان
آهہ جواب محال!

△

سج، شفق، گودول،
آفس ڪان گهر موٽندي
من ڇو آهہ ملول؟

△

سڪٽا سڪٽا تار،
پن ڇٽيا، آڏريا پڪي
وڻ ها ڇايادار!

△

هيڏا اُسريا گاهہ!
راٿي ڏاران ڪاڪ جي
ڪير لتاڙي راهہ؟

△

کنڌھر پراسرار؛
وک وک تي وڏندو وڃي
آھٽ جو آڪار!

△

منجھند، چمڪي رُڃ؛
آئي ڪي آئي اِجھا
ڇالون ڏيندي اُڃ!

△

منجھند، ليٽيل آنءُ؛
ڪنڌي تي ڳيرو ڪِريل
نم تي ڍرڪيل ڪانءُ!

△

خالي ڪنڌھر جاءِ؛
ڳيرو گھگھلائي رهيو
ھيءَ ويراني، ھاءِ!

△

ڊٺل ڦٽل ديوار؛
وچ ۾ بيٺل پپر وٽ
واٽھڙو ٽي چار!

△

ھڪ اُڪرس، ٻي ٻاٽ؛
ڪنھن ڪنھن مھل ھِتان ھُتان
ٽانڊاٽي جي لاٽ!

△

تنهنجي راند نہ راند،
گهر ناهيو، ڊاهيو وري
وارِي پائين پاند!

△

مِليو هُئين مون سان بہ،
تنهنجي مشڪ مڻي مونکي
آهي ياد اڃا بہ!

△

وري ڏسڻ جي پياس،
مُڙي نهاريم موڙ ڏي
دل ۾ رهي اُڪاس!

△

گل پوپٽ جي پريت،
جو پوپٽ جو گل هجي
سڀ سان ساڳي ريت!

△

هيءَ گونگي چانڊاڻ،
هڪ جوڙي ويني ڪئي
ڪلهہ هت روح رهاڻ!

△

چنڊ هنيو پڙ هيئن،
مونُ بہ پکي آڪاس ۾
ننڊ بہ ايندي ڪيئن؟

△

سرد پورنما رات،
بنسي ٻٽ جي گهاٽ تي
راس نہ رس جي بات!

△

ريڊيو سنڌي راڳ،
چاءِ پيالي چپن تي
نيڻين ننڊ نہ جاڳ!

△

مٺي مٺي سرهاڻ،
ڪن لءِ ياڪر ۾ ڪٿي
چاندوڪي ۾ آڻ!

△

در ڪڙڪايو واءُ،
ڪوليمر پر ڪنهن ڪي ڪلي
چوان تہ اندر آءُ!

△

چٽي ڪنڌيءَ جو ٻورُ،
نم جا پيلا پن ڪِرن
واءُ وجي وهلُور!

△

اوچو اُپ ۾ باز،
هوُ ٻہ ڪبوتر يت متان
گِٽِ گِٽِ جو آواز!

△

ڏند پکين جو گنج،
ڪيڏي ييڪي سان اڏيو
جھنڪو ڏيئي هنج!

△

هلڪي هلڪي هِير،
پر تي بينل ڪنگ جا
پير چُتا پئي نيرِ!

△

چِتر چِٽڻ جو موھ،
تي ٿي ويو منھنجي هٿان
رنگ- رتو اڄ ڏوھ!

△

پڪڙيم پئي پوپٽ،
سھٽي سهٽي ڦول ڪي
ايئن لڳي ويو جھٽ!

△

هوليءَ جي پريات،
ڪيڏا يگ ڏيئي ويا
رنگ- رتي سوغات!

△

نڪتو چيڻي چند،
هيءَ حقيقت حال جي
هي ماضيءَ جو مند!

△

ڪوئل جي ڪونجار،
رکي رکي ٻڏجي ڪني
تترن جي ٻہ تنوار!

△

ڪيڙيل آهہ زمين،
هي هاري، هَرُ ۽ ڏڳا
ڇُرندا ڏٺا تہ ڪين!

△

اُڀ ۾ ڦڙڪن ڪنب،
دوُر دوُر هڪ ڳوٺ ۾ جي
هلڪي هلڪي رنب!

△

ڪنيو ويا پٺي سَرُ،
هاري گهر ڏي پٺي وريو
ڏٺي ٻنيءَ ڪي هَرُ!

△

ڪوئل جي ڪونجار،
دوُنهون جيئن جهاز جو
هيءَ جمنا جي ڏار!

△

ڪُرلائيندي ڪونج،
نڪري ويئي دوُر، پر
اڃا فضا ۾ گوُنج!

△

روڻي ڏيڻ ثواب،
ڪُتا اڻڪيا پاڻ ۾
سهڪي سهن عذاب!

△

ڪوئل! لنوندي جيءَ،
جنهن ڪي پُٽ نہ ڏيءَ ڪا
جنهن وٽ ماءُ نہ پيءُ!

△

ڪوريئڙي جا ٻار،
پنهنجي پنهنجي ڪُنڊڙي
پنهنجي پنهنجي ڄار!

△

سورج جو پرڪاش،
لڙهندو ويو پٺي واهہ ۾
هڪ ڪُتي جو لاش!

△

ڪانوَن جي ڪان ڪان،
نوريئڙو ڇچري وٺي
موٽر تيزي سان!

△

پيرن جو آواز،
ڏيري دروازو ڪُليو
ويو بند تي ساز!

△

ڪيڏو لنبو ڏينهن،
ٻيڙي ساحل ساڻ اڄ
اوري ويني نينهن!

△

ترس تہ توري دير،
ساوا ساوا ڇهڄ پن
پيلا ڦول ڪَنير!

△

پئي اچانڪ آڪِ،
پيلي ڦول ڪنير مان
نڪتي ماڪيءَ مک!

△

هيءُ تہ صرف ٻہ نيڻ،
هڪ هڪ پوپٽ پوئتان
سهسين سهندا وين!

△

نور يري نيراڻ،
ڪوئل جي ڪو ڪو سنهي
سَرهي هيءَ ساواڻ!

△

ڳاڙها ڳاڙها ٻير،
توراڻي چاڻي وڻون
ڦٽجن يل هٽ پير!

△

هيءَ جمنا جي ڏار،
ڪنڌيءَ اُڀيون ڪيتريون
ٽالهيون ڪري قطار!

△

ٽڙڪو ڏيئي ٽار،
جنهن ٿي تڙ ڪان ڏار ٿي
بوندون ٽپڪيون چار!

△

هڪ ننڍڙو واهڻ،
ڪڏ جي پرتي هڪ مڙهي
ٻڙ جو قديم وڻ!

△

هلڪي هلڪي ڇاٽ،
ڪوئل جي ڪو ڪو سنهي
وٺن منجهان هيءَ واٽ!

△

هيڏو سارو جهنگ،
ڇا تنهن جي نه ملي وچي
ڪنهن رانجهوُ جو سنگ!

△

مور مور ٿي مور،
هتي هتي اوري پري
شور شور ٿي شور!

△

بارش بس تي هاڻ،
چمڪي ڪيڏي پت مٿان
سينور جي ساواڻ!

△

پورا ٿي ويا مينهن،
ڪانگ لنوڻ ڏاران لنگهيو
شراڏن وارا ڏينهن!

△

ٽانڊاڻي جي لاٽ،
پويان پونڊڙ ڪي ٻه هٿن
وجي ڏسيندو واٽ!

△

وڻ ڪي لوڏيو واءُ،
سرسر ڪنڌڙ پنن وچان
جگنوءَ ڪيو اُهاءُ!

△

ڪونج اڙي او ڪونج،
ڪڏهن تنهنجي لاٽ جي
ٿي پهريائين گونج؟

△

چمڪي چوڏس چنڊ،
هنڌ مٿان چادر آچي
اُن تي وڻ جو منڊ!

△

ٿُلسيءَ جي سرهاڻ،
وينو هوس آڱڻ ۾
شعر لکڻ جي ڪاڻ!

△

نالو نامعلوم،
ليڪن هن وڻ ۾ ٽڙيل
هيءُ ٻه گل معصوم!

△

آلبيلو ٽانگر،
سورنهن سال اڳي ٻه هو
سهڻو آج وانگر!

△

نم ورائي ٻانهن،
ڪيڏي ڪروٽا مان ڪئي
رتن جوت تي چانهن!

△

انبر نيل - ورڻ،
لال قلعي جي پوئتان
املتاس جو وڻ!

△

آننت جو احساس،
ٻڙ جو وڻ مندر اڳيان
متان ڪليل آڪاس!

△

شام، سڙڪ پڙ يانگ،
سامهون سُرندو پئي ويو
هڪ چٽڪمرو نانگ!

△

پٽ تي تيو ٿهڪو،
ڇت تان هڪ ڪِرڙي ڪِري
هانوَ اندر دهڪو!

△

رات، سڙڪ سنسان،
پاسن کان بنگلا آيا
روشن روشندان!

△

ڇورو ڏاڳا ڏار،
سُئي بہ ليجي کانہ تي
هڪ ولهہ، بيو آنڌڪار!

△

ايڏو سيءُ نسنگ،
سامهون ڏئو جلي رهيو
ڏونڪي کونہ پتنگ!

△

تِڏ تہ آهي جيت،
پوءِ بہ اڄ چين چين سندس
ياسي جڻ سنگيت!

△

ٻڪيڏي سوڙهي جاءِ،
ڪيڏي رات وڏي هئي
مڇر يي تولاءِ!

△

تيز اُٿيو طوفان،
وڻن آندر پيهي ويو
جهنگل ۾ سنسان!

△

گندو نالو، ٻُوءِ،
بيئل پاڻيءَ ۾ ٻڪي
سج جي روشن روءِ!

△

سانت آڏول پهاڙ،
پهڻن ۾ پيهي وئي
ڦٽيل شينهن جي راڙ!

△

صبح سويري چاءِ،
ياد مهاندو ڪو پيو
ڪلمڪ سهج سُياءِ!

△

باک ڦُٽيءَ جي وار،
سج ڇِنڻ آسان، پر
شفق ڇِنڻ دشوار!

△

آمرت ينني نهارَ،
سونو سونو رُوپ ؛
روپا روپا وار !

△

سنجها جي ٽائي،
مرڪي پيڇ لڳي، يلا
بتي رکان آئي؟

△

بتي جلايم جيئن،
گملي منجھ گلاب جو
ڇٽي ڪريو گل تيئن!

△

بس لاءِ لنبي قطار،
ڪنهنجي ويٺيءَ جي آڇي
رکي رکي هبڪار!

△

مَر مَر جهڙي ٻانهن،
مون نہ ڏٺو ڪي هن ڪنٺي
آڱر پٺي ڪيڏانهن!

△

سنهڙي سنهڙي سيند،
اُجلي اُجلي چانڊني
ڪنهنڪي ڪنهنجي نيند ؟

△

پڪڙيم هن جي ٻانهن،
سَمهون چتر "سيتا هَرَن"
نڪري ويئي دانهن!

△

الڪو سرخ هڳاءُ،
لُڏن چنبيليءَ جون وليون
نم جو سبز ڇُهاءُ!

△

اي گل ائن نہ سِڪاءِ،
پوپٽ جا رنگين پَر
هرڪي تون تہ نہ پاءِ!

△

تنهنجي موٽرڪار،
نظرن کان نڪري وئي
ڪوئل جي ڪونجار!

△

دل تي هُئي مونکي بہ،
مهڪي چانڊوڪي بہ پئي
ليڪن ان هوندي بہ.....!

△

رات سهائي، ڪاڪ،
هاڻ اُڏامي هٿن هتي
چانڊوڪيءَ جي خاڪ!

△

رات تکل سنسان،
چانڊوڪيءَ جي بار کان
وجهلي ريگستان!

△

ڪليءَ ڪڍي سرهاڻ،
ڪيڏي ڏورانهين لڳي
چنڊَ چِٽي نيراڻ!

△

سازن جو آواز،
سُر سان شامل ٿهڪڙا...
منزل دور دراز!

△

موٽي ياڳ سندن،
سون ورنيون سوڍيون
رُپي رانديون ڪن!

△

ڪيڏي ننڊڙي رات!
باقي آهه گهٽي رهي
منهنجي، شيام، حيات؟

△

آجڙو آجڙو چنڊ،
باک ڦٽڻ سان ئي ٿُٽو
چانڊوڪيءَ جو منڊ!

△

سنڌو لوڇ لڙاٽ،
منجهند، سج جو اولڙو،
لهر لهر چمڪاٽ!

△

لهرون، ڪُن، وچ سير،
ساڳي ئي گنيير آڃ
سنڌوءَ جي تصوير!

△

بجليءَ جو چمڪاٽ،
اونده وهندي پئي وئي
سنڌو لُڙ لُڙاٽ !

△

سن گگن ۾ ٻاٽ،
ڪيڏي تيزيءَ سان ڪدي
ڪرنڊڙ تاري لاٽ!

△

اُڏي عرش ڏي ڪونج،
ڪوئل جي ڪونجار جي
رَسي اُفق تي گونج !

△

ساڳي هيءَ سڳنڌ،
ڪاله آرتيءَ جي سمي
وينو هوس جنهن هنڌ!

△

چوڏس چانڊاڻو،
اڳيان رسالو شاھ جو
سُر مومل راڻو!

△

رِڌ سِڌ جهڙا ٽوڪ،
ويهي سمجهايا مونکي
ساميءَ رات سلوڪ!

△

پونءِ پلايو پال!
رهندا هئڻ پيرا پُنيان
هوم نہ خواب خيال!

△

وهنجي آمرت ويل
نڪتس جپ صاحب پڙهي
مُک اوجل رابيل!

△

لپ ۾ ورتم ذات،
تلسيءَ جو پاڇو پيو
ست نارايڻ رات!

△

پوئين پهر سڪوت،
پوتي نيڻ ٻُڌي رهيو
سُن شبد اوڌوت!

△

اکيون آڌوريون بند!
آهڙي ڪائي ڪلپنا!
آهڙو ڪو آنند!

△

نازڪ نرم نهار!
آهہ سيان جي ڪلپنا؟
يا ڪا ڪلهہ جي سار؟

△

# قطعا

بند ڪمري ۾ هيس مان، ڏوپ جو جهيڻو اُهاءُ
ڏوپ ڪامي رک ٻٽيو، بس هاڻ هو هلڪو هڳاءُ
واس جو احساس پڻ ويندو رهيو، اونده رهي
پوءِ پوئين رات ڪڙندڙ چنڊ جو ڏنڊلو لڱاءُ!

❖

ڍنڍ اهڙي نه هئي جنهن ۾ ڏڙيل هو نه ڪمل
ڪو ڪمل اهڙو نه هو جنهن ۾ نه هو ڀؤنر لڪل
ڀؤنر ڪو اهڙو نه هو جنهن نه ٿي گنجار ڪئي
اهڙي گنجار نه ڪا جنهن نه ڪئي دل بيڪل!

❖

چنڊ ڦهلائي چوطرف چانڊاڻ
جنهن ۾ سنگيت ميء سمايل شانت
شانت جي سونهن من کي موهيندڙ
سونهن جي رات، رات جي ايڪانت!

❖

صبح جو ماڪ ڀنل هير گهلڻ جو آواز
هير کان ڏنڊ ۾ پاڻيءَ جي چِلڻ جو آواز
شيام پاڻي ٿي چِليو، ڦول ڪنول جو ٿي کُليو
نرم ڪيڏو نه هيو اُن جي کُلڻ جو آواز!

❖

چنڊ تارا ۽ سانورا بادل
رات جي اڄ ڏسي ڪو جهلمل جوت
جوت ڏنڌلي ۽ چانورو روشن
دل ۾ خواهش، دماغ ۾ ڳڻ ڳوت!

❖

اُپ آهه پري جي نه چا، ڌرتي نه پري ناهه
جهرمر جي نه تارن جي نه ڦا ديپ سجايون
جيون جو اُجالو نه مٽيءَ جوت ڪري صرف
ڳڏجي نه سگهيا روح نه اڄ چپ ٿي ملايون!

❖

ٿي پري سنگيت ساڻ دل کي سنڌءِ موجودگي
ان مذر احساس تان قربان دل، اکڙيون نثار
تنهنجي ڪومل جسم ۾ نندڙاکڙيون سڄ راڳڻيون
جنهنجي چيڙڻ لاءِ نظر گهرجي تون آهين سا ستار!

❖

وڪ ڪٿڻ سان ڪٿن نہ ڇمڪي ڇير، ڇڪمن گهنگرو
ان مٿي ڇم ڇم تان صدقي پرتويءَ وارن جو گيت
ديوتائون پڻ ٻڌن پيرن جي آهٽ ڪن ڏئي
چال تنهنجي ياءِ چنچل ڇمڪندڙ تارن جو گيت!

❖

نينهن مجبور ٻڌيو سونهن جي سامهون ڪيڏو
سر جهڪائڻ نہ گهري، اک بہ ملائي نہ سگهي
ڪشمڪش سونهن جي دل ۾ بہ هئي ڇا نہ عجيب
اک ملائڻ نہ گهري، سر بہ جهڪائي نہ سگهي!

❖

آلا ڪنهن اٿين ڳائي سسڪي پري
پڙاڏي جون لهرون لڄائي ويون
مُڙي دور تائين ڏنو مون، مگر
ميون اُڃ ۾ رُڃ جو وسعتون!

❖

تنهنجو ڪوتا – ڪٽ ڪولي اڄ
شعر شعر ۾ مون پئي ڳولي
لولي، جنهن جي ٻڌنڌي ٻڌندي
تو هن دنيا ۾ اک ڪولي!

❖

مهني ۾ هڪ ٿي رات تہ آهي اُماس جي
ڪهڙي سبب نراس ٿي گوندر ۾ دل گڏيون؟
اڄ شعر جي زمين ۾ تارن جي ڇٽ ڇڻي
سنڌيءَ جي اِئن سيان اسين روشن ڪري ڇڏيون!

❖

نيرو پاڻي، آڇڙي واري، ساڻو سينور يي
پوءِ بہ خالي ڍنڍ ڪري اڄ هنج اُڏاڻا ڇو؟
يڪتاري تي جي ڳائي ڪو ڪافي قرب يري
آهي ڪو امڪان يلا پوءِ تن جي موٽڻ جو؟

❖

جا ڇڏي وڏڙا ويا ڪنهن کي تہ سا دولت ڏجي
پر ڪو وارث تي وڏي اڳتان اچي يي هڪ بہ پير
شاهہ، سامي ۽ سچل، دلپت سچاڻڻ تيا پري
شيام جي ٻارن کي سڌ ناهي تہ آهي شيام ڪير!

❖

چنڊ جا ننڍاڪڙا ڪرڻا دريءَ جي ڪاچ مان
هنڌ تي لچندو مون کي گهُورين پيا ڳچ دير کان
ڪڻُ چوان مان ڪين: اي خوش قسمتو ڇا ٿا ڏسو
ننڊ سڪ جي آدميءَ جي ياڳ ۾ آئي ڪٿان؟

❖

سيي گل چٽن سرءَ ۾ ۽ مڪڙي نہ ڪا ڦٽي
مرجهائجن نہ، صرف ٽڙن گل بهار ۾
سارا هہ هن جي، هن جي شڪايت ڪندڙ، ٻڌاءِ
توکي اچي تي ڳالهہ اِها اعتبار ۾؟

❖

ميڙي چونڊي سيي لٽائي پئي گلن
چنڊ تارن پئي متان ڇڄ پڄ ڪئي
هير پئي سرهاڻ جون ڳنڙيون يريون
رات اودي چانڊني ليٽي پئي!

❖

ڪوڪا لڳل پٽين تي ۽ جاري پريل ڪندون
ڪيڏا نہ تھ مٽيءَ جا جميل، شيام، فرش تي
مسواڙ تي مڪان ھي ورتو اٿم، مگر
رھندو ھو پھرين ڪير ۽ نڪتو ڪڏھن ڇڏي؟

❖

آنڌي تہ آئي سخت مگر ھاڻ ماٺ آھہ
ان ھوندي پڻ وٽن مان ڇٽن پن ھِتي ھُتي
سھميل پکين جي لات ٽي ٻڏجي رکي رکي
چرپر ذرا بہ ٿئي تي تہ ھيسائي تي ڇڏي!

❖

پٽ تي وراٽ روپ جي تصوير فريم ۾
سڀ جيوَ جنھنجي مک ۾ ٿي پاڻھي اچي پيا
ڪرڙي بہ ڪٽَن نہ چپ ھٽي ويٺي ھٽي پٽيان
ميڙ مکيون اڳيان اچي جنھنجو ٿي بک ٿيا!

❖

ڏوءُ من تان شھر جا پاڇا بہ ڌوءُ
شھر جي دز جا بدن تي، سا بہ ڌوءُ
* آءُ بندرا بن ۾، ڪالي- دھہ تي ويھہ
ڪال سان پنھنجا مڙئي رشتا بہ ڌوءُ!

❖

** نگم بوڌ ۾ ھي وٽن جون قطارون
۽ ڪيڏي نہ گھاٽي ٿڌي ڇانوَ تن جي
انھيءَ ڇانوَ سان ئي ملي بيٺي بيٺي
آلائي گھٽن جا ويا پاڇا ھڪ ٿي!

❖

---

* ڪالي – دھہ: بندرابن ۾ ھڪ گھاٽ.
** نگم بوڌ: دھليءَ ۾ شمشان گھاٽ.

نہ ڪو اُهاءُ نہ دونھون ڏسڻ ۾ آيو ٿي
ڪٿ تي پٽڪ نہ پيئي، ٿي ڪنهن رنو نہ ڪليو
جتي فقير جي آواز تي ڪليو در ٿي
اُتي سڄڻ جي سڏن تي نہ ڪو جواب مليو!

❖

آدمي آدميءَ کي سمجهي سگهي
آدمي آدميءَ کي پيار ڪري
سمجهہ پنهنجيءَ تي چو نہ فخر وٺي
چونہ هن واسطي ڪو هام هڻي!

❖

جهل ڪيل ميوو چنڻ جنهن سان عدن جي باغ ۾
هٿ اهو تنهنجو جهلي هٿ ۾ پکوڙيان چو نہ مان؟
جن کي چوري تو ڏني مونکي هٿي اُتي صلاح
چپ اهي تنهنجا چپن سان اڄ نپوڙيان چو نہ مان؟

❖

ٻاهر وسي ٿو مينهن تون ڪيڏانهن ٿو وڃين
بادل گجن ۽ ڦونڪ وراڪا ڏين وڃون
چمڪي اکين ۾ چاهہ ۽ دل ترڪي شيام، ويهہ
جڳ مينهن ۾ پڃي ۽ اسين نينهن ۾ پڃون!

❖

مونکي ڏسي، چپن ۾ تو هلڪو مرڪيو
تو صرف هلڪو مرڪيو چوريو نہ پر چپن کي
ان وقت دل ۾ ٿي ڪا محسوس ڪتڪتائي
ايءُ ٿي تہ ڳالهہ آهي جنهن واسطي سڪيس ٿي!

❖

ويھہ ھن ھانو جي ھندوري ۾
آءُ لوڏيانءِ پراڻ- ڏوريءَ سان
شيام سنسار ۾ جيان جيسين
ڏار دم لءِ تيان نہ مان توکان!

❖

رات، گھر ۾ خاموشي، ميز تي بتي روشن
۽ بتيءَ جي چوڌاري روشنيءَ جو گھيرو ھي
ھڪ ڪتاب گھيري ۾ تون اڳيان ويٺل ھو
اڪ پٽيندي پُوريندي تيو اچي سويرو ييُ!

❖

ھيءَ جواني مٺي چيٽ جي راتڙي
آئي آئي اکين ۾ ٿي نبري وٿي
يا ھٿي خواب جي رس ڀني باتڙي
اڪ ڪلھ ساڻ دل تان ٿي وسري وٿي!

❖

ياد ماضيءَ جي، شام جو منظر
دل ۾ ھڪ گھري حال جو احساس
آيون ڪونجون قطار ۾ اڏنديون
ويُون، خالي ڇڏي ويُون آڪاس!

❖

آئي ان ريت رنگ نُور ڪٿي
منھنجي مايوس دل ۾ تنھنجي سار
* ٻاري جڻَن گھر جي ڏيوري ۾ ڏٿو
شام ويلي تٿين نويلي ڪنوار!

❖

* ڏيوري: ڏيدي

مورتي مندر ۾ شو پڳوان جي
هٿ کڻيل آسيس لاءِ ان جو هيو
يا گهريائين تي هنائڻ "کين" کي
"کين" هيڏيءَ کي ڏکي سگهندو ۽ سو؟

❖

بس ۾ ويٺي اچي ڪا پاسي ۾
پرچي سرهاڻ سان وپا سپ سوانس
جڏهن بس اسٽاپ ڪان هلي کي اڳيان
گندي نالي جي ويڙهي ويٺي بانس!

❖

بس جي ڪڙڪين منجهان نهاريم پٺي
رستو ساون وڻن هو ڀڪايو
بس ۾ تو پيڙ ياڙ ۾ اُلجهي
پنهنجي دل کي اجايو ايذايو!

❖

پسيني پريل پيڙ ۾ بس جي بيٺي
تي ڪنهن سينٽ جي ڇاٽ محسوس ٿئي اِئن
رکيل گهر اڳيان گند جي ٽوڪري مان
ڪمائل گلن جي ۽ خوشبو اچي جڏهن!

❖

مُورتي مشڪندي رهي تنها
ڪوئي سامهون نه هو نه ويجهو هو
سنگ مرمر جو يادگار حسين
ڪو اسانجو هو پنهنجو، جنهنجو هو!

❖

موٽرن، اسڪُوٽرن، ٻاري بسن جي شور ۾
ڇڱو ته ڪنهن وڻ جي پن جي سرسراهٽ ٻڌي؟
روڊ تي ڪنهن ڏينهن بيهي وڻ جي گهاٽي ڇانوَ ۾
ڪنهن ڪبوتر جي پرن جي ڦڙڦڙاهٽ ٻڌي؟

❖

هوس وڻ هيٺ بيٺو منجهند جو،
لُڪ لڳيَ ٽار ٽار اٿــن ٿي لڏيو
ڇانو هيڏي سري ٿي هوڏي سري
ڪڏهن رومال مون مٿي تي رکيو!

❖

هيون ڏسڻ ۾ ته ٻاريون گلن جون هڪجهڙيون
رکي رکي مگر آيو هوا جو جهونڪو جو
ڪٿي تي پاڻ سان آيو اُنهنجي خوشبو جڻن
تيو تي دل تي اثر هر دفعي نيارو، ڇو؟

❖

پاڻ پسائڻ لءِ هرڪائين
پاڻ پڏائڻ لءِ هرڪائين
واندي ويهي ويهي بر ٽين
من هرڪائڻ لءِ هرڪائين!

❖

ڪجهه ته ڇٽو ڪجهه ڏنڏلو ڏنڏلو
ڪجهه ته لڪل ڪجهه دور نظر ڪان
پورن روپ ڏنو ڪنهن تنهنجو؟
ناري! تون تارا منڊل جان!

❖

توکي ڏنو مون جيئرا پيرا، الائي ڇو
توکي ڏسڻ تي دل تي ٽيمر ٽڻن وري وري
جڻن جڻن تي راڳڻيءَ جون مون سمجهيون نزاڪتون
اُن جي ٻڌڻ تي دل تي ٽيمر ٽڻن وري وري!

❖

وٺينءَ صبح مندر ۾ درسن ڪرڻ پئي
هيٺ وهنجي سهنجي ٺئين ڊريس پاتي
ڇني ٺاهي ڇاتيءَ تي، هرهر ڏٺم پئي
اِئين هانو ۾ ڇا تو پاتي ٿي جهاتي؟

❖

پنڻ منجهان منهن ڦول ڪڍي اڄ
رکي رکي پئي ڪڻن نہ نهاريو
پر ۾ اڃي پر پيري پيري
پوئري هڪ نہ پئي ڳُونجاريو!

❖

پارن جي وچ ۾ ٻار ڪٽي تي لڳينءَ هينئَر
ڇهري جو رنگ اور ادا اور پئي لڳي
ٻن آڱرين ۾ هوءِ جهليل گل گلاب جو
اٺن پئي لڳو ڪليءَ منجهان نڪتو هو گل ڦٽي!

❖

اهڙي کهڙي ڳالهہ هئي جو
پاڻ ۾ ڦولي پئي نہ سمائينءَ؟
منهن تي مرڪ، اکين ۾ هُرڪُر
ساجي سينڌ ڪڍي اڄ آئينءَ!

❖

بيئس مان موڪلائي ته پاپيءَ چيو ڪلي:
”هوندين هتي اچا به ته، پيرو ڪجاءِ پيو.“
در تائين ساڻ ساڻ ڇڏڻ واسطي هليءَ،
ويجهو اچي چپن ۾ چيو تو: ”وڃين به تو!“

❖

مرڪي وئين ڪلي ڪيئن ڳالهيون
مون ته سمجهيو ته ڪا گهڙي وهندين
ڳالهه اهڙي ته ڪنهن به ڪانه ڪدي
جو گهڙيءَ ۾ ڏسي اُٺي بيئنين!

❖

آئينءَ اُٺي تون ننڊ منجهان اِئن به نه ناهي
هن مهل ڪو وهنجي به نه تون ڪانه اچين تي
ڪمري ۾ هئَينءَ پنهنجي سجو وقت اڪيلي
پر پوءِ به ڳاڙهيون چو اکيون؟ چو نه ڏسين تي؟

❖

سهاڳ رات جي رائي ڏسي ڏسي درپن
سليس سونهن کي هڪ رات ڪئن سجائي وئي
ڪجي نه پيئي رتيءَ رات بعد اک، ليڪن
ڪجي ڪجڻ سان ٿي ڳالهيون نيون بڌائي وئي!

❖

سهاڳ رات جي سوپيا سمائي نيٽن ۾
اُٺي سويل، ڇڏي سيج، مسڪرائي هلي
اِجهو هي آگريون منهنجون اچا پيون ڪنبن
هتن مان منهنجي چُني پنهنجي ائن ڇڏائي هلي!

❖

گهوٽ کي سمجهي سميل نٽڙي ڏسڻ منهنڙو لڳيس
ڳل سندس ڳل تي رکي چپ چاپ ۾ ليٽي پئي
هُو ب چپ سمجهيائين جي چرندس تہ جهٽ ويندي اُٿي
شانت رس، شرنگار رس مائن ٿي چپ چپ ٿي!

❖

کن مٿي کن هيٺ تو نظرون کري
کجه چپن ۾ ٿي چٺي چرچا کيا
ڳالهہ جي ورندي ڏنئہ شرمائجي
پوءِ پيي تنهنجا گلابي ٺهڪڙا!

❖

پُريءَ جي ياترا جو پيچ تو پاتو
وچي ور سان،اتان سک ساڻ آئينءَ ٿي
مگر اهڙو کٿي هو رُوپ اڳ تنهنجو
لڳين ٿي مورتي 'کوٺارڪ' مندر جي!

❖

کري آئي اشنان، چوٽي کيائين
کلي مڙس کي تلڪ جي لاءِ سڏيائين
ڏڏيو مڙس جو هٿ، ڦِڏو تلڪ تي پيو
وٺي هٿ چميائين ۽ دل تي رکيائين!

❖

ٽيو هلکو آواز ۽ در کليو
چيائين تہ هينان ڏسي ٿي اچان
دريءَ مان ڏٺو پيي هٽائين، مگر
جڏي کم لهي آئي جهٽ پٽ مٿان!

❖

يلا نانءَ گل جو پڇي ڇا ڪندين؟
اِجهو وٺ، ڇٽي گل ڏٺي تو ڪليو
وڌايو مون هٿ ۽ تون آئين وڌي
مونکي دل گهريو ري گهريو ئي مليو!

❖

گهڙيءَ ڏي نهاري تو در ڏي نهاريو
اڇي آرسيءَ جي اڳيان چوٽو کوليو
ڪڏهن سينڌ ويڻيءَ نه ٺيو در تي ڪڙڪو
جهلي وار هٿ ۾ اٿي در تو کوليو!

❖

اڄ نه ڪا بي ئي هئي تنهنجي چهري تي چمڪ
۽ هئي ان تي نه ڪا ڏندلاهٽ اڳ جيان
ڪين شڪجي ئي ڏٺءَ ۽ نه ڪي هبڪيءَ ذرا
پر ملائي اک مليءَ ڪيتري وشواس سان!

❖

نه ڪجهه توئي ڳالهايو نه ڪجهه مون ئي ڳالهايو
ٻنهي رات هڪ ٻئي جي چپن تي رکيا چپ ها
جٽين پاڻ ۾ چهنبون ملائن ٿا پاريهل
اِئين بند پلڪون ٿيون ڏسڻ لاءِ هو پيي ڇا؟

❖

حواسن سان مون تنهنجو سنگ مائيو
جدا ٿيندين مون ڪڏهين ڪونه سوچيو
رهڻين پر روح ۾ اٿن، توکي اڄ پيي
ڇهان پيو، مان ڏسان پيو ۽ ٻڌان پيو!

❖

ياتري هردوار ۾ بس هر جي پوڙين تي اسين
هٿ جهلي منهنجو، ڏنئہ ڪيڏي نہ شرڌا مان ٽبي
منهن ڪڍي تو ڪڻن نہ جنہ گنگي ڇٽي مون ڏي ڏنو
پاڻ ڏي مون کي جڪي مون سان ٽبي ٻيهر ڏني!

❖

تاريمہ گلن جي ٻيڙي ٻاري ڏٺو انڌيءَ ۾
گنگا جي وهڪري ۾ ڪيڏي نہ سا وٺي پئي
اوجهل اجا اکين کان اوءَ ڪانہ تي هئي جو
ڪنهن کن هوا جي جهوٽي ٺاري ڇڏيو انڌيءَ کي!

❖

هئي پيڪن ۾ ڪلهہ آئي لڳي پئي ڪڻن نہ مرجهايل
پڇيس ور ور ڪري سيني: يلا ڪڻن ساهرا آئي؟
چيائين نيٺ ڪاوڙجي: لکان تي خط وڃي "هن" کي
وٺي مون کي وڃو جلدي جو ڪن ٿا تنگ هت سيئي!

❖

ٻڙي! ڏيئڙي تنهنجي ڪيڏي نہ سهڻي
نِياڻو وتو سانورو ٿي اتيئي!
امان ڪجھ چيو تي، رهيو تيو نہ مون کان
چيمہ: سانورو پر ڏٺو يي آتيئي؟

❖

ٻگل ۾ چاتيءَ تي، ترڇيءَ تي ڪاٻي هٿ جي، ان طرح
ساجي هٿ جي آڱرين سان ڪهڙا ڇٽ ناهين پئين؟
هٿن نميل نظرون، نهارين ڇٽڪ پنهنجي پاڻ ۾
ڇو نہ ڳالهائين سڪي! ڪنهن لاءِ ائن سوچين پئين؟

❖

* گيت جو پتي هن جو هن لاءِ آهه ڳائيندو
آرسي ڏسي رمڻي گنگنايو تي سر سان
پاڻ پوئر کي ڏيئي جاءِ جيءَ ۾ پنهنجي
شيام، گنگنائي پيو پاڻ ٿي ڪنول اُن جان!

❖

ليٽيل هئين ته سويرو دريءَ ڏانهن منهن ڪري
مُورت تنگيل هئي گرو بابا جي اُن مٿان
مورت ڏسي تي تو مشڪيو رکي رکي
منهن تي پيئي تي ترورا سج جا دريءَ منجهان!

❖

صبح چڙهايو تو جل جنهن تي
۽ سنجها جو جوت جلائي
ڪونڊيءَ ۾ اڄ ڪاريون ڏانديون
هاڻ ڪٿي سا تلسي سائي؟

❖

خواب تنهنجو ته هٿڙي جاءِ هجي
جاءِ اهڙي ٿهي ته تون ناهين
اڄ اسين تنهنجي خواب ۾ آهيون
خواب ۾ پر اسانجي تون آهين!

❖

منهن موهه پريو تنهنجو ڏسي رات سمهيس مان
منهن مرڪ پريو صبح اُٿڻ ساڻ ڏٺو مون،
سورج مکي سج لاءِ ته اجا آهه اڳي جان
مون ڪاڻ مگر هاڻ اٿين آهين ڪٿي تون؟

❖

---

* پتي = مڙس، ور.

ان ڏينهن جڏهن هوندس به نه مان ۽ ياد پوان نه پوان توکي
منهنجي ڪنڌهر اسٽوڊيو ۾ اچجانءِ اگر مان ياد پوانءِ
کي پرنٽ ٽيل کي نيگيٽو الماريءَ ۾ فوٽا هوندءِ
بس لاهي انهن تان تهه دز جا ڏسجانءِ ڏسي ڪجهه ياد ڪجانءِ!

❖

پوهه ۾ سانجهيءَ سمي توسان ملڻ آيو هيس
مس به تارا ها ڪڙيا، اونده اجا ايڏي نه هئي
تو وٺان جٺَن موڪلائي شيام نڪتس، واٽ تي
ٽڏ نه هئي، تارن جي جهرمر پڻ مٿان ڪيڏي نه هئي!

❖

تو سان ڪرڻ صلاح جو سوچي هميشه جان
سنيري سگهوٽي شام جو نڪري هليس گهران
گهر تائين تنهنجي پهچندي تمجي قدم ويا
تون اڄ ڪٿي هُئين جو ڪريان ڪا صلاح مان!

❖

وار پنل، منهن سرهو، گهري شرڌا نين ۾،
چپ به چُريئہ پٽي ٻاهر نڪتينءَ جٺَن اشنان ڪري
نيڻ ڪٽي ور ڏانهن ڏسي، جل تلسيءَ تي چاڙهي
تلڪ ڏنئہ آليءَ مٽيءَ مان ساجي ٻاچ پري!

❖

زندگيءَ جي لاءِ عزت کو اچي توکان سکي
پوري سوري حال ۾ پي زندگي سمجهيءِ دعا
ماءُ سمجهي، تو نه تنهن کي پي نه بخشيو ڪنهن طرح
جي ڪڏهن پنهنجي جٺَي کي پڻ سڏيائين، "او مٺا!"

❖

گهمي صبح آيس ڪٺي گل ٻه ٽي
رکيو ميز تي ٿاهي گلدان مون،
هيون شام جو ميز وٽ پنکڙيون
مٿان ميز جي بس بصر جون کلون!

❖

ها ڏينهن ڊسمبر جا، هيو سيءُ ٻه ڪيڏو
ڪڙڪيا ٽي سندم ڏند، هٿو ڏڪٽي لڳن ٿا،
فوٽو ٽي ڏسي ٽيس ڪٿي، نه شڪي مان
موجود نه هوندي ٻه ڪليو پٽي تو چپن ٿا!

❖

گيٽ وٽ انب جو وڻ ٻوڪيل هو
ڪسڪي نڪتو هو گلابي گل پي
نڪتي بنگلي مان نندي نيٽي پٽي
شاخ نٽڙائي سنگهڻ گل بيٺي!

❖

جڏهن ڏس تڏهن در تي بيٺي هئين،
اچانڪ تي توکي ويو ڇا سکي؟
لڳي تو ته آيو اٿيٺي ڪو گهر
اگهڻ تائين ٻاهر جو نڪرين نه ٿي!

❖

هياسين جدا پر جڏهن پريت مُرڪي
گڏياسين، نه لڄ تي نه ٿي ڪجهه شڪياسين
مون ڏينڌي تي ورتي، تو ونندي ڏني تي
خوشي مرڪ جي اٿن ٻه ماٿي سگهياسين!

❖

ڪير ٻڏائي اک اُلٽي
ڇا ڇا هاڻ ڏسي پيئي
رات ڀني جڏهن، هيءَ ٽڙي ئي
تارا چنڊ ٽپي ويئي!

❖

اڄي لباس ۾ ڪاليجي ڇوڪريون ٽي پريان
ڪلهو ملائي اُڀيون ٻانهن ٻانهن ۾ ڏيئي
مڙي ڏنائون ٽي ڪاليج جي نئين بلڊنگ
لڳيون ٽي وسري ويل سهڻي خواب جان ٽيئي!

❖

اڄ پنهنجي ئي ماضيءَ ۾ ليو پائي نهاريم
مون پاڻ ڪي کهڙو ۽ الائي ڇا ڏٺو پئي
جڏهن ڇير منجهان در جي ڏنم پنهنجو ئي ڪمرو
ساڳيو ئي هئو پوءِ ٻه ساڳيو نه لڳو پئي!

❖

ٻيج جي چنڊ وانگي ڪير اِئين
ڪنڊ ۾ ٽي ڪروڻڊڙو وينو
ڏنڊ ڇانيل هو ڇٽني پاسن کان
چنڊ ڪيڏو نه ٽي اُداس لڳو!

❖

هتا ميز تي ئي پيا سڀ ڪتاب
هتا پين ۽ نوٽبوڪ ٻيي ڪليل
گهٽيءَ ۾ ڪٿي راند پئي ٻارڙن
لڳم، هوس گهر ۾ ئي ڀڪيل يليل!

❖

دير تائين گهر جي پورهئي ۾ هئي
چا تہ ٿڪي رات، ننڊڙي نائڪا
گيت جي ڳن ڳن ٻڌي جهٽ ڪم ڇڏي
ويئي ڀڄندي گهوٽ جي آپسار ڪا!

❖

هار سينگار ڪنوار ڪري اڄ
پاڻ ڏسڻ ۾ مگن تي ويئي
اک آئيني منجهہ، چيائين:
"مومل! اڄ تہ وٺين اِئن پيئي!"

❖

لهر تي لهر وري تي ۽ هڻي تي
رنگ هي من ۾ ويو موج اُٿاري
ڪامڻي ڪئن نہ تي جذبات وهيٺي
ڏسي لهرن کي وري ور ڏي نهاري!

❖

آلسي! سست چال! ويهي رهين ٿي؟
ٻُڌي، ور ڏي ڏسي فقط مشڪي
هٿ وڌائي سندس هٿن کي جهلي
موهہ وس پيٽ تي رکي ليٽي!

❖

گهوٽ سان گڏجي وئي مندر ۾ درشن واسطي
ديو چرنن ۾ رکي گل هن متو ٽيڪيو جهڪي
هوس وارن ۾ پيل جو گل اڄو رابيل جو
ير ۾ ٻيٺل ور جي پيرن ۾ ڪريس، جڏهن ٿي اُٿي!

❖

* پنهنجي پيشانيءَ جي اجلي عڪس تي بندي هٽي
ڪلهه ڏسي درپن تو خوش ٿي گنگنايو ڪٿان نه پٽي،
بندي هٽندي پنهنجي پيشانيءَ تي اڄ ان جي اڳيان
عڪس،تو بنديءَ جو بنديءَ سان ملايو ڪٿان نه پٽي!

❖

اڄ اوچتو آئيني اڳيان بيهي
اِن ريت انهيءَ ۾ ڇو ڏٺو پٽي تو؟
ءِ مشڪي ڇپن ۾ ٿي، گهمايئه هٿ
اهڙو به ڇا محسوس ڪيئو پٽي تو؟

❖

اُهائي هجي يي اُهائي نه آهين
الائي ڇو اڄ ٿون ته ڪا ٻي لڳين ٿي
نه ڪو ڳهه ڳٺو، صرف بندي مٿي تي
سهاڳڻ، مگر سرس سهٽي لڳين ٿي!

❖

آرسيءَ آڏو ڀهي تو ڪيو سينگار پٽي
هيڪلي هوندي به تو پٽي مڙي هر هر ڏٺو
گهر ۾ ڪوئي يي نه هو توٽي جو ان مهل تي
توکي ليڪن پڪ هئي "هُو" اتي موجود هو!

❖

پين چپ تي، نگاهه ڪاغذ تي
ويني سوچي ڇني لکڻ جي لءِ
ڇا اتم دل ۾، سُڌ اتس ساري
ڇا لکان، ڇا اتم ڏسڻ جي لءِ؟

❖

---

* بندي = بنديا

پيڪن ۾ وجي پهچ لکڻ ڪين پلين،
اڄ آيو ٽپالي اهو خط تنهنجو ڪٽي!
تنهنجي پيشانيءَ ڪي چهيم جڏّن ورتم
تو بند لفافو هو ڪيو تلڪ هٽي!

❖

پيڪن ۾ رهڻ جيترا پيرا به وٺين،
مون واسطي آئينءَ تون منو موهه ڪٽي
هن پيري ٽڪينءَ پي نه گهٽو ماڻ يري
موٽينءَ ته ڪٽي موهه نه پر موهه بٽي!

❖

توٽي جو ور چيس ته وچڻ جي تڪڙ نه ڪر
ٻانهن مان هڻ جي پاڻ ڇڏائڻ جي هن ڪئي
اٽڪيس بٽڻ قميص جو وارن ۾، جهٽڪندي
چڪ ڪائي، سيني سان لڳي بيٺي ’آئي‘ ... چئي!

❖

جي ڇڳون منهن تي ڪرن، تن ڪي ته ٽي پاسي ڪري
پر اکين مان هڏّن ڪرن جي لڙڪ ڇا تن ڪي ڪري
اٿيٽت ور ساڻ تي آهيس، دل پرجيو آچيس
ڪين ڪجهه اُڪليس منهن مان ڏک ۽ ڪاوڙجي ڪري!

❖

هٿ ڪلهن تي هڪ رکي ٻئي سان متي ڪاڏي ڪٽي
منهنجي منهن ۾ مرڪندي هڪ ٽڪ ڏنائين ڪڏّن نه پئي
هورڙيان لوڏي پڇيائين:هڏّن رئينءَ ڇاجي ڪري؟
ڦڙڪي ڦڙڪي اڌ ڪليا چپ پر ڪِي ڳالهايو به ٽڻّي!

❖

رسي ويهي رهي، ڏسندي رهي چپ چاپ سانول ڏي
نماڻا نيڻ سانول جا هٽيا هن جي نہ مکڙي تان
اٿين اڌ رات تي ويٺي ٻنهي کي ڪل اچي ويئي
جَهڪي ڪلندي جٺين راڌا، لڳايس شيام سيني سان!

❖

ڏينهن ڪان پوءِ آيو هوس
مشڪٿَين شيام، ڏسي مون کي
ڪيئَن چوان احساس ٻہ ڪو
اُيريو تنهنجي چهري تي!

❖

توکي حال ٻڌائيندي مُون
هر هر پٽَي تو ڏانهن نهاريو
ڏيان ڏٺي اٿئ سانت رهٽين تون
تنهنجي سانت نہ ڪجهہ اظهاريو!

❖

مون سمجهيو بدڪ چاڻ ويندي اُڏامي
پکيڙيائين پنهنجا تي پر جنهن نموني
گهٽي لاڏ سان پر پکيڙيائين، ليڪن
متي تي نہ ذرتي چڏي ڪنهن نموني!

❖

هوا ڪنول کي رکي رکي
لوڏو ڪيڏو سخت ڏنو
پر نہ پسايو پاڻيءَ سو
ڏانديءَ مان نہ هوا ڪون چنو!

❖

"اجا پيو تون جاڳين، سمهين ڇو نہ تون؟"
اِهو ٿي ٻڌڻ لءِ چيڪ هاڻ جو،
نہ ورجائي ڪجھہ، مسڪرائڻ فقط
الا، صبر ڪيڏو نگاهن ۾ هو!

❖

بيهي آڳر ۾ وٺي ڪجھہ ڏسي ڳنيير تي
صبح ڪيڏو پئي لڳي من منجهيل اُدماند ۾
ڇهنب پائي ڇهنب ۾ چپ بہ پاريهل هٿَا
پاڻ ۾ جهرڪيون بہ پڻ ڇڻ وڙهيون پئي راند ۾!

❖

سانت هيءَ شيشي جي هڪ ديوار جان
ٻن دلين جي وچ ۾ آهي جا اُڀي
مُرڪ منڙي صرف هڪ، ان لءِ ڪپي
چوُر ٿي ان سان ٿي پٽ پوندي اچي!

❖

رسامي ۾ ٻچ رات گذري وئي
تڏهن ڪين سرچڻ جي مس مس سجهي
ٿهيا، هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندا رهيا
ڪٿي ڪير واري جو نڪ نڪ اچي!

❖

هٽ ۾ گراهي مرڪ چپن تي
پٽ ڪي هن جتّن ڪارايو پئي
ڪاٺي ٻار تي منهن مچڪايو
سواد ماءُ ڪي جڻ آيو پئي!

❖

بار اڳيان هو ماءُ پنيانئَس
شيءِ ڪٽندو، شيءِ ڪرندي پڄندي
بار ڪليو پٺي گهر پئَي ڀڪيو
پـراڻ ويا هر شيءِ ۾ پنجي!

❖

ممي ڏس ڪيتري مون مان
مٺي خوشبُو اچي پيئي
ممي جنَّن ٿي مُڙي، چارُو
پپي ڏيئي پڄي ويئي!

❖

ٺل ها وڻ ۾ ڦول نہ ها
چو نہ اڪين ڪي ڳالهہ وٽي؟
ڪيڏو من ڪي موهيو پئَي
مـاءُ ڳـود ۾ ٻـار ڪـٽـي!

❖

منهنجو هٿ پختو جهليندين عمر ڀر
دل ۾ مونکي ايءُ پکو وشواس هو
تنهنجي هٿ ۾ هٿ جو پڪڙيم لڄ وچان
تو نہ ويڏيءَ وقت ٿي ڪسڪڻ ڏنو!

❖

نيڻ هن جا نچيا پٺي سياويڪ ٿي
يا نچيا تي أهي ايئَن مون ڪي ڏسي؟
ڪٺَن بنا تال ليہ ۾ ڪنيئَ پير پئَي
ڪيس ڏسندي او منهنجي سيائي سڪي؟

❖

نہ ٿي ٿي سگھيو جو سگھي! جاڳندي
مون ڪان ننڊ ۾ ڪم اھو ٿي ويو
نہ مان نرلجي ۽ نہ مان بي ڊپي
اِھو پيئَي سوچيان تہ ائن ڪئَن ٿيو؟

❖

الا، ھيءَ دل ۾ ڪھڙي پيڙ آھي
اَڪاسي ھٿَن پٺي ڪنھن واسطي دل؟
ڏنل ناھيم، نالو يي نہ جاڻانس
ڪٿي آھيءَسگھي جنھن واسطي دل؟

❖

آنيس ڪان جو موتيس سونُو ھيءَ ڪلھي تي
بيچين ٿي، دريءَ مان بيئي ليا ڪا پاتئہ
ڏسندي اُجلجي آيو منھنجي ھٿن ۾ سونُو
شرمائجي چيو تو، ڪيڏي نہ دير لاتئہ!

❖

تنھن ڏينھن نہ چارُوءَ جي مجيم وبئي رسي ايئَن
ڳالھايو تہ ھن ڪينڪي روئي بہ نہ ڪاڏي
چارُو تہ نھيو ٻار ٿي پر توڪي چوان چا
جو صبح ڪان ڳالھائين نڪي ڪاٿين ٿي ڪجھ يي؟

❖

ور دفتر ويو ھوس نہ اچ، ڪجھ ناچاقائي ڪارڻ
جھٽ گھر موٽي جو ڪاٿس بہ نہ دفتر ۾ وئو ويو
ايندي ليٽيل ور جي ڳلن ڪي ھٿڙن سان ڊڪيائين
مشڪي ھٽ ڪجھ پٺي ڏنائين تہ ڏسندي ڦول ٽڙي پيو!

❖

پڙهڻ هن کي، دفتر ۾ توکي هو ويٺو
اتي صبح ڏيءَ کي اُٿڻ لاءِ سڏيو تو
مٺي ڏيئي، مرکي، رکي هٿ ڳلن تي
سندس منهن کي مکڙي بڻائي ڇڏيو تو!

❖

دل ۾ آيم پُور ڪُونڌي مون ۾ هڪ ورتي ڪٽي
جٿَن دلا ڪونڌيون ڪٽي ڪنير لنگهيو پٺي گهر وٽان
اوچتو اچ ويٺي ويٺي مون جو ڪونڌيءَ جو پڇيو
گل چني ڪرتي ۾ منهنجي تو لڳايو پيار سان!

❖

ڦوڪڻا رنگين آندا ڦوڪڻن واري هٿا
ان جي هوڪن تي ڪنا ٽيا ٻار ساري بلاڪ جا
ماءُ جي هو هنج تي جو ٻارڙو معصومڙو
ڦوڪڻي جي لاءِ ان پي هٿ وڏايا پتڪڙا!

❖

صبح ڪم تي ٿي ويس در تائين گڏ آئينءَ ڇڏڻ
پنهنجي وارن مان ڪڍي گل ڪوٽ منهنجي ۾ وڌءِ
شام جو موٽيس تہ در تي منهنجي لاءِ بيٺي هئينءَ
ڪوٽ مان گل لاهي مرڪي پنهنجي چوٽي ۾ وڌءِ!

❖

اگر جنم ٻئي ۾ ٿي پائر جمون
وڏو آنءُ ٿيندس، ننڍو تون ٿجان
سهاڳڻ ٻڌي ور کي ورندي ڏني
وڃي پهرين شل مان وڏو ٿي ڄمان!

❖

رات بجلي وئي ته اسٽؤ وٽ
ناچ اوندهه تي رنڌئي ۾ ڪيا
مرڪ تنهنجي ڏسي آهاءِ ۾ پر
ڦڙڪي ٽڙڪي پئي سا ته ڪٿي نه خفا!

❖

ڇيمه عمر ۾ سونهن جون ڳڻ نه ڳالهيون
هنئڙ چاهي، مون کي جو ايڏو پڏائين؟
رکي سر هيو ٻانهن منهنجيءَ تي ليٽيل
سري ٻانهن منهنجي ڳلي ۾ وڌائين!

❖

پر ۾ ليٽيس جتي وچي سر هن جي پيرن تي رکي
پير منهنجا جهٽ چڪي لاتائين پنهنجي هانؤ سان
ٻونجي ويون اکيون سڏ ٻڌ نه ڪا تن جي رهيمه
اڄ به هن جي دل ۾ ايڏو پيار، مان ٻيو ڇا گهران!

❖

پنهنجي گڏيل ڪٽنب جي اڄ ياد تي اڇيمه
نالو نويڪلائي جو ڪنهن ڪنڌ ۾ نه هو
چاهيائين ڪجهه چوڻ تي، اڳيان ٻار ڪٿي چوي
ڪٿي ٻار ٻار مون ڏي آٻالو تي هن ڏٺو!

❖

ماءِ ڳالهايو تي پٽ سان، تنهن اچي بيٺس پڻيان
بند تي ويو سلسلو لفظن جو ائن ئي اوچتو،
منهن ڪٽي متتي ڏٺائين پٽ طرف ليڪن لڳس
مڙس جي ۽ زال جي وچ ۾ ٽيون ڪوئي نه هو!

❖

سفر تان موٽي پٽ آيس ۽ گڏجي هو وٽس بينو
چيائين ننهن کي مُرڪي: واٽڙي تي هئن ڏسين ڇاتي
ڪڏي جهٽ ٽوال آڻي ڏينس ڪوُ هٽ منهن ڌئڻ جي لاءِ
چيائين پٽ کي ٻيءِ ڪن: وڃ وڃي بدلاءِ ڪپڙا ٻيا!

✤

سس جي پيشانيءَ تي هلڪا گهنج ها. مشڪي به پئي
نٽان ڳالهايو رکو ۽ جهٽ هلي ويئي پريان
رشڪ مان پاڙيسرياڻي ڪٿان نہ نڪ موڙي هلي
سڪ ڀڏل نظرون ڪٿي هُو جي ڏسي مان ڇا ڪريان؟

✤

تو سڏيم مومل ڪري، ان نانءُ جي جهنڪار تي
ڏينهن سارو جڻ هوا ۾ پئي نچيس پوپٽ جيان
سچ لڳو ليڪن خبرناهي هئي اوندهہ ڪٿي
مان تہ گهيريل ٿي رهيس تارن جي روشن مرڪ سان!

✤

نيٺ جهلجي ٿي پئين‌ءَ، ڇاڪون نتايئہ روز روز
ائين ڇئي: ڳايان مگر ڳائڻ مونکي ايندو هجي
صبح گونجي پئي پنل آواز سان ڪٿان باٿ روم
تو ٿهاري هيٺ اچ وهتو بہ تي، ڳاتو بہ تي!

✤

هيڏي ساري چاندوڪي ۽
ڦولاريل ليمن جي خوشبُو
ياٿر پينر، پيءُ جو پاڇو
ماءُ مٽيءَ جي مرڪ جو جادو!

✤

سواد جي ڳالهہ تان ئي ڪاوڙجي
منهنجو ڪٽندي ئي پليٽ کي اُڇلڻ
ٻڌي آواز، جهٽ ۾ رنڌڻي مان
تنهنجو ڊوڙي اچڻ، ڏسي مشڪڻ!

❖

زال چپ چاپ سپ ٻڌو ٻيٺي
جوش ۾ مڙس پٽي چيو: چا چا
ائين ئي در ڏي لڳي چتائي ڏسڻ
۽ ٿي ڪمري ۾ ويٺي ماٺ صفا!

❖

اڪين ۾ موهہ، چپن تي مرڪ
گهرُو ڪم ڪار سمورو وقت
مهانڊو سهڻو، نرم سياءُ
مگر هٿ تنهنجا کهرا سخت!

❖

ٻارن جي ير ۾ وينيءَ اگڻ ۾
اڄ آن سڪائڻ پٽ تي پکيڙي
ٻارن جي وڙهہ- جهڙ، آن تي ڪبوتر
هڪڙن کي هڪلي، جهٽڪين ٻين کي!

❖

موج جي، چوچ جي، ناچ جي، شور جي
دلڪشيءَ جي ۽ رؤنشي جي هڪ مُورتي
مون تہ ٽپ ٽپ ڪندي اڄ اچانڪ ڏٺي
گهر جي دالان ۾ جهرڪڙي جهرڪڙي!

❖

هيو ڏاڏيءَ جي ٻانهن ۾ ٿي سونُو
چمڪ نيڻن ۾، منڙي مرڪ منهن تي
ڏنو ور ور ڪري ڏاڏيءَ تي ڏانهنس
ڏنائين گود ۾ شايد تي پٽ کي!

❖

جڏهن گهڙيس گهر ته پٽ جي دانهن ڏنڻ:
"هر گهڙيءَ تو وڙهيم جِن ٻٽي."
مون وڏي ڪيس جڏهن جهليو ڪن ڪان
چيو توٺي "نهيو، ڇڏيوس ڪٽي."!

❖

ڪنهن ڏنس پٽ جي شرارت جي شڪايت اڄ جڏهن
جهٽ سڏي هن کي سندس سامهون ڏنائين ڌمڪي
۽ چيائينس ڪلي: "اٺن نه ڪبو آ ڏاها..."
تي لڳو، ماءُ کي ناراض تي پڻ ٿي تي خوشي!

❖

تنگ تي نيٺ چيس ماءُ ته وڃ، نڪري وڃ
گهر ڇڏي ٻيٺ هلي ڪٿي نه ويو آڪڙ مان
موٽندي بند ڏسي در اچي سڏڪن ۾ پيو
روئي روئي پٽي سڏيائينس ته درڪول آمان!

❖

ڪالهه تائين ٻچن کي ڪارائي
خوش هئي، تن ڪيو هيس گهيرو
اڄ چو جهرڪي اداس ويٺي آهه
آهه خالي ڇپا اُن جو آکيرو؟

❖

کيترا ڏينهن پيڙ ٻار سني
رات ٿي هو سمهڻ جي لاءِ ستو
شانت چهرو، سڊول سهڻو بدن
باهہ! شايد تو دونهين ۾ نہ ڏٺو!

❖

ٻار جو ضد نہ هو نہ ڪيئو هو
گهر ۾ ڪيڏي نہ ماٺ ماٺ هئي،
پنهنجي مايوس مرد ڏانهن ڏسي
روئي ويئي چو هاءِ ماءُ مُئي؟

❖

اي سکي، ڇا پئي اِئين سوچين؟
روئي ويئي ٻڌڻ سان ماءُ مُئي
”هاڻ ڪنهن جي لاءِ پيڻ! سوچينديس؟“
هي ٻڌي خود سکي بہ روئي اُٿي!

❖

وئين، پاڻ سان حيات جي وئين روشني ڪٿي
آئي مٿان ٻي آهہ اِجها مند مينهن جي
ڪيڏا نہ آسمان تي ڪارا ڪڪر مڙيا
بينور رات، روشني ڏنڏلي تي ڏينهن جي!

❖

ير منجهان خوشبو تہ آئي پئي، مگر
پوءِ ٻيي خود گل نظر آيو نہ پئي
تنهنجي گڏجڻ جي خوشي محسوس ٿي!
شيام، ليکن تون هئين مون وٽ ڪٿي!

❖

آسُوءَ جي ٽِپهري، ڪري ڪانءُ ڪان ڪان
ڦٽاڪن جلائڻ ۾ ڪي ٻار پورا
دسهڙو ٽي گذريو، ڏياري ٻه ايندي
جليا پئَي اُجالي جا سپنا آڌورا!

❖

ڦول ٽي ڦول هوا ۾ خوشبو
پر وڻي خلق ٻه پئي آئي وڻي
بس ويو رنگ نظاري جو ڦري
اوچتو ڏوڙ اُڏي اک ۾ پئي!

❖

اگ ٻه اُئين هو، هاڻ ٻه آهي، هن ڪانپوءِ ٻه اُئين ٿي
ڏينهن ۽ راتيون وارو وٺندا، مندون ڦرنديون رهنديون
هي ڄاتم ٿي پر جو ڄاڻي پي نه ڪڏهن مون ڄاتو
ڪنهن جي لاءِ آلا هئَن دل ۾ اکڙيون سڪنديون رهنديون!

❖

پر سال کان وڏيڪ تڏيون هيل ٽيون مگر
آهي نه انتظار تڏهن پي بهار جو
اڄ زندگي ڪِ نقش ڪو ديوار تي چٽيل
گل جو نه ڪو هڳاءُ نه ڪو درد خار جو!

❖

چيٽ جو صبح چانيل هئو باغ تي
بس گهمي بينچ هڪڙي تي ويٺس اچي
ڪا مٺي ياد مون ساڻ اوري هيئَہ
ويٺي ويٺي پئَي ياد اُن ياد جي!

❖

سوچ ۾ رات وهائي منهنجي
سوچ کي صبح وٺي ننڊ کڄي
باک ڦٽندي ٿي ٽڏي هير ڳهلي
رنگ خوشبو جا اُٿيا گهنڊ وڄي!

❖

سارون اڳوڻن ڏهاڙن جون سارون
دل کي انهن يرم ۾ بس پلايو
ڪمري ۾ ويهي اڪيلو لڳم پئي
جڻ ٻاهران هن جو آواز آيو!

❖

گل تي پونري گونجاريو
ڪويل ڪوڪي انين مان
هڪ ۾ مستي ٻئي ۾ پيڙ
تيو پلا اٿن سو ڇا ڪان؟

❖

رنگ ڪٿي اڄ ننديڻ وارا؟
شانت سياءُ نمائي نُوري!
ڦول سفيد، گلابي مڪڙي
جوهيءَ جهڙي منهنجي حُوري.

❖

چهرو گنيير، موهه نيٽن ۾
وار روپا سندس آڇو پهراءُ
پنهنجي تنهن سان ڪيائين ڳالهيون پئَي
شيام رابيل جو هوا ۾ هُڳاءُ!

❖

وهنجي سهنجي ور وٽ آئي سنڌر ساڻ ڪٽي
تلڪ ڏياري سينڌ پرائي ڀڪي پٽي ڀهه ڀهه
ور ورجايس هيڏي ٽي پڻ تلڪ ڏيارين هيٺن...
هٿ پڪڙي آهستي چيائين: ”تنهنجي سالگرهه!“

❖

صبح ويندس، چيم تہ چرنہ هنٺر
اڇان تنهنجي ڪري سلامي يي
مان سڏيان ٿي سڏيان اڳي تنهن ڪان
تنهنجي ڪڙڪي وٿي وسامي يي!

❖

مڃين ها، ڪن وهين ها بي بہ، چا ٿئي ها
مگر پنهنجيءَ تي، ضد ڪيڏو بڏي بيٺينءِ
چيئہ: ”هاٿي وچان تو“، بس اتيٺن هڪدم
وچي در مان دريءَ تي هٿَن اڇي بيٺين!

❖

جڻ رُسي تو چيو: چڏيو بہ ڪٽي؛
مون چيو: ضد چڏيو، ڪٽي پرچو.
منهنجي چرچي ڪي سمجهيو ساييان تو
تنهنجي ساييان مونکي لڳي چرچو!

❖

پڪ سيان نہ تہ پرينهن گڏباسين
وٿين چوندو بنا نهارڻ جي
چنڊ چوڏس جو آپ ۾ بينو هو
ڪيڏو نندڙو لڳو ڏسڻ ۾ تي!

❖

توکي ڀانيم تي اهو ڄاتم تي، پر
چوٽي ڀانيم هي نہ ڳجھہ سمجھي سگھيس
تو ۾ ڪجھہ هو جو پسند آيم نہ تي
اڄ ٿو سوچيان ۽ نہ ڪجھہ سمجھي سگھيس!

❖

مان تہ پيريءَ سان ٿي هم آغوش هوس
اڪ ۾ نکريو روپ جوڀن جو ڪتان!
بس سريو سنتوش، بيچيني لٿي
تن ۽ من ڀيئي ٽڙي پيا ڦول جان!

❖

تو نهاريو مون نهاريو ڪالھہ اڻن ملندي لڳم
هيءَ ڪشش آهي اڳوڻي جنم جي ٿي پيار جي
موڪلائيندي چيو اڄ ٿو پڪي وشواس سان؛
هي اسانجو پيار رهندو هن حياتيءَ بعد بہ!

❖

ڏنو جيسين نہ هو تيسين ڏسڻ لءِ نيڻ آتا ها
ڏسڻ ڪانپوءِ ٻٽايو گهيرو ٻانهن هن کي پاڻ لءِ،
ڪٿي پوري ٿي دل هن کي جهلي ٻانهن جي گهيري ۾
سڄي ڪايا لڄي پئي، پاڻ ۾ هن کي سمائڻ لءِ!

❖

روپ تنهنجو اتم اکين ۾ پرين!
ڪن ۾ تنهنجون اتم مٺيون ٽڪون
دل بہ تنهنجي اتم جڙيل دل سان
ڪِي اچا؟ سو تہ پاڻ ٿي ڏس تون!

❖

"تون تہ ڪاوڙ ڪڏهن ڪندو ناهين
اڄ چو تنهنجون ڏسان تي لال اکيون؟"
مون تہ توکي چيو نہ لفظ تکو
تنهنجون آهن سچي ڪمال اکيون!

❖

سيبيٺي ياتي اچا تائين گهيري ويٺا ڪيس
هٿي تہ شام جو موٽي ڪنوار پيڪن مان
ڏسي، خفا تي چيو نيٺ مڙس آهستي:
"متي ۾ سور اٿم، چاءِ ڏيو تہ پي ليٽان!"

❖

نہ ڳالهائين نہ ويجهو ٿي اچين تي
نهارين ٿين نہ هونءَ وانگر ڪلين تي
چوان ڪٿان تون رٺي آهين جو پيٽين
اُتي ڪلندي وٺي، چوُ ڇا چوين تي؟

❖

نہ چنڊ ڏانهن نهارين نہ آرسيءَ ۾ ڏسين
ڪنائين لات نہ ڪويل جيّ، ماٺ ماٺ رهين
مگر ڪو پاڇو چري تو هوا جي جهوٽي سان
تہ سيسراٽ پرين، دل ٿي دل ۾ سُور سهين!

❖

ڪيڏو اکين ۾ پيار پري آئين مينڌرا
ياڪر ۾ تهنجي، سڌ نہ مونکي جيءَ جي رهي
هائي ڇڏي وٺين چو نہ موهل ۾ تنهنجي لاءِ
هڪ پريتما نہ پر رڳو هڪ زال ٿي رهي!

❖

مومل مومل جي نہ هجي ها
ڪاڪ جي هاڪ نہ ايڏي ٿئي ها
جي راڻو بہ هجي ها راڻو
مومل چو هئَن ڏاگهہ چڙهي ها؟

❖

موڙڪن جان ڪرين ڪڏهن ڳالهيون
ٻول ٻولين ڪڏهن تہ ڏاهن جان
علم جي روشني ڪري حاصل
سرس ٿيا ۾ تون ڪڙڪٻيتن کان!

❖

ڪؤنروۃ گلي ۾ ٻانهن وجهي پاڻ ڏي ڇڪي
بس اڌ کليل ڇپن جون مٺيون دعوتون ڏنيون
جهڪندي ٿي ڀرجي آيون ڇنيسر جون چو اکيون
ڪؤنروۃ جون هاءِ جن جي چلڻ سان اکيون ڀنيون؟

❖

اڃا بہ ياد اٿم تنهنجو انتظار، مٺي!
پٺيءَ جي ٽيڪ ڏئي در تي جڏَن هئينءَ بيٺي
لڏيئہ تي وار ۽ آڱر تي ڇڳ هيئہ ويڙهي
جهڪيءَ اکيون ۽ کليئہ چپ پريان ٿي مونکي ڏسي!

❖

هوڏ ڪري پئي چانگوڻ ميڙيم ڪنڊو لڳي ويم
جهٽ پٽ ڊوڙي اندر ويئي آئي سئي ڪٽي
منهنجي هٿ مان ڪنڊو ڪڍندي هن ڪي سئي چڀي
اک ۾ ڳوڙها، مرڪ بہ منهن تي ڪيڏو نہ پئي وڻي!

❖

پاڻ وٽي آئينہ ڏسڻ لءِ،
تون ٿي هليو وئين چوهو چوهو!
دلڪش ناچ جون مُدرائون، اُف
پر پٿر ننگو ننگو هو!

❖

ڪونہ ٿيندءِ آمر اِئين نالو
جي لکيئہ پيو بہ ٿي ڪتاب نوان
ڳول تارو هجي جو اڻ چاتل
چو تہ سڏبو سو تنهنجي نالي سان!

❖

زندگي معنا جيئڻ، جتري تہ جيءُ
ان جي ٻي معنا نہ ويهي ڳول ڪا
اُت تہ جاڳايون اُنهن مُردن ڪي پڻ
جن جي پڪ ناهي تہ ڪو آهن مٿا!

❖

لٿو سج، سنجها ٿي مٿان رات آئي
پني رات، منهن مير ٿي، سج بہ اُڀريو
اِئين موقعي لءِ نهاري نهاري
گهٽو وقت گذريو؟ گهٽو وقت گذريو!

❖

پنهنجي شعرن ڪي سڏيندو هو مٽيءَ جا ڍير شيام
پر انهن مان جنهن ڪڍي نڪريون ڪيون ويهي ڪئيون
آهہ حيرت پاڻ بہ جوڙي رکڻ سان تن منجهان
ڪيتريون جوڙي وتيون تنهن خوبصورت مُورتيون!

❖

چوندي ڪنيو ڪتاب مون ڪيڏي نہ شوق مان
وينس دريءَ اڳيان ٿي، پڙهڻ لاءِ نهي نڪي
پوءِ ڇا ٿيو ڪتاب کي، سڌ ناهہ ڪا مونکي
پٽ تي پيو هو، مون جو دريءَ مان ڏنو جُهڪي!

❖

رنگ برنگي هي تصويرون جن ۾ سهڻيون عورتون
هر ڀت، ڇت، پٽ تن سان چمڪي، آهي ڪنهنجي جهوپڙي؟
اندر اهڙين تصويرن تي ليٽيل ڪوئي فقير هو
بابا، هي ڇا آهہ؟ چيائين: جنت پنهنجي جهوپڙي!

❖

*ڪاهيءَ ۾ سا مسيت وڏيري جي گهر اڳيان
ملا جي بانگ پنج لڳا روز مون ٻڌي،
ڪنهن ٻئي ڪي ڳوٺ مان آئي ويندو ڏٺم نہ، تہ بہ
ضامن سين جي لاءِ دلي ايمان جي هئي!

❖

هُو اسانجي ڳوٺ جو المست مولائي فقير
ڪنهنڪي ڏسندو ڪجهہ ڪندو چوندس تہ ريڏو رهہ اِئين،
ماڻ مائٽ لاءِ ڏنو جيڪو اتيئي جڳ ڏٺيءَ
جيڪي ڏيڪاريئي ڏس، خوش ٿيءُ، يلو، جيسين جئين!

❖

آڻ لتاڙيل ٿي سا تہ وات هئي
گاهہ ڪيڏو نہ آسپاس هيو
جتَن لنگهيس اڪ وجي گلن تي پئي
پوءِ بہ من ڇو ٿيو اداس هيو؟

❖

---

* ڪاهي: ناراڻ شيام جي جنم ڀومي. هيءَ ڳوٺ حيدرآباد کان سکر طرف ويندڙ نيشنل هاءِ وي تي، نوشهرو فيروز کان 6 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي واقع آهي.

گل ڪڏي پڻ سگھياسين ڪين لڏي
ڪاڻ خوشبو ڏني ڪڏهن ﺑﻪ اسان
۽ نه ڪنهن تي ڪئيسين چانڌ ڪڏهن
لوٽ پنهنجو وجود توهر جان!

❖

ڪنهن جو ريڊيو ڪليل هو پاڙي ۾
آيو آواز بنسريءَ جو پئي
تنهنجي هٿ ۾ ڪليل هئي گيتا
شيام، ريڊيو مگر ٻڌو تو پئي!

❖

ٻن هٿن ۾ نه ٻن چپن تي ڪڏهن
بنسري هڪ ڏسڻ ۾ آئي پئي
نظر آيو نه تي مگر ڪوئي
ڪنهن اِئين بنسري وڄائي پئي؟

❖

دوست، هر لفظ کي پنهنجي معنا هئي
پر ﺑﻪ جنهن ڍنگ سان ڳالھ تو پئي ڪئي
اِئن ﺑﻪ سمجهي سگھيو هوس اڳ ۾ ڪڏهن
سچ، وئين تون نه معنا کي معنا ڏئي!

❖

شعر توسان رهائيون ڪندا قرب سان
مان نه هوندس نه چا تي پيو، اي پرين
آدمي تو جئي بس ڳٽيل ڏينهن کي
شعر جي زندگي سچ سنئين نت نئين!

❖

# رباعيون

جو اِسم وٺي تنهنجو تو توکي سڀ ڪان
اِن اِسم سان، توکي ٿي مخاطب، تو چوان
رک دور بديءَ ڪان، پلي گهرندو سا هجان
ڪر مائل نيڪي ڏي گهران يا نہ گهران!

◇

تنهنجي صنعت ڏسي کو گلزارن ۾
تنهنجي عظمت ڏسي کو ڪهسارن ۾!
دنيا آرام ۾ سمهيل آهه جڏهن
توکي ڳولي تڏهن ڪوئي تارن ۾!

◇

ڪڏهن نه ٿئي چنڊ کان ڪرڻو تو جدا
ڪڏهن نه ٿئي ننڊ کان سپنو تو جدا
تو منهنجو به ناتو نه ٽيو تن جهڙو
پر توکان رهان آءٌ ڀلا ڇو تو جدا؟

◇

اڪ ٿي نه هجي، نگاهه خوش خواب هجي؟
چانڊوڪي هجي، ڪڙيل نه مهتاب هجي؟
مان مان ٿي هجان، توٽيل هجين يا نه هجين؟
ممڪن جو حباب سان نه گڏ آب هجي؟

◇

دنيا ۽ اُن ۾ شيام، هستي جو خواب؟
ڌرتي تي، عرش هيٺ هستي ناياب!
هستي ۽ بي بقا شين جي وچ ۾؟
هستي ڪهڙي حُباب تي، زير حباب؟

◇

اي شيامر سراسر تي اها دنيا خواب
سي خود بہ ٿيا خواب لهن جي تا خواب،
هي ڪنهنجو ٿيو خواب؟ سمهيل آهي ڪير؟
دنيا جو ڏسي ڪير تو حيرت زا خواب؟

◇

اظهار ڪري ذات جو دنيا تي متي
دنيا ڪان مگر ذات، وسوڙا، تي متي،
اظهار تو معنيٰ جو ٿئي لفظن ۾
لفظن ڪان مگر ڪيترو معنيٰ تي متي!

◇

ڪٺن ساھ تي ويساھ رکيو مون جڳ ۾
پويان ٿي هليس، ڪيس ڪيو مون اڳ ۾،
جيوت جون گهڙيون اُن ٿي لٽايون سڀ ٿي
ويساھ رکيم سونهين جو، ڦورو ٺڳ ۾!

◇

ناڪار، ڪلهٽا اسين جو ڪجھ آهيون
اي ٻاجھ ڀريا، ٻاجھ سندءِ تا چاهيون
اي سائين، لياقت جي اسانجي ڏسندين
چونري ۽ تڏي جي بہ تہ لائق ناهيون!

◇

کنهن سهڻي عمل تي نہ تيس مان عامل
تحصيل ڪري علم، ڪيم چا حاصل؟
اي شيام ڪريان چو نہ شڪايت، ليڪن
جيڪي نہ مليم، اُن جي هجان يي قابل!

◇

بگڙيل نہ تون سمجھ منهنجي تقدير جا خط
تحرير جا خط منهنجي جبين تي جي غلط
ظاهر ڪيان نقاش جي دل جي حالت
منهنجو چا منجهس؟ آن؛ نہ تصوير فقط!

◇

پلجي بہ مصيبت ۾ نہ فرياد ڪندس
خودداري ڪڏهن پنهنجي نہ برباد ڪندس!
جو عيش طرب ۾ نہ ڪڏهن ياد ڪيم
چا رنج آلم ۾ سو هينئر ياد ڪندس؟

◇

هِن هُن کي جهڪي، جو ڪرين هِت هُت سجدو؟
ڪي سمجهين بہ تو نيٺ ڪرين هي چا تو؟
آداب عزازيل کان سک سجدي جا
هڪ جو رڳو هڪ جو ۽ نہ هِن جو، هُن جو!

◇

مغرور تيس توڙي ڪ خوددار تيس
دم آنءِ خدائي جو هٽي خوار تيس
بس غرق تيس "نيل" ۾ "فرعون" بڻي
منصور تي سوريءَ جو سزاوار تيس!

◇

گل پن مان وجهي واجهہ پريشان تين چو؟
خورشيد مان، شبنم مان نمايان تين چو؟
ڇا لاءِ هتان هتان ليا پيو پائين؟
پنهان نہ رهي سگهين تہ پنهان تين چو؟

◇

هستي ۾ آيس جڳ رچي هستي سان
جيتوڻي پل ٻن لئي أيران، نسران
مان آهيان، جڏهين ڪان پهرين پريات
وڻ مان ڦل، ڦل مان ٻج ۽ وڻ ٻج مان!

◇

وڻ ٽڻ جي لڏي، ڦول ٽڙي، ميوو نچي
دل هيج منجهان ناچ نچي، رنگ رچي!
اي شيام، ٿهيل آهہ منٽيءَ مان جنهنجي
تالاب أنهيءَ مان سو گهڙو ڀرجي اچي!

◇

هن بزم تماشا ۾ رهي ڪِي نہ سگهيس
فڪرن ۾ سفر جي ٿي تہ ترسي نہ سگهيس،
مينا هِي پـريـل نـور ۽ نظاري جي
اکڙين جا پيالا ڀي پري پي نہ سگهيس!

◇

مايا جي تکي تاب چڙي جھوري نظر
آڏو جو هئم گس نہ رهي اُن جي خبر
اڄ عشق بڻيو راهنما، گهر تو وڃان
آنڌي ڪي ونٽي آنڊو نپچائي تو گهر!

◇

ٿي مڪڙيون ڦٽيون، ڦول ٽڙيا، ماڪ وسي
ٿي ٺهڪ ڏنا هيج مان پن پن سان گسي!
هنگاما پري فضا ۾ ڪن تائين شيام!
آواز ضمير جو سگهيو ڪٿي ٿي رسي؟

◇

جا لهر چڙهي لاڏ ڪندي لوڏ ڪندي
ڪلندي سا لٿي ڪيچ ڪندي ڪوڏ ڪندي!
اولڙ ۾ تٿي خوش جا رهي وير ۾ خوش
جا ويل سچائي اها ڪٿي هوڏ ڪندي؟

◇

چو، موت کان سڀ رهن سدا هيسايل؟
نالي کان سندس، ٿيا ڪنبايل!
چو، چور جيان خوفزده سڀ آهن؟
آهن ڇا حياتيءَ جون گهڙيون چورايل؟

◇

سچ وڻ جي مٿان، پاڙ ۾ وڻ جو پاڇو
جي وڻ ٿي وڃي، پو نہ رهڻ جو پاڇو
سنسار ۾ اِن ريت هي آدي سچ هيٺ
اي شيام مرڻ آهہ جيئڻ جو پاڇو!

◇

پوپٽ ڪي جهليم مٺ ۾، ڪري ناداني
ڪولڻ سان وئي مونکي وئي حيراني
رنگين پڳل ٻن پرڙن جي بدلي
اُف، رت ۾ ٻڏل دل هئي هڪ انساني!

◇

هڪ جيت ڪي پيرن ۾ چِڏيم چيپاٽي
ڏيري سرندو ٿي ويو واڙي ڏي
جنهن پير ڪٿي شيام هليس ٿي تہ ڏٺم
انسان جي دل هاءِ، اُتي ڦٿڪي ٿي!

◇

جڻ ستيہ جا ويچار، هي روشن تارا
تن وانگي سي آنڌڪار ۾ جهڳمڳ وارا
جئن رات جو پيغام تو سمجهڻ چاهيان
اوير ڪان اُجالي جي ڦٽي تي ڌارا!

◇

ڏرتيءَ ۾ ڪپي اکيون ويس شرم وچان!
مرڪيائين ٻہ تي چپن ۾ ئي مرم وچان!
ڳالهايان، مگر الائجي ڇا سمجهي
نالو ٻہ پڇيس نہ مون اُنهيءَ ڀرم وچان!

◇

چاهيم جو پڇڻ، ڪولي پڇي ڪين سگهيس
ڪجهہ هٻڪي ڇيم، پورو چئي ڪين سگهيس
شرمائجي ورجايو تو، ليڪن، قسمت!
دل ايترو ڏڙڪي جو ٻڌي ڪين سگهيس!

◇

گنيير ائين منهن تون ٻڌائين ڇو ٿي؟
هٿ ڏيئي، اکيون پنهنجون لڪائين ڇوٿي؟
لڪڙي ڇو متي هيٺ ٿئي ڇاتيءَ تي؟
دل ۾ ڪي آئي، مونکائين ڇپائين ڇوٿي؟

◇

نوڙڻ ۾ نزاڪت ڇا ڇڙيل وارن جي!
پياري تي لڳي هرڪا ادا پيارن جي!
جڏهن ساهه کڻي سيني تي، وڃي جوين
ڏڙڪڻ تي لڳي ڇاتي نظر وارن جي!

◇

ڇو ڏيٺ سڏي مونتي چنڊين ڇوها اچا؟
منهن پنهنجي ۾ ڏس مرڪ مڙهيل موهه اچا!
جيڪي نه ڇوين ٿي، ڇڙ، دل سان تي ڇوين؟
آهي جي اٿين ڏينم پلي ڏوهه اچا!

◇

ڇهري تي خوشي، اک ۾ ڳرائي آهي
هر بات ۾ شيام، چلولائي آهي!
ڏس ڪيئن نه پيرُ پيرَ ۾ پائي پئي اچي
آئيني ۾ منهن پڪ ڏسي آئي آهي!

◇

آهسته اٿي، تي مون وٽان جڏهن نه وَڃي
ڇا ٻانهن جي سندري مڙي لوڏ ڪئي!
ڪمري ۾ ويئي پکڙجي سپڻ جي سڳنڌ
ٻوڪيل ول واءُ ۾، لڏي شيام پئي!

◇

سامهون رهي دل ڪيس ڏسڻ لاءِ سگهي
منهن لوڪ لڄا ڪان نه سگهان هاءِ پٽي!
هڪ ڪن ۾ ٿي گهونگهٽ هي جلائي مان ڇڏيان
اکڙين ۾ اگر آب بجا آگ هجي!

◇

بي چين ٻنهي جي دل ۾ آشائون هزار
لب بند، مگر ڪجهه بنا پي نه قرار
چهرو پيو ٽڙي، ٻٽيون نگاهون ٿي لفظ
اِن پريت لڄاري تان هو خالق به نثار!

◇

اڄ آئي محبت سندي برڪات جي رات
برسات جي سا رات ملاقات جي رات!
اي ڪاش، اها رات ٽٽي ها ڪِي وڏي
اُف اهڙي رهي رات فقط رات جي رات!

◇

دل ڪولي ڪٿيسون نه اجا رات رهاڻ
منهن تي نه اجا مرڪ ٿي آئي هٿي هاڻ
شوڪارو يري اوچتو پرڀات پڇيو
اي شيام اجهو هاڻ ڪِلٽين تي چاڪاڻ؟

◇

هڪ هڪ تي ويون ڳالهيون پراڻيون وسري
سڪ، صحبتون ۽ روح رهاڻيون وسري
پر ڪين سگهيون ناز پريل نيڻن جون
پياريون سي پڇائون ۽ وراڻيون وسري!

◇

گهاريم اُن ساڻ، جي گهڙيون تي شادان
دنيا معلوم تي تي جنت سامان!
موٽي ايندو وري اڳيون اوج نه ڇا؟
اي دنيا! اي حيات! اي دؤر زمان!

◇

ڪو گل جي ٽڙي، دل پوي منهنجي به ٽڙي
اکڙين ۾ اچي آب تري ماڪ ڏسي
احساس خوشيءَ جو نه محبت ۾ رهيو
غم منهنجو نه غم ۽ نه خوشي منهنجي خوشي!

◇

ڪٿَن پنهنجا فلڪُ رنگ مٽائي تو هنئر
ڏسجي ته سو ڇا شيام پسائي تو هنئر
بادل به ڪنوڻ ساڻ اچي تو گجي
ڏسجي ته وسي تو ڪي وسائي تو هنئر!

◇

چا هير جي جهُلڪن ڪان وڻن ۾ چرپر
جهڙ ٽيندي پرندن جي دلين ۾ هرڪر
برسات جي ڦڙ ڦڙ ۾ پکين جون لاتيون
چلڪي ٿي فضا، پريل ڪٽوري وانگر!

◇

ساوڻ ۾ ڪتان آئي نزاڪت، رنگت
دنيا تي لٽيرن ڪئي آهي شفقت
يڪشن جي خزاني کي هنيو ڪاٽ هوا
ابر آيو لٽي اندر سيا جي دولت!

◇

اڪرين ۾ پريل لڙڪ ۽ ساجن بہ پري
ساوڻ جو نظارو هي اثر ڇا تي ڪري؟
وڄ، وڄ، وڄي ٻٽي هنڌ ڪٽي وس بادل!
موتين سان ڍڪي شال سنڌ جهول پري!

◇

بس سج بہ لٿو رات مٿان ٿي ڪاري
دنيا تي خموشيءَ جو سمو ٿيو طاري
تارا بہ ڪڙيا، درد بہ دل ۾ جاڳيو
اڪ قلب ٻنهي کي ٿي رهي بيداري.

◇

جي آهه ته آهه آرزو تنهنجي فقط
ياد آهه ته آهه، خوبرو! تنهنجي فقط
ڳولي تي نگاهه دل ۾، دل اکڙين ۾
۽ آهه ٻنهي کي جستجو تنهجي فقط!

◇

تنهنجو ئي تيو پيار حياتي جو مدار
هي دم به اتم تيسين ڏئين جيسين پيار
سگهندين نه مونکان ڏار تي منهنجي جٽري!
حيلا جي ڪرين پاڻ ڇڏائڻ لي ۽ هزار!

◇

توکي ئي ڏسڻ بعد نه اکڙين کي ڏٺو
هاڻي سي ڏسڻ جو تيون ڏين دوکو رڳو
ڏيکاري سگهن دل کي نه کو عکس نئون
دل جيڪو ڏٺو عکس اڃا ڏسجي اهو!

◇

تن ڀٽکي سڄو ڏينهن وسنڻن ۽ بن ۾
۽ رات سڄي من تو ڦري سپنن ۾
دن رات تلاش آه فقط تنهنجي شيام!
سنيران نه گهڙي گذري نه جا پنڌن ۾!

◇

سپني ۾ هيس تي مان آيا ڳي ياڳي
ڪوليم جو اڪيون هيس آيا ڳي ساڳي
جهڙو تيو سمهڻ سياڳ تهڙو جاڳڻ
”سسئي“ جي سمهي ته مون وڃايو جاڳي!

◇

جي هُنَن نه اچين، خواب ۾ من گڏجين دم
تبديل تبسمُ تئي رنج ۽ غم!
ڪٿڻ تن ڪي تين خواب خوشيءَ جا حاصل
ڳوڙها تا ڳڙن جنجي ڳلن تان پيهم!

◇

دڪ منهنجي ڪي دلڪش جي ٻڻائين ته مڃانءِ
لڙڪن ۾ جهلڪ پنهنجي پائين ته مڃانءِ!
اي شيام رڻٿارڪي هيءَ منهنجي حيات
گل ماڪ پنل وانگي ڪلائين ته مڃانءِ !

◇

ڇا اُن ڪي گهرائڻ تيو اهڙو تهڙو
پر منهنجي ٻڌي چو، دل جو ڪم ڪهڙو!
ايندو مون دڪياري جي داهُن تي شيام
يا ڪين مڃيندو، ٿيندو دل جهڙو؟

◇

صد شڪر پلي آئي پلي آئي عيد
اڄ ديد جي برثواب تيندي اُميد!
بي ريت نظر جي نہ ملائي تا سگهون
ها، گڏجي هلال عيد وٺ من اڄ ديد!

◇

هي درد جي دنيا هيڪر ڏس تہ سهي
ڪجھ پيو تہ نہ تو چوان مگر ڏس تہ سهي!
هي حال ڪيو تنهنجي تغافل جنهن جو
اُن دل جي طرف هيڪر پر ڏس تہ سهي!

◇

هن دل جي وفائن ڪي وٺي ساڻ تون وڃ
اُلفت جي صدائن ڪي وٺي ساڻ تون وڃ
اي شيام چون ٿا تہ سفر تو اُسهين
منهنجي بہ دعائن ڪي وٺي ساڻ تون وڃ!

◇

دنيا ۾ خدا ڪري، ڪو مفلس نہ بڻي
سيني جي ٽٽي اڪين ۾، ڪنهنڪي نہ وٽي!
دنيا جي نگاھ ۾ جڏهن ڪوئي ڪريو
اُن ڏانهن تڏهن چو ڪوئي آگر بہ کڻي؟

◇

ياعمر غريبي ۾ نہ شل ڪوئي جٺي
ايمان ڪي، ڪافر ٿي، طلاقون ٺٿي ڏئي
درويش چون سچ ٿا، ”غريبي گلزار“
لاڳيتي هلي شيام تہ پڙيانگ ٿئي!

◇

نيڪي ڪي سڪي لوڪ گهڙي جا گهارين
شيطان ٿي آدم جي شرافت وارين!
لوٿين سچا جيڪي ٿا ڏن وارن ڪي
ڏن ڪي ملي هوند سي بارهہ بارين!

◇

سمجهايو هي ماڙين ۾ رهڻ وارن ڪي
هيسايو نہ مجبور ۽ ويچارن ڪي!
ان خاڪ نشين ڪان ڪريو خوف ذرا
ڀونڪمپ ڇڏي ڀوري تہ ڪُهسارن ڪي!

◇

اسباب جڏهن عيش خوشي جا نہ رهيا
دل پيٽ گذر لاءِ تڏهن پهہ ٿي پهيا!
گلشن مان ويو چيٽ، ڪٽيءَ پير وڌو
ڦلواڙيون چُٽيون، ڪٽڪ جا بارا ٿي نهيا!

◇

چو روئي ڪرين پاڻ کي دنيا ۾ خراب
وٽ، ڪل تہ ڪلي توسان زمانو بہ شتاب!
اي دوست، پيالي کان ذرا پاسي ٿجانءِ
ڳوڙها ڳڙي ڪارو تہ نہ ڪن منهنجو شراب!

◇

جيڪا بہ پڇيس هر ڪوئي ڪار ڪري
هيڏي جو نہ هيڏڙي جو ويچار ڪري
تارن نہ تہ ڪڙڪيتڙن جئن چمڪين
وٽ سارو ڪري سگهين جو، ڏيکار ڪري!

◇

عادت ۾ رک انقلاب، خصلت بہ ڦري
اي شيام هلت ڦري تہ فطرت بہ ڦري
اِنسان تہ رهنما ٿيو پنهنجو پاڻ
جي پاڻ ڦري تہ انجي قسمت بہ ڦري!

◇

سِر ناهہ سو سِر، ناهہ ڪا غيرت جنهن ۾
دل ناهہ سا دل، ناهہ ڪا همت جنهن ۾!
بيڪار أهو بحر بہ ڇا بحر ٿيو؟
طوفان أٿارڻ جي نہ طاقت جنهن ۾!

◇

جي دل ٿي نہ ٻڌبي تہ ڪَرڻ ڇا ايندو؟
دريا ۾ گهڙڻ ڏارا ترڻ ڇا ايندو؟
هو روئي رڳو موت گهرڻ وارا ڏس
آيو نہ جيڻ جن کي مرڻ ڇا ايندو؟

◇

جيڪر نئين دنيا هجي، خورشيد نئين
هر روز نئون جلوه هجي، ديد نئين،
هستي ٿئي سچ پچ نئين هستي، جي شيام
هر روز نئين دل هجي، اُميد نئين!

◇

جيسين نہ ٻِهي ڪوئي اِنهيءَ جي آڏو
آئيني ۾ عڪس، ڇو، ڏسي ڪٿَن سگهبو؟
اِن عڪس جي ڪجهہ نہ ڪجهہ حقيقت آهي
آئينہ خيال جي ۾ ڏسجي جيڪو.

◇

هڪ ڪن ۾ ڪتان ڪان تو ڪتي پهچي خيال
ڌرتيءَ تان اُڏي، عرش پُڄي،ماڻي وصال!
چو ڪين تيس خيال، توڪان وڃڙي
ناهيان جو خيال، آهيان اُنهي ڪان بي حال!

◇

راحت ئي ٿيو اصل ۾ جنت جو خواب
خود آهه ھي جنت به ته راحت جو خواب!
رنگين ۽ شيرين حياتي ٿيندي
خواب آهه ته ٿي شال محبت جو خواب!

◇

ويران ته توئي ڪيو راحت مونکي!
آباد ورائي ڪيو محنت، مونکي!
پلبي نه ڪڏهن تنهنجي غلامي، او هوس!
آباد ورائي ڪيو الفت، مونکي!

◇

تارن کي اِشارن سان ڪجائينِ اکيون
غنچن کي نگاهن سان کلائينِ اکيون!
راتين جي جواني ۽ گلستان جي سونهن
پلڪن سان ڏکي جڳ کي سڪائينِ اکيون!

◇

بيتاب سين کي سا ٻٽائي ٿي چڏي
دردن جي ڌهين دل ۾ دکائي ٿي چڏي،
ها، چندبه جي ڪرڻي جان ٿڌي آهه، مگر
ھي نرم نظر آگ لڳائي ٿي چڏي!

◇

جيسين نہ هئي دل، هئو هي پيار ڪٿي؟
پر پيار بنان دل جو هو آڪار ڪٿي؟
سچ ڪين هئو جيسين، ڪٿي ڏينهن هئو؟
پر ڏينهن بنان سچ تيو نروار ڪٿي؟

◇

اي شيام محبت ۾ جو دل ساھہ ڪٽي
اميد انهي ساھہ جو ويساھہ ٻٽي!
اُميد محبت جي رسائي تي اُتي
پهچڻ جو تصور بہ جتي دم نہ هٽي!

◇

چپ تي نہ اچڻ ڏنو حيا حرف سوال
پر دل جو تيو راز لڪائڻ بہ محال
سائل جي مٽي تي هُو پگهر جي هر بوند
داتا جي اکيان شيام تي آئيني مثال!

◇

اي دل، ڪڏهن اظهار تمنا نہ ڪجي
اُلفت ڪي، چڱو آھہ تہ، رسوا نہ ڪجي!
اُلفت هجي جئن صبح جي سانتيڪي هوا
طوفان تي واويلا تہ بيجا نہ ڪجي!

◇

اِئن سوز محبت ۾ جلائڻ جيءَ کي
باقي جي بچي ڪجھ تہ فقط خاڪ بچي
پاپي هُجِي، دوزخ جي نہ ڏج باھ ڪنان
چوَ، خاڪ کي ڪجھ ڇاتي ڪري باھ سگهي؟

◇

جنت ٿي ڏني، منهنجي محبت جي عيوض؟
گهوريان هي محبت انهيءَ راحت جي عيوض؟
سوداء جو ڪنيم بار ڇا ان لئيءَ سر تي؟
جنت نہ ملي ها ڇا عبادت جي عيوض؟

◇

آئينده جون اُميدون گهٽيون، خواب گهٽا
ناخرچ تيل عيش جا اسباب گهٽا
دردن سان ۽ لڙڪن سان هنئر دل ۽ نيڻ
غدار تيڻ لئيءَ تيندا بيتاب گهٽا!

◇

ڏس راھ وني ڪنهنجي هلي آهي دل
ڪٿڻ ڇنجي تہ ڇا دل ۾ سٽي آهي دل!
هڪ آس تي ٻي آس اُياري هردم
ڇا ڪار نہ ٻي ڪابہ ڪندي آهي دل؟

◇

آهيس جي دل، غريب پڻ آهه غني
دل ساڻ برابري نه ڪن دُر عدني!
ڇا فائدو ڏينم تو گُهر لعل هزار
گوهر شڪني نه پر ڪيءِ دل شڪني!

◇

ٽيو ساھ سنئون جيءَ جو جيارو يارت!
ڇا ساھ سنئون؟ ان کان به پيارو يارت!
قسمت تي سندس ڇانيون گهٽائون ڪاريون
تڏهين به اڪين جو آهه تارو يارت!

◇

اي هند، نصيباً ائين الله ڪري
جو تنهنجو وري ياڳ، تئي رنج پري
شاعر جي تصور ۾ ٽڙن جي گل تا
تن ساڻ ڏٿي شال سنڌ جهول پري!

◇

پوپٽ نه رڳيا پاپ ۾ هٿ پنهنجا ٻئي؟
ڇا ڪارمنهائي نه هئي پؤنر ڪئي؟
مکڙين جي وئي باغ ۾ عصمت لٽجي!
پاڙوسي ها، پاڙيجي نه لڄ جن کي پئي!

◇

گهر منهنجو اُهو، هاءِ، اهو منهنجو آڱڻ
ننڍو ڇا وڏو، خوش هو منجهس سيڻ سڄڻ
ساڀيا کان، گڏين جي هو حياتي ۾ مزو
افسوس زمانو سو گهران موٽي ڏسڻ!

◇

بي سمجهه مگر سڪي وَهي طفلاني
جٿن عمر وڌي، وڌي هوُ سرگرداني،
پيريءَ جي ڪريان نثار دانائي، شيام
ٻارائي ملي سگهيم جي ناداني!

◇

افسوس جواني ۾ زمانو اُهو، آهه!
پيري جي مصيبت کان نه هي دل آگاهه!
ماڻڻ جي ڪري عيش مسرت نه گهڻيا
اُميد نه ٿي عمر سبب ڪجهه ڪوتاهه!

◇

آداب! شراب جي او خالي مينا
آداب! چنيسر جي وڇوڙيل ليلا!
سو رنگ ڪٽي، راڳ ڪٽي، ناچ ڪٽي
رونق نه رهي تنهنجي حياتي ۾ ڪا!

◇

ڪنهن لاءِ هندورو تي لڏي لام پئي؟
يا ڪنهن جي مٺي ننڊ ڦٽي شيام پئي؟
ها، سک تي سمهي لاڏلي گلشن جي نہ تي
هو ننڊ ڦٽل ڏس تہ ڪلي ڪام پئي!

◇

پاڻي ۾ رهي ڪين مٺي جن جي اُڃ
هرطرف اُنهن واسطي تي گويا سڃ
هڪ جلوي ڪي، ٻي بوند سوائي ڪي سڪي
اڪ لاءِ ۽ سپ لاءِ تيو آب ٻہ رڃ!

◇

لولي تي ڏٺي ماءُ، روئي پوءِ ٻہ ٻار
شرنايون وڄن ڄڃ جون ۽ روئي ڪنوار!
اي شيام، اهي لڙڪ سڪي ويندا سگهو
اکڙين جي اڳيان چاڻ ڪليو سُپن - دوار!

◇

ڪجهہ چاهين ڏسڻ، ڏس وڃي اڄ شيام جو گهر
فردوس نشان، عيش ۽ آرام جو گهر!
پر نهر جي، مي، نغمہ، مغني، ساقي
گهر شيام جو هي آهڪ خيام جو گهر! *

◇

* خيام = عمر خيام ڏانهن اشارو، ايران جو هاڪارو شاعر.

ڪر تور يلي ماڪ ڦڙن جي اي شيام!
اُتي جي تري گل جي پَن جي اي شيام!
احساس پري دل جي ڪڏهن آهيئي
ڪر پرک يلي شعر سخن جي اي شيام!

◇

اڌ رات جي چپ چاپ ۾ گهنشيام ڏسو
راڌا جي اچي در جو ڪڙڪايو ڪڙو!
آواز جو ڏاڍيان تي ٻڌڻ ۾ آيو
ڌڪو هئو دل جو يا ڪڙي جو ڪڙڪو؟

◇

هڪ رات، ٻي برسات پريل، ڇا نہ وڃان؟
دم تي نہ ڪو ويساهہ، پو پيرو ڇو پڇان؟
اک ساڄي ڦَري پيئي، ڇڪي دل پيئي
مان ڪنهن ڪي ميان، هن ڪي ميان هُن ڪي ميان؟

◇

اڄ گهاٽ تي حالت ڪا ٿيئہ، ساهيڙي!
گهاگهر تي ڪنيئہ، هوش ويئہ، ساهيڙي!
گوڏي تي رهي گهاگهر، بيٺيءَ بت تي
ڪا چانو پيئہ، ياد پيئہ ، ساهيڙي؟

◇

ڪٿ وڃبو مرڻ بعد؟ ڇئي ڪٿڻ سگهجي؟
ڳڌباسين اُتي يا نہ ؟ ڏسي ڪير سگهي؟
اِنسان جو وجود آهہ مگر جيسين هتي
ڳڌباسين پيا نرم ڇپن تي اُن جي!

◇

آلاپ، مڌر تان ۾، اي روپــوَتي!
تبديل ڪيمہ تنهنجي مٺي سونهن سڄي
سنگيت ۽ جيوَ-ڪنٺ جيسين هوندا
گهٽبي نہ سنڌءِ سونهن رتي، چندرمکي!

◇

ڪي گيت مون ايڪانت ۾ ڳايا آهن
ڪي گيت مون دنيا کي ٻڌايا آهن
ميناج حياتي جو مگر تن ۾ آهہ
جي گيت ڇپن تي ئي نہ آيا آهن!

◇

چمڪي سڄ جي ڪري ڳگن منڊل تو
* نرملتا ڪان ڪمل جي جرڪي جل تو
ڪنهنجي موجودگيءَ جو هي آهہ اثر
چمڪي نت چهرو، رهي من نرمل تو!

◇

* ڪمل: ڪنول

چانڊوڪيءَ جي شهر ۾ آيا آهيون
بيخود پوئين پهر ۾ آيا آهيون
گيتن جي دريا جو ڀڳو بند سُڪوت
لڙهندا ليءَ جي لهر ۾ آيا آهيون!

◇

چانڊوڪيءَ جو صاف ۽ شفاف تلاءُ
چوطرف ڪمل، هير ۾ ڪملن جو هڳاءُ
لهرن تي لڏي هيج مان ڪن هنس ڪلول
اڄ روح هليو اوهري سنگيت جي ناءُ

◇

هن چاهه ڀريل چيٽ جي شادابيءَ ۾
سرهاڻ ڀريءَ رات جي بيخوابيءَ ۾
اي شيام، نگاهن جي دوتاري مان متان
ڪا دانهن نه نڪري وڃي بيتابيءَ ۾!

◇

چا چنڊ جي نوراني رسيلي چپ چاپ!
مخمور ستارن جي نشيلي چپ چاپ!
اي شيام، اگر تون به هجين ها ڀر ۾
چپ چاپ به ٿئي ها چمڪيلي چپ چاپ!

◇

سپ بند ٿيا دنيا جا ڪم ڪاريون
هيءَ رات سجي ننڊ بنا ڪٽڻ گهاريون؟
اي دل، باقي پاڻکي ڪرڻو ڇاهي؟
ويهي ڪنهن کي ساريون، هنجون هاريون!

◇

بازاريون سپ بند، گهٽيون سپ سنسان
گهر جا ياتي ننڊ ۾ بلڪل غلطان
گونگي وانگر چنڊ ڪڙيو بيٺو آهه
واقع آهي شور ڪ دل جو ٿي گمان؟

◇

خوشبو جون پياليون پي ٿي مست هوا
چانڊاڻ ۾ گل گل تي بکيا ماڪ ڦڙا
اڄ رات جي خاموش ۽ پرڪيف فضا
اي ڪاش، اتي تون به اچي نڪري ها!

◇

سُرهي سُرهي هير، گلن تي چانڊاڻ
شبنم يي رنگين، سهائي سرهاڻ
پونهن،پويون پهر، متان چورين چنگ
نيٽين هوندو نير، ڳلن تي آلاڻ!

◇

هلڪي هلڪي هير ڏکڻ جي آئي
جنهن سڀ سنهڙا تير هڻي دل گهائي
پينيرڪي جي مهل، فضا پي ياري
ويٺي دل جي ڏيرَ، الا، تنهائي!

◇

نيڻن ۾ بهار جا نه اُلهاس پريو!
هر سواس ۾ هير ڪيڏو احساس پريو!
احساس جو جادو ڪوئي ڪٿن سمجهائي؟
انگ انگ ۾ رنگ رنگ جو واس پريو!

◇

خاموش فضا ۾ شام ڏنڌلي ڏنڌلي
سڌ ناهه ته ڪنهن مهل ويم تنڊ ڪجي
آڏيءَ وڳوڙي اکيون ڪليون جڏن منهنجون
چانيل اڏ هنڌ تي هڻي چانڊوڪي!

◇

سيتل سيتل ماڪ پنل هير سُڏير
چنچل تارن جا نه مهاندا گنيير
آمرت ويلي پانءِ ته بجلي آئي
لنءَ لنءِ لرزي شيام، مگر شانت سريرا!

◇

جهرمر آڪاس ۾ ڪنا ٽيا تارا
نوراني وڻج جا ونهيا وڻجارا
ڪوليائون ڪٿي هِتي هُتي بازاريون
ليڪن آيا ٻه ڪي خريدڻ وارا!

◇

سپرين جو نيٺ هو آچڻ جو اقرار
چا ماڪيءَ ميٺ هو آچڻ جو اقرار
آسرونديون اکيون تَڪن ساري رات
هُن تاري هيٺ هو آچڻ جو اقرار!

◇

ساجن ڪي، سڪي! ڪٿن ٻه منائي سُمهجاڻ
آڄ پنهنجو قتل ياڳ ٻڌائي سُمهجاڻ
سنسار سمهيل آهه، ٻڌڻ وارو سجاڳ
جو دل تي ٿي گذريو سو ٻڌائي سُمهجاڻ!

◇

تنهنجن وارن جو ٿي مٿان سايو رهيو
هي ٿي سايو رات سڄي ڇانيو رهيو
جٿن جٿن نيٽن روئي لُٽايا تارا
وڌندو تٿن تٿن رات جو سرمايو رهيو!

◇

دل منهنجي ازل ڏينهن ڏنائين واندي
مان صدقي، اچي حُسن اڪيلي پاندي
نظرن ۾ ڪنيائين الف ليلي قصو
زلفن جي هئي رات ڏکي هيڪاندي!

◇

هيءَ هوءَ هر دل عشق ڪرڻ لاءِ ناهي
ان لاءِ ڪا ڪا خاص ٻڌايل آهي
جئن سنڌي ڪافي مستيءَ سان معمور
يڪتاري تي ڳائي، جو ڳائڻ چاهي!

◇

اوئي! اوئي! هوريان هوريان اُٺ ڪاهه
هونگاريندي ڳالهه نه هيءَ دل تان لاهه
تنهنجي اُٺ تي ساهه سريڪو سپرين
منهنجي دل تي بار وڇوڙي جو آهه!

◇

ٻئجي هرڪا نار نه مومل پوندي
هر موسم ۾ لات نه ڪوئل لوندي
راڻا، پنهنجي هوڙ نه ڇڏ پر دنيا
توکي ته صدين بعد به پاڳل چوندي!

◇

جاڳڻ نہ ٿيو ھاڻ سجايو ڪنھن رات،
ڪجھہ ننڊ بگاڙيو نہ بڻايو ڪنھن رات
جاڳڻ ٿيو جاڳڻ نہ ھنڌ ننڊ تي ننڊ
راتو نہ ڪي موتيو نڪي آيو ڪنھن رات!

◇

سھڻي، سھڻي ھئي تہ بس ميھر لاءِ
ھن جو دريا ترڻ، ٻڏڻ ھو ور لاءِ
ڪنھنجو ھو چنڊ؟ چانڊني ڪنھنجي ٿي؟
ڪارو ڪارو ڪلنڪ سھڻي گھر لاءِ!

◇

ٻيڙيءَ ڪي ڏکي لھر ويئي ساحل ڏي
راھيءَ ڪي سڏي راھ ڇڏيو منزل تي
اي شيام، دکن ھيٺ دٻيل ڪين رھي
بس عرش مٿي آھہ پڄايو دل کي!

◇

تن تنھا ھئن ڪير پيو شيام، رئي
روئي دل مان داغ اميدن جا ڌ ئي!
پنبڻيون لڙڪن ساڻ پرپائين رئندي
ڪنڊن ۾ چو ماڪ ڦڙا ڪوئي پئي؟

◇

دنيا ۾ سنگيت جو ڇانيو جادوُ،
کهنبي جو ڇڻکو بہ ڪري دل قابوُ،
ڇاڻو، پرڻو،مرڻو سڀ گيت ٿي گيت،
لوليون يا لاڏا يا دردي ماروُ!

◇

سپني جي هيءَ ماڙي ڍهندي نهندي،
اڪ انڪي، هيءَ اڪ کي ڳولي لهندي،
ڏسندي ڏسندي ويندس دنيا ڇڏي،
دنيا يي ڪنهن شيام کي پائي رهندي!

◇

دريا جي لهرن تي تري پئي ٻيڙي،
ترندي ويئي دور نظر کان نڪري،
ڏسجي لهرن تي نہ هنئَر ڪوئي نشان،
ڪٿَي ڇئجي تہ ٻيڙي هتي آئي هوندي!

◇

سيني جي حياتي ٿي وجي تي گذري،
ڪنهن هڪ بہ گذاري نہ حياتي پنهنجي،
ڪنهن ننڊ نہ پوري ڪئي ان ڪارڻ، شيام،
ڪا رات زياده نہ گهڙي هڪ ترسي!

◇

مونن ۾ وجهي منهن اِئين ڇا پيو سوچين؟
اُت ڳول تہ ڪي پائين، وهڻ مان نہ وٺين؛
ڇا ڪينڪي پائين تا ڳولڻ وارا؟
ڪو ڳولي تہ جيڪر لهي دنيا ۾ نٿين!

◇

جئن يونُءِ ٻٽي، ڇا هو متس ڪو رستو؟
ڪوئي نہ هلي جيسين، ٻٽي ڪٿن گس ڪو؟
جي راهہ آڳي ناهہ تہ ڪيڏ هاڻ تون ٿي،
وک آڳتي ڪڻڻ لاءِ ٻڻٿين ٻيوس ڇو؟

◇

ٿئي موت جو ڪارڻ ۾ ٿي هيري جي ڪٽي
پر جوت سبب پوءِ ۾ آنمول ٻٽي،
ڏس سونهن، نہ ڳڻ ڳوت،اکين کي نہ سگاءِ،
هر چيز جيئن آهہ مٽي آهہ گهٽي!

◇

هر ڪنهنکي مري جڳ ڇڏڻو پيو آهي،
توکي پر جو موهہ ۽ پڙ ٿيو آهي!
جئندي ۾ مرين، مري مري ساهہ ڪٽين،
هي موت تہ خود توٽي خلقيو آهي!

◇

موتي ايندا ڪين وري اهڙا ڏينهن
ڪلمڪ ٻٽجي جيءَ ۽ ڪر سڦلا ڏينهن
جهوراٺو ۽ جهانءِ ڇڏن مت ماري
سرهائي جا ڏينهن ٿي ڏاهپ جا ڏينهن!

◇

ڏس جوتشي هُشيار ٻه تارا ٽو ڳٽي
۽ عاشق لاچار ٻه تارا ٽو ڳٽي
ڪيڏو نه مگر فرق ڳٽڻ ۾ تنجي!
اٿن شيام، ته هڪ ڀار ٻه تارا ٽو ڳٽي

◇

يا ساز ڪي پنهنجي سُر مطابق تون وڄاءِ
يا ساز جي ڌُن ساڻ تون سُر پنهنجو ملاءِ
درت ليءِ ۾ وڄي ساز، ولمبت ڳائين
اهڙو اٿئي خيال، بيشڪ اٿين ڳاءِ!

◇

ڪنڊن جي آزار ڪان بيزار تيس،
گلشن ڪي ڇڏڻ لاءِ ٻه تيار تيس،
جيَن شوخ گلن شيام، نهاريو مشڪي،
ڪنڊن جي سهڻ واسطي لاچار تيس!

◇

سرمست تئڻ جو بہ تہ ڪو ڏانءُ نہ آهہ،
هڪ سُرڪ پيَئڻ جو بہ تہ ڪو ڏانءُ نہ آهہ،
ڪِن عيش جي ۽ خون خرابيءَ جي ڄمار،
ماڻهن ڪي جيَئڻ جو بہ تہ ڪو ڏانءُ نہ آهہ!

◇

آ. رنگ لٽڻ واسطي ڏاڙيل ٻٺون،
سرهاڻ جي ديوار ۾ آڄ سرنگھہ هٺون،
اُف، خون جي لالاڻ، مرض جي پيلاڻ،
ڇَو دوست! هتان ڇا کٽون، ڇاکاڻ کٽون؟

◇

لِيڙن ۾ جوانيءَ جي آڇڻ تي ڦٽڪي،
پوتيءَ جو پلؤ سيني ڍڪڻ لاءِ ڇڪي،
جيَن آه ڀري، ڦاٽي تهائين چولي
ڏکجي تي غريبي نہ جواني تي لِڪي!

◇

محنت ڪري جن شيام، ٻڌائي مالي
محتاج رهيا سي ۽ ٿيا تيا والي!
دنيا ڪوئي ميخانو تہ ناهي، جنهن ۾
ساغر ٿيا سرشار تہ شيشا ٿيا خالي!

◇

◇

ناٿي جي ڪري خوش نہ ٿي تون پاڻ وڪڻ،
ڪي سوچ، نہ اٿن ماڻهپي جو ماڻ وڪڻ،
ڦاسائي خريدار کو چالاڪ بڻي
ايمان، او واڻيا، نہ وکر ساڻ وڪڻ!

◇

حيوانن وانگر جي ڳهن دنيا ۾،
انسانن وانگر جي سهن دنيا ۾،
نرڳي بڻجي عمر گنوائن جيڪي
سي جنّت جا خواب لهن دنيا ۾.

◇

چڪتاڻ کان دنيا جا الڳ ٿي نہ سگهي،
دل دام ۾ دنيا جي بہ ڦاسي نہ سگهي،
هي لوڪ ۽ پرلوڪ ڇڏيائين تو لاءِ،
پر پوءِ بہ افسوس، ٿي تهنجي نہ سگهي!

◇

سمجهائيون اُپديش آجايا ئي ٿيا،
ٻوڙي ڪنين ڊپ ڏاوَ جهنم جا پيا،
جنت جي سڄي عيش جي لالچ هوندي
ٽيٽا جي هتّا ڏوهہ اُهي ٿي ئي ويا!

◇

طوفان لڳو پئَي ۽ هٺي آنڌي پيي،
وسڪار بہ ٿي ۽ چمڪي بجلي پيي،
جُهڙ آيو نهي شيام، تڏهن سڀ ڪجھ هو،
پٺجي ٿيو پورو، ويو هُو پيي هي پيي!

◇

ساوڻ ۾ من مور ٿي جهمريون پائي،
رنگين پرن ساڻ فضا چمڪائي،
نچندي بہ نمعلوم تہ چو ڪنهن ڪنهن مهل
گهنگهور گهٽائن ڏي پيو واجهائي!

◇

رم جهم لاتي مينهن، پرين ياد پئَام،
ڪانئَن وچڙئي ڏينهن بہ ڪيڏا نہ ٿئَام!
ٻوساٽيو اڄ ساھ وِڄُن ونگ وجهي،
دل ۾ چٽڪي نينهن گهٽا گهاوَ ڪِئام!

◇

مون پيي ٿي ڪڏهن درد پريا گيت ٻڌا،
ڄا آھ مگر درد، هئم ٻوجھ نہ سا،
آڄ درد جڏهن گهرڪيو منهنجي دل ۾
بس، درد پريا گيت ٻڌا ڪين ويا!

◇

مان ڪالهہ ويس پُور پچائيندو پٽَي،
سامهون تو سڏيو اوچتو ٿي رستي تي،
ٽيرائي ڇڏيءُ سلسلو ويچارن جو،
ڪو ڳاٽو جتَن ميندي ڏٺي سر بدلي!

◇

تو واسطي سپنن جو مڙهيل هار ڪٺي
مان آيس گيتن ۾ پري پيار ڪٺي،
وندي ٿي اکيون منهنجون ڇپن ساڻ ڍڪيِ،
موٽيس ٿي جيوت جو سچو سار ڪٺي!

◇

ڪيڏو نہ، جبل ۾ اڻ گهڙيل بُت هر هر
ڳولين پيا سنگتراشن جي نظر!
ائين تنهنجي نظر لاءِ سدا واجهائين
منهنجي دل ۾ شيام، لکل جي جوهر.

◇

هُو پينگهہ لڏن ساڻ ڇڙيل وار لڏن،
ڪوئل جون ڪونجارون فضا ۾ گونجن،
جتَن پينگهہ وڌائيندي بدن لچڪائي
نيري آپ ۾ ياڻءِ تہ بجليون ورڪن!

◇

ان ڀنڀ پرن هيٺ مڌر شانت بڪي،
چانرم نگاهن ۾ تي شرڌا چمڪي!
تلسيءَ تي چڙهائي جل، گهر جي ديوي
سنسار لءِ تازگيءَ جو وردان گهري!

◇

سانجهن ويلي گانءِ ڏُڌي پئي راڌا،
روپا ڪرڻا ٽٽن منجهان پئي نڪتا،
چوُنري مان پيس هارجي سپ چاندبوڪي
بڌندي ٿي آلاپ مٺا مرليءَ جا!

◇

راڌا! پايل چوڙي ڇو اُڇلائين؟
مڌبن ڪان ڪو پنڌ نه مترا تائين!
"پايل ۽ بنسيءَ جو نازڪ ناتو
سمجهين نه سڪي! هوند نه هتن سمجهائين!"

◇

راڌا راڌا هر هر راڌا راڌا،
راڌا بن ٻي وائي آتي وات نه ڪا،
راڌا به آسان جهڙي گوالڻ آهي،
ماڌو! تو منجهس نيٺ ڏٺو آهي ڇا؟

◇

هڪ ڀيرو اي شيام، مونکي مرلي ڏي،
ڪنهنکي سُر وستار تہ مون جهڙو آچي!
تنهنجيءَ مرليءَ موهيو من سيني جو،
منهنجي مرلي موهي مَنَ ـ موهن کي!

◇

ان سانوري صورت ڪري مون مات ڪئي،
دل کي ٿي نصيحت ڪري، مون مات ڪئي؛
سچ پچ تہ هٺَم شيام، شڪايت تنهنجي،
دنيا جي شڪايت ڪري مون مات ڪئي!

◇

جي منهنجن پنبڻين تي موتي چمڪيا،
هڪ ڀيري ڀي نہ تو ڇپن سان چونڊيا،
ويجهو هوندي بہ تنئين پرينِ کان ٿي پري
منهنجا سڏڪا ڪڏهن نہ تنهنجي ڪَنِ پيا!

◇

اي دوست، هتان ڀي تہ ڪڏهن ٽيندو وڃ،
هان، مرڪ جي موتين جي لڙهي نيندو وڃ؛
ڪا پيڙ، ڪوئي درد، بہ آنسون ٿي سهي،
ڏيندو وڃ، ڏيندو وڃ، ڪِي ڏيندو وڃ!

◇

# ڏسٽي

# (INDEX)

| | | | |
|---|---|---|---|
| سکيون آيون اکيون پري | نظم | 50 | 142 |
| شرد پونم | نظم | 51 | 143 |
| هجين ها شباماِ تون راڌا | گيت | 52 | 85 |
| ڏنڏلو روشن منهنجو جوڀن | گيت | 53 | 86 |
| ائين ڇو؟ | نظم | 54 | 144 |
| گيت | گيت | 55 | 87 |
| پر پوءِ پڻ | آزاد نظم | 56 | 158 |
| هيءَ ڪنهن جي آڪنڊ | وائي | 57 | 32 |
| جهرمر جهرمر روشني | وائي | 58 | 33 |
| هو تہ خود تند ڪانہ سوريندو | ترائيل | 59 | 197 |
| اچرج | نظم | 60 | 145 |
| پري ٻانورو سانورو پڙتر بن ۾! | گيت | 63 | 88 |
| شرمائين ائين ڇو ٿي؟ | گيت | 64 | 89 |
| ساجن! تو لہ هار | گيت | 65 | 90 |
| پهرين ۽ پوءِ | آزاد نظم | 66 | 149 |
| آرسيءَ سامهون | نظم | 67 | 146 |
| ڇا، تو پڇيو...؟ | نظم | 68 | 107 |
| مان وساريل ٿي چڳي | سانيٽ | 69 | 188 |
| رات جي انڌيري ۾ | نظم | 70 | 147 |
| پونباڙي | نظم | 71 | 123 |
| قطعا | قطعا | 73 - 122 | 232-271 |

## واقفيت

نالو: نارايڻ 'شيام' نارايڻ داس گوڪلداس ناگواڻي.

ڄم: 22 - جولاءِ 1922ع.

ڄم جو هنڌ: ساهتيءَ جو ڳوٺ، ڪاهي قاسم، ضلعو نوشهروفيروز، سنڌ.

تعليم: بي. اي 1942ع، ڊي. جي. سنڌ سائنس ڪاليج، ڪراچي.

ملازمت: 45 - 1946ع نوشهروفيروز ۾ پرشين ٽيچر ۽ ورهاڱي کان پوءِ
دهليءَ ۾ پوسٽ ۽ ٽيليگراف کاتي جي آڊٽ آفيس ۾ ڪلارڪ.

رٽايرمنٽ: 1980ع ۾ هيڊ ڪلارڪ جي عهدي تان.



### شاعريءَ جا ڪتاب

- ماڪ ڦڙا 1953ع (هري دلگير سان گڏ)
- پنکڙيون 1955ع
- رنگ رتي لهر 1957ع
- روشن ڇانورو 1962ع
- ماڪ ڀنا رابيل 1964ع
- واريءَ ڀريو پلاند 1968ع
- آڇيندي لڄ مران 1972ع
- مهڪي ويل صبح جي 1983ع
- نه سو رنگ - نه سا سرهاڻ 1987ع
- بوند، لهرون ۽ سمنڊ 1987ع
- ذات ۽ حيات 1988ع
- راهون پنڌ پيون 1998ع

### ترجما

- ڪبير (پرڀاڪر ماچويءَ جي انگريزي مونوگراف جو ترجمو) 1980ع
- غالب (ايم. مجيب جي انگريزي مونوگراف جو ترجمو) 1986ع

مرتيو: 10 - جنوري 1989ع نئين دهلي، ڀارت.


A ROSHNI BOOK
Poetry
Pakistan Rs.180.00